ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 13 جنوري 2026 ع 23 رجب المرجب 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه شمارو (151)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

دهشتگردي جا نظريا ڦهلائيندڙن جو اسلام ۽ پاڪستان سان تعلق ناهي، دهشتگردن کي هٿي ڪا جاءِ نہ ملندي: وفاقي حڪومت

دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جا جيڪي نظريا هر ٻئي ڏينهن ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، انهن جو نہ اسلام سان ڪو تعلق آهي، نہ پاڪستان سان ۽ نہ ئي انسانيت سان آهي

قومي پيغام امن ڪميٽي جو پشاور جو دورو انتهائي ڪارائتو ثابت ٿيندو جتي سمورن مڪتب فڪر جي عالمن سان مشاورت ڪئي ويندي ۽ ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو ويندو تہ اهو پيغام گهر گهر پهچي

اسلام آباد ڪچهري جي واقعي ۾ ملوث عنصرن ۽ انهن جي هينڊلرز کي گرفتار ڪيو ويو، انهن کان ملندڙ مواد ان ڳالهہ جو واضح ثبوت آهي تہ انهن جو اسلام سان پري پري تائين ڪو تعلق نہ آهي

فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج ڀارت مان فنڊنگ وصول ڪري پاڪستان ۾ اچي ڌماڪا ڪن ٿا اهو ڪهڙو اسلام آهي؟ افغان حڪومت جا ڀارت سان بار بار رابطا ۽ ڳالهہ ٻولهہ بہ هڪ سواليہ نشان آهي

دهشتگرد عنصر سافٽ ٽارگيٽس کي نشانو بڻائين ٿا، ڪڏهن ڪچهرين تي حملا ڪن ٿا ۽ ڪڏهن ٻارن جي بسن کي نشانو بڻائين ٿا، وزيراعظم جي قيادت ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي عزم تحت پوري قوم گڏ آهي

ڀارت پاران نہ رڳو دهشتگردي جي بيانيي کي فروغ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي پر فارن فنڊنگ ايجنڊا ۽ افغانستان جي سرزمين کي بہ استعمال ڪيو وڃي ٿو: وفاقي وزير اطلاعات عطاءُ الله تارڙ جو امن ڪميٽي ڪانفرنس ۾ خطاب

اسلام آباد (اپي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ دهشتگردي جا نظريا ڦهلائيندڙن جو نہ تہ اسلام سان ڪو تعلق آهي نہ پاڪستان سان ۽ نہ ئي انسانيت سان. قومي پيغام امن ڪميٽي جو مقصد امن جي پيغام کي ڦهلائڻ آهي، اسلام امن جو مذهب آهي اهو پيغام گهر گهر پهچايو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهہ سومر ڏينهن قومي امن ڪميٽي ڪانفرنس جي صدارت ڪندي ڪيو ان موقعي تي پاڪستان علماءِ ڪائونسل جو چيئرمين حافظ طاهر محمود اشرفي سميت ٻيا عالم پڻ موجود هئا. اطلاعات واري وفاقي وزير خطاب ڪندي چيو تہ قومي پيغام امن ڪميٽي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

صدر مملڪت جي صحيح بنا اسپيشل اڪنامڪ زونز آرڊيننس جاري، پ پ جو احتجاج، ايوان مان واڪ آئوٽ

ايوان جي پرائمري ذميواري قانون سازي آهي پر پهريون ڀيرو حڪومت هڪ اهڙو آرڊيننس لاڳو ڪيو، جنهن جي صدر منظوري ناهي ڏني، ان قانون سازي جي ڪا حيثيت ناهي: سيد نويد قمر

صدارتي آرڊيننس ملڪي پارلياماني تاريخ جو ڪارو ترين ڏينهن آهي، جيڪو صدر جي منظوري ۽ سندس صحيحن کانسواءِ جاري ڪيو ويو، وفاقي حڪومت اهو قدم ڪيئن کنيو اهو سمجهہ کان مٿي آهي

آئيني خلاف ورزي تي پ پ ايوان مان واڪ آئوٽ ڪري ٿي (پ پ ميمبر) پ پ ميمبر منهنجي ڳالهہ ٻڌن، اها ڳالهہ اسان جي نوٽيس ۾ آندي وئي آهي، جيڪا سوشل ميڊيا تي هلي رهي آهي: اعظم نذير تارڙ

حڪومت طرفان واضح ڪريان ٿو تہ جيستائين صدر منظوري نہ ڏيندو اسان ان کي نوٽيفاءِ نہ ڪنداسين (وزير قانون) پ پ چيئرمين صدر جي صحيحن بنا اسپيشل اڪنامڪ زونز آرڊيننس جاري ڪرڻ تي پارلياماني پارٽي اجلاس گهرائي ورتو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پ پ صدر آصف علي زرداري جي صحيحن بنا اسپيشل اڪنامڪ زونز آرڊيننس جاري ڪرڻ تي قومي اسيمبلي مان واڪ آئوٽ ڪري ڇڏيو. قومي اسيمبلي جي اجلاس دوران پ پ ميمبرن واڪ آئوٽ ڪيو. پ پ اڳواڻ نويد قمر چيو تہ هن ايوان جي پرائمري ذميواري قانون سازي آهي پر پهريون ڀيرو حڪومت هڪ اهڙو آرڊيننس لاڳو ڪيو بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

نار ملڪن ۾ پاڪستاني افرادي قوت جي کپت لاءِ قدمن ۾ تيزي آندي وڃي: وزيراعظم

پاڪستاني افرادي قوت کي عالمي سطح تي مقابلي جي لاءِ عالمي سرٽيفڪيشنز جي فراهمي خوش آئنده آهي

الله جي فضل ۽ ڪرم سان نيوٽيڪ تحت ٽيڪنيڪي ۽ فني تربيتي پروگرامز جا مثبت نتيجا سامهون اچي رهيا آهن

نيوٽيڪ پاران وزيراعظم جي تفويض ڪيل تربيتي پروگرامز جا هدف حاصل ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويو: اجلاس ۾ بريفنگ

اسلام آباد (اپي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستاني افرادي قوت کي عالمي سطح تي مقابلي لاءِ عالمي سرٽيفڪيشنز جي فراهمي کي خوش آئنده قرار ڏيندي نار ملڪن ۾ پاڪستاني افرادي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

نيٽو جا ميمبر ملڪ گرين لينڊ تي تعميري ڳالهيون ڪري رهيا آهن: آمريڪي جنرل

اتحادين مائي سمٿ جي ڪائونسل اندر برسلز ۾ ڳالهيون جاري آهن: جنرل ايلڪسوس گرينڪيوچ

اسٽاڪ هوم (اپي پي) يورپ ۾ نيٽو فوج جي سپريم ڪمانڊر آمريڪي جنرل ايلڪسوس گرينڪيوچ چيو آهي تہ نيٽو جا بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

چين ڪيترن ئي ملڪن ۾ نوان سفير مقرر ڪري ڇڏيا

بيجنگ (اپي پي) چين جي صدر شي جن پنگ نيشنل پيپلز ڪانگريس جي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

تحريڪ انتشار وارا جڏهن بہ وات کولين ٿا، دهشتگردن جي سهولتڪاري ڪن ٿا: وزير اطلاعات

وزيراعليٰ سهيل آفريدي افغانستان جي ترجمان جي طور ڳالهائي رهيو آهي جيڪو شرمناڪ آهي: عطا تارڙ

افغانستان جي سرزمين جي دهشتگردي جي ڪاررواين جي لاءِ استعمال ٿيڻ جا ناقابل ترديد ثبوت پڻ موجود آهن

فتنہ الخوارج قابل قبول نہ آهن، انهي لاءِ پاڪستان کي نشانو بڻايو وڃي ٿو، سهيل آفريدي کي هوش کان ڪم وٺڻ گهرجي

اسلام آباد (اپي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ خيبرپختونخواهہ جو وڏو وزير سهيل آفريدي اڄ افغانستان جي ترجمان جي طور تي ڳالهائي رهيو آهي جيڪو انتهائي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

بنون ۾ دهشتگردن جو بزدلاڻو حملو ناڪام

پشاور (اپي پي) بنون پوليس گذريل ڏينهن ٿاڻي ڊوميل جي حدن ۾ واقع بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي آئيني عدالت جي عمارت جي افتتاحي تقريب ۾ چيف جسٽس سان گڏ وفاقي وزير اعظم نظير تارڙ پڻ موجود آهي

ٽيڪنالاجي جي استعمال سان شهرين لاءِ حڪومتي سهولتن تائين پهچ آسان بڻائڻ جي هدايت

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ اين آءِ ٽي بي جي معاملن بابت جائزہ اجلاس ٿيو، مختلف آپشنز تي غور

وزيراعظم آءِ ٽي وزارت ۽ ٻين لاڳاپيل وزارتن پاران اسلام آباد ۾ آسان خدمت مرڪز قائم ڪرڻ جي لاءِ ڀرپور تيارين کي ساراهيو

حاجين جي سهولت لاءِ هن ئي سال حج جي سمورن ضروري مرحلن کي مڪمل ڊيجيٽائيز ڪيو وڃي: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (اپي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ٽيڪنالاجي جي استعمال سان شهرين جي لاءِ حڪومتي سهولتن تائين پهچ وڌيڪ آسان بڻائڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي تہ حاجين جي سهولت لاءِ هن ئي سال حج جي سمورن مرحلن کي مڪمل ڊيجيٽائيز ڪيو وڃي، گڏجاڻي سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سعيد مهدي جي ڪتاب جو ڪراچي ۾ مهورت، سوين مهمان شريڪ

شازيہ عطا مري، ڊاڪٽر عشرت حسين، معين الدين حيدر ۽ مظهر عباس خطاب ڪيو

نواب ڪيفي ۽ اميذہ سيد پڻ ڪتاب تي ڳالهايو سراج الدين عزيز مفتاح اسماعيل ۽ ٻيا شريڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نامور ڪاموري ۽ ليکڪ سعيد مهدي جي ڪتاب دي آءِ وٽنيس اسٽينڊنگ ان دي شيڊو آف پاڪستانس هسٽري جيڪو لائيٽ اسٽون پبلشر پاران شايع ڪيو ويو آهي ان جو بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جو صدر هارون رشيد سپريم ڪورٽ ۾ فيسيليٽيشن سينٽر جو افتتاح ڪري رهيو آهي

هم آهنگي ۽ باهمي رابطن سان عوامي شڪايتن جو فوري ازالو ڪري سگهجي ٿو: ناصر شاهہ

صوبائي وزير سان جماعت اسلامي جي امير منعم ظفر جي اڳواڻي ۾ ٽائون چيئرمينن ملاقات ڪئي

سڀني لاڳاپيل ادارن ۽ چيئرمينن وچ ۾ رابطن ۽ هم آهنگي کي يقيني بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي بلديات واري وزير ناصر حسين شاهہ سان جماعت اسلامي جي امير منعم ظفر جي اڳواڻي ۾ ٽائون چيئرمينن جي ملاقات ٿي ملاقات ۾ لوڪل گورنمينٽ، واٽر اينڊ سيوريج بورڊ، سالڊ ويسٽ سميت ٻين لاڳاپيل ادارن جي عملدارن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ بس جي ٽڪر ۾ اسڪول جي عورت پرنسپال فوت، مڙس ۽ پٽ زخمي

ڪورنگي ۾ بس جي ٽڪر ۾ خانگي اسڪول جي پرنسپل 35 سالن جي سمرين فوت ٿي وئي

موٽرسائيڪل سوار عورت جو مڙس مڙس آصف ۽ 8 سالن جو پٽ زخمي، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ڪورنگي نمبر 4 علائقي ۾ هڪ بس جي ٽڪر ۾ 35 سالن جي عورت فوت ٿي وئي سمرين هڪ خانگي اسڪول جي پرنسپل هئي پوليس چيو تہ حادثي وقت هوءَ پنهنجي مڙس آصف ۽ 8 سالن جي پٽ سان موٽرسائيڪل تي اسڪول وڃي رهي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صنعتن ۽ پيداوار بابت وزيراعظم جو خاص معاون هارون اختر گاڏين لاءِ شيشا تيار ڪندڙ فيڪٽري جو دورو ڪري رهيو آهي

رتوديرو ويجهو هٿيارٻندن هٿان ٽريننگ تي ويندڙ 23 پوليس اهلڪار يرغمال، رقم، موبائل فونن ۽ ويگن ڦر

ڳوٺ پانڊو قبو واري علائقي ۾ هٿياربند ڌوهارين جي ٽولي ڪشمور ضلعي جي اهلڪارن جي ويگن کي روڪيو

جوابدار 23 پوليس اهلڪارن، ڊرائيور ۽ ڪنڊڪٽر کان ڦرلٽ ڪرڻ بعد ويگن ڪاهي فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي متاثر اهلڪارن کان تفصيل ورتا، ڌوهارين جي ڳولا شروع

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) رتوديرو ٿاڻي جي حد ڳوٺ پانڊو قبو واري علائقي ۾ اڄ هٿياربند ڌوهارين جي ٽولي لاڙڪاڻو ٽريننگ اسڪول ويندڙ ضلعي ڪشمور جي 23 پوليس اهلڪارن، ڊرائيور ۽ ڪنڊڪٽر بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

مس انفارميشن موجوده دور جو سڀ کان وڏو ۽ سنگين چيلينج آهي: وزير اطلاعات

حڪومت، ميڊيا، تعليمي ادارن ۽ سول سوسائٽي کي چيلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

پاڪستان هر قسم جي دهشتگردي خلاف جنگ ۾ انتهائي موثر انداز ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي

اسلام آباد (اپي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ مس انفارميشن موجوده دور جو سڀ کان وڏو بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ٽرمپ پاڻ کي وينزويلا جو "وقتي صدر" قرار ڏئي ڇڏيو

جنوري 2026 کان ڏکڻ آمريڪي ملڪ وينزويلا جو صدر آهيان: ٽرمپ

پوسٽ ۾ جي ڊي وينس کي وينزويلا جو قائم مقام نائب صدر بہ قرار ڏنو ويو

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاڻ کي وينزويلا جو قائم مقام صدر ڊڪليئر ڪري ڇڏيو. ڊونلڊ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

عالمي لاڳاپن ۾ طاقت جي استعمال جي مخالفت ڪريون ٿا: چين

سڀني ملڪن جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي استحڪام جي احترام کي اهم سمجهون ٿا

ڪنهن بہ تڪرار جو حل فوجي طاقت ذريعي نہ پر ٻہ طرفين ڳالهين ۽ سياسي عمل ذريعي ڪڍڻ گهرجي

بيجنگ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران ۾ آمريڪا جي فوجي ڪارروائي جي ڌمڪي تي چين جو اهم بيان سامهون آيو. چين جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ٽرمپ جو حشر بہ فرعون، نمرود ۽ رضا شاهہ جهڙو ٿيندو: ايراني سپريم ليڊر

تڪبر ۾ ٻڏل هڪ شخص سڄي دنيا جي فيصلا ڪري رهيو آهي، کيس سمجهڻ گهرجي تہ طاقتور حڪمرانن جو حشر ڪهڙو ٿيو

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران جي سپريم ليڊر آيت الله خامنہ اي چيو آهي تہ فرعون نمرود ۽ رضا شاهہ سان جيڪو ٿيو ٽرمپ سان بہ اهو ئي ٿيندو سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ آيت الله خامنہ اي چيو تہ تڪبر ۾ ٻڏل هڪ شخص سڄي دنيا جي فيصلا ڪري رهيو آهي، کيس اهو بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو ايم ڊي گهنور لغاري گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

ميرپورخاص کان پوءِ لاڙڪاڻي ريجن ۾ 1680 استادن کي تربيت ڏني ويندي: گهنور لغاري

سنڌ حڪومت پاران ابتدائي تعليم بهتر بڻائڻ لاءِ استادن جي تربيت جو عمل وڌيڪ تيز ڪيو آهي

استادن جو جذبو ۽ محنت حڪومت سنڌ جي تعليمي سڌارن جي ڪاميابي جو ثبوت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حڪومت سنڌ پاران سنڌ ۾ ابتدائي تعليم کي بهتر بڻائڻ لاءِ استادن جي تربيت جو عمل وڌيڪ تيز ڪيو ويو آهي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ذريعي ميرپورخاص ريجن ۾ 1300 استادن بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هندو برادري جي اجتماعي شادين جي تقريب، ايم پي اي شيام سندر جي شرڪت

وڏي وزير جي خاص مددگار نون شادي شده جوڙن ۾ مالي مدد جا چيڪ ۽ تحفا آشيرواد طور ورهايا

وڏي انگ ۾ نياڻين جا گهر وسائڻ رحمت، انسانيت ۽ فلاحي خدمت جو بهترين مثال آهي: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ وزيراعليٰ سنڌ جي اقليتي معاملن بابت خاص مددگار ڊاڪٽر شام سندر اڏواڻي پاڪستان هندو ڪائونسل جي اهتمام هيٺ منعقد ٿيندڙ 19هين اجتماعي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

عارف حبيب پي آءِ اي کان پوءِ بليو اڪانومي ۾ سيڙپڪاري لاءِ متحرڪ ٿي ويو

هن پاڪستان نيشنل شپنگ ڪارپوريشن جي انتظاميا سان هڪ اهم ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ ملڪ جي سامونڊي وسيلن جي بهتر استعمال ۽ سيڙپڪاري بابت تفصيلي ڳالهيون ٿيون: ذريعا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) معروف ڪاروباري شخصيت عارف حبيب جون پي آءِ اي کان پوءِ بليو اڪانومي ۾ بہ سيڙپڪاري جون تياريون معروف ڪاروباري شخصيت عارف حبيب پي آءِ اي کان پوءِ هاڻي بليو بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

صنفي بنياد تي تشدد جي ڪيسن ۾ شفاف ۽ اثرائتي ڪارروائي کي يقيني بڻايو وڃي: آءِ جي

عوام کي بهتر پوليس سروس سميت، عورتن ۽ ڪمزور گروپن جي حفاظت کي پهرين ترجيح ڏني وڃي

وسيلن جي بهتر استعمال ۽ جديد گهرجن مطابق انتظامي سڌارن جي عمل کي تيز ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ سنڌ پوليس جي مختلف شعبن جي ڪارڪردگي ۽ مستقبل جي حڪمت عملي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ڊي آءِ جي هيڊ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نامعلوم هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ عورت قتل، ٻي زخمي

شرافي ڳوٺ حد مانسهرا ڪالوني پرسان فائرنگ ۾ اسما زال ايم هارون کي قتل ٿي وئي

فائرنگ دوران سميڪا ڌي ايم اسماعيل زخمي ٿي پئي، واقعو ذاتي دشمني لڳي ٿو: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي شرافي ڳوٺ ٿاڻي جي حد مانسهرا ڪالوني پرسان اوپل ميڊيسن کو جي ويجهو نامعلوم هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ اسما زال ايم هارون کي قتل ٿي وئي جڏهن تہ سميڪا ڌي ايم اسماعيل زخمي ٿي پئي ذريعن جو چوڻ آهي تہ مقتولا ڊيوٽي ختم بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

آزاد ۽ مضبوط صحافت جمهوريت جو بنياد آهي: ميئر حيدرآباد

پريس ڪلب جي چونڊن صحافتي اتحاد ۽ جمهوري شعور کي اجاگر ڪيو آهي: ڪاشف شورو

اميد آهي تہ چونڊيل عهديدار صحافتي برادري جي اعتماد تي پورو لهندا

حيدرآباد (رپورٽ: اعجاز لغاري) ميئر حيدرآباد ڪاشف علي شورو پريس ڪلب حيدرآباد پهچي ساليانين چونڊن ۾ ڪامياب ٿيندڙ نون چونڊيل حيدرآباد پريس ڪلب جي صدر جنيد خانزادہ، نائب صدر بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ميئر ڪاشف شورو پريس ڪلب جي نئين چونڊيل باڊي کي مبارڪ ڏيڻ لاءِ ٽائون چيئرمين سان گڏ اچڻ وقت تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي (فوٽو: اختر پيرزادو)

پرڏيهي سيڪريٽري آمنہ بلوچ 5 ڏينهن واري سائبر صلاحيت سازي ۽ پاليسي تربيتي پروگرام جو افتتاح ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (اپي پي) پرڏيهي سيڪريٽري آمنہ بلوچ 5 ڏينهن واري سائبر بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو اڳوڻو ٽيسٽ ڪرڪيٽر محمد الياس لاڏاڻو ڪري ويو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻو ٽيسٽ ڪرڪيٽر محمد الياس 79 ورهين جي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ قمبر جي ڳوٺاڻي پوڙهيت جو مالي سهائتا لاءِ پريس ڪلب آڏو احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ قمبر تعلقي جي ڳوٺ غازي خان چانڊيو جي رهواسي پوڙهيت نوجوان مالي سهائتا لاءِ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيٽ جي صحت بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين سينيٽر عامر ولي الدين تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ پراسرار نموني گم ٿيل ذهني معذور نياڻي جي ڳولا ۾ مدد لاءِ وارث جو احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي پراڻي ٽنڪ چوڪ واري علائقي جي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ رهواسين جو پاڪ ڪتاب کڻي پراسرار نموني گم ٿيل نينگر جي ڳولا ۾ مدد لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي نظر پاڙي جي لوهي پل واري علائقي جي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

جڊيشل ڪميشن پاران اسلام آباد ۽ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي ججن کي مستقل ڪرڻ جي منظوري

اجلاس جسٽس محمد اعظم خان، جسٽس محمد آصف ۽ جسٽس انعام امين منهاس جي مستقل مقرري جي منظوري ڏني

آئيني بينچن لاءِ ججن جي نامزدگي جي معيار تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي قائم، جسٽس ايوب خان جي منظوري جي سفارش رد

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جڊيشل ڪميشن آف پاڪستان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 3 ايڊيشنل ججن جي مستقل مقرري جي سفارش ڪري ڇڏي. جڊيشل ڪميشن آف پاڪستان جي اڄ ٿيندڙ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس نيشنل جڊيشل ڪميشن جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

وزير قانون سان يونيورسٽي آف لنڊن جي وفد جي ملاقات، قانوني تعليم ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

اعظم نذير تارڙ سان پرو وائيس چانسلر (تعليم) پروفيسر فلپ آل مينڊنگر جي قيادت ۾ هڪ وفد ملاقات ڪئي

ڳالهين جو محور عالمي تعليمي ادارن ۽ مقامي يونيورسٽين وچ ۾ گڏيل تعليمي پروگرامن ذريعي سهڪار کي مضبوط بڻائڻ هو

وفاقي وزير بامعنيٰ ۽ ڊگهي مدي واري تعليمي حصيداري کي هٿي وٺائڻ لاءِ پاڪستان جي ڀرپور حمايت ۽ سهڪار جي خاطري ڪرائي

اسلام آباد (اپي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ سان يونيورسٽي آف لنڊن جي پرو وائيس چانسلر (تعليم) پروفيسر فلپ آل مينڊنگر جي قيادت ۾ هڪ وفد ملاقات ڪئي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اورڪزئي ۾ امن لشڪر تي حملو، 2 ڄڻا شهيد، 3 دهشتگرد مارجي ويا

اورڪزئي جي علائقي يغ ڪنڊا ۾ امن لشڪر تي دهشتگردن حملو ڪيو هو

پشاور (اپي پي) خيبر پختونخوا جي اورڪزئي ضلعي ۾ امن لشڪر تي دهشتگردن جي حملي ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبليءَ جو موجوده اجلاس 23 جنوريءَ تائين جاري رکڻ جو فيصلو

اسلام آباد (اپي پي) قومي اسيمبليءَ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ٽانڪ ۾ پوليس جي بڪتربند گاڏي تي حملو، ايس ايڇ او سميت 6 اهلڪار شهيد

ڪي پي ڪي ۾ ٽانڪ جي علائقي گومل ۾ پوليس جي بڪتربند گاڏي تي ريموٽ ڪنٽرول بم حملو ڪيو ويو

حملو ٽانڪ جي علائقي ڪرڙ ولي کان 25 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڪيو ويو، پوليس جي بڪتربند گاڏي مڪمل طور تباهہ ٿي وئي

حملي ۾ شهيد ٿيلن ۾ ايس ايڇ او اسحاق، اي ايس آءِ شبير عالم، شفيع، حضرت علي، احسان الله مجيد ڊرائيور شامل

پشاور (اپي پي) پشاور جي علائقي ٽانڪ ۾ پوليس جي بڪتربند گاڏي تي حملي جي نتيجي ۾ ايس ايڇ او سميت 6 اهلڪار شهيد ٿي ويا. ڊي پي او ٽانڪ شبير حسين شاهہ مطابق ڪي پي ڪي ۾ ٽانڪ جي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام

ڪراچي: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن روبينا خالد لياري ۾ ٿيل تقريب ۾ شريڪ آهي

اسرائيل جي فوج هٿان والاريل اولهندي ڪناري ۾ رڍڪ هڪ فلسطيني شهيد

والاريل بيت المقدس (اپي پي) اسرائيل جي فوج والاريل اولهندي ڪناري ۾ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

منگوليا ۾ ٽرڪ برف سان جميل ڍنڍ ۾ ڪري پئي، 2 ڄڻا فوت

اولان باتور (اپي پي) منگوليا جي صوبي خووسگل ۾ ٽرڪ برف سان جميل ڍنڍ ۾ ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ 2 ماڻهو بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ اسٽريٽجڪ پائيداري ۽ ڪنڊي ۾ مرچن جي پروسيسنگ يونٽ بحالي جو فيصلو

وڏي وزير مراد علي شاهہ ۽ وزيراعظم جي خاص مددگار هارون اختر وچ ۾ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو

مختلف ادارن پاران ننڍن ۽ وچولي ڪاروبار جون مختلف تعريفون هجڻ سبب مونجهارو وڌي رهيو آهي

پائيداري جو مقصد مرچ جي ويليو چين کي جديد بڻائڻ آهي، جيڪا اهم بنيادي ضرورت آهي: وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ۽ وزيراعظم جي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: دفاعي پيداوار جو وفاقي وزير رضا حيات هراج انڊونيشيا جي دفاع واري وزير ليفٽيننٽ جنرل (ر) شافري شمس الدين کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ملڪ کي معاشي ۽ سياسي بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ گڏجي ويهڻو پوندو: لياقت بلوچ

هر سياسي جماعت کي عوام تائين پنهنجو پيغام پهچائڻ جو حق حاصل هجڻ گهرجي

سامراجي نظام موروثي قيادت جي تبديلي سان ئي ملڪ ۽ قوم جي تقدير بدلائي سگهجي ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي جي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گورنر ڪئناڊا هاءِ ڪمشنر جي ملاقات، مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

ڪامران خان ٽيسوري ڪئناڊا هاءِ ڪمشنر کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني

گورنر هائوس ۾ نوجوانن کي مفت آئي ٽي تعليم فراهم ڪرڻ هڪ مثالي قدم آهي: طارق علي خان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪئناڊا هاءِ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پنهنجي نياڻين کي تعليم ڏيو ۽ اولاد جي بهتر تربيت تي خاص ڌيان ڏيو: پير پاڳارو

جيڪي فيصلا مون ڪيا آهن، اهي جماعت جي ڀلائي لاءِ ڪيا آهن ۽ اهي فيصلا واپس نہ وٺندس

جماعت جون نياڻيون پڙهي لکي ڊاڪٽر ۽ ليڪچرار بڻجي رهيون آهن، جنهن تي مونکي فخر ۽ خوشي آهي

الله تعاليٰ ننڍن جي دلين ۾ ادب احترام پيدا ڪري ۽ وڏا بہ ننڍن سان عزت سان پيش اچن

خانپورمهر (رپورٽ: سريچند ڪيول) حرجماعت جي روحاني پيشوا چيو آهي تہ گذريل سال بلوچستان سفر دوران مونکي تمام گهڻي خوشي ٿي جڏهن ٻڌايو ويو تہ جماعت جون نياڻيون پڙهي لکي ڊاڪٽر ليڪچرار ۽ ٻين عهدن تي پهتيون آهن. پنهنجي اولاد تي خاص توجهہ ڏيو اهي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

خانپور مهر: حرن جو روحاني پيشوا پير پاڳارو روحاني دوري دوران مريدن کي خطاب ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي نوجوان کان موبائيل فون ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ هڪ ڦورو سوگهو، هڪ فرار

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مارڪيٽ ٿاڻي جي حد مصروف علائقي رائل روڊ تي ٻن نامعلوم هٿيارٻند ڦورن مبينا طور هڪ نوجوان کان موبائيل فون ڦر بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ واپاري کي ڀتي جي پرچي ڏيڻ لاءِ ايندڙ جوابدار مقابلي ۾ مارجي ويو

ڪارادر پوليس جو پيٽرولنگ دوران لياري گينگ وار جي ڪارندن سان مقابلو ٿيو

ڀتا خوري گروپ جو جوابدار شاهزيب مارجي ويو، ڀتي جي پرچي، موبائل فون ۽ پسٽول هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ سٽي ۾ گذريل رات پوليس مقابلي ۾ درجنين ڀتا خوري ۽ فائرنگ جي واقعن ۾ ملوث بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

معصوم ۽ بيگناهہ شهرين جي قاتلن کي هر حال ۾ انجام تائين پهچايو ويندو: گهرو وزير

ايس آءِ يو ۽ سي آءِ اي جي ڪارروائي ۾ شهري جي قتل ۾ ملوث ٻہ جوابدار مارجڻ تي پوليس ٽيم جي ساراهہ

مارجي ويل جوابدارن ڦر دوران فائرنگ ڪري شهري ولي خان کي قتل ڪري ڇڏيو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايس آءِ يو ۽ سي آءِ اي جي ڏوهن خلاف وڏي ڪارروائي ڦر دوران شهري جي قتل ۾ مطلوب ٻہ جوابدار بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏو وزير مراد علي شاهہ سڀاڻي عمرڪوٽ پهچندا

ٿر انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرنگ سائنس ٽيڪنالاجي گوٺ منڱرو پڻي جو افتتاح ڪيو ويندو

پارٽي پاران چيئرمين جي استقبال جون تياريون، اڳواڻن ۽ چونڊيل نمائندن کي شرڪت جي هدايت

عمرڪوٽ (رپورٽ: قاضي يوسف) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ سڀاڻي اربع ڏينهن بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري ڪئناڊا جي هاءِ ڪمشنر طارق علي خان کي ٽوپي پارائي رهيو آهي

سنڌ ۾ 18 کان 22 جنوري تائين برسات جو امڪان آهي: موسميات کاتو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) موسميات کاتي موجب موسم جي ماڊلز مطابق صوبي سنڌ ۾ 18 جنوري کان 22 جنوري تائين اولهہ جي سسٽم مان برسات جو امڪان آهي سنڌ ۾ ڪراچي ڊويزن حيدرآباد ڊويزن بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس مقابلو، ڦر ۽ قتل جهڙن سنگين ڏوهن ۾ ملوث ٻہ ڌاڙيل مارجي ويا

ايس آءِ يو جي ٽيم قتل ڪيس جي گرفتار جوابدار جي نشاندهي تي وڌيڪ گرفتارين لاءِ ڪارروائي ڪئي

ڇاپي دوران پوليس ۽ ڏوهارين ۾ مقابلي دوران بہ واقعي ۾ ملوث جوابدار بلال ۽ نقاش مارجي ويا

مارجي ويل ٻئي جوابدار ڪيترن ئي سالن کان ڦر ۽ قتل جهڙن سنگين ڏوهن ۾ ملوث هئا: ايس ايس پي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ پوليس سان فائرنگ ۾ ٻن جوابدارن جي مارجڻ جي حوالي سان پوليس انڪشاف ڪيو آهي تہ مارجي ويل ٻئي جوابدار ڪيترن ئي سالن کان ڦر ۽ قتل جهڙن سنگين ڏوهن ۾ ملوث بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 واڪ آئوٽ

جنهن جي صدر منظوري ناهي ڏني هن چيو ته ان قانون سازي جي ڪا حيثيت ناهي، هنن حالتن ۾ اسان ايوان جو حصو نٿا بڻجي سگهون صدارتي آرڊيننس ملڪي پارلياماني تاريخ جو ڪارو ترين ڏينهن آهي جيڪو صدر جي منظوري ۽ سندس صحيحن کانسواءِ جاري ڪيو ويو وفاقي حڪومت اهو قدم کڻي ڪيئن اهو سمجهه کان مٿي آهي آئيني خلاف ورزي تي پ پ ايوان مان واڪ آئوٽ ڪري ٿي قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ چيو ته پ پ ميمبر منهنجي ڳالهه ٻڌن اها ڳالهه اسان جي نوٽيس ۾ آندي وئي آهي جيڪا سوشل ميڊيا تي هلي رهي آهي سندس چوڻ هو ته حڪومت طرفان واضح ڪيان ٿو ته جيستائين صدر منظوري نه ڏيندو اسان ان کي نوٽيفاءِ نه ڪنداسين هوڏانهن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صدر جي صحيحن بنا اسپيشل اڪنامڪ زونز آرڊيننس جاري ڪرڻ تي پارلياماني پارٽي اجلاس گهرائي ورتو ذريعن جو چوڻ آهي ته اجلاس ۾ پ پ پنهنجي خدشن تي ميمبرن سان مشاورت ڪندي

بقايا 2 وزيراعظم

قوت جي کپت جي لاءِ پرڏيهي وزارت ۽ سمنڊ پار پاڪستانين واري وزارت کي قدم تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ڪالهه سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ملڪ ۾ پيشيوارانه تربيت جي نئين متعارف ڪرايل ايڪو سسٽم تي جائزه اجلاس ٿيو جنهن ۾ نيوٽيڪ تحت جاري تربيتي پروگرامز جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. وزيراعظم محمد شهباز شريف نيوٽيڪ جي ڏاڍي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪندي ٽيڪنيڪي ۽ فني تربيتي پروگرامز جي نئين هدفن جو تعين ڪرڻ ۽ اپرينٽس شپ قانون تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي وزيراعظم پاڪستاني افرادي قوت کي عالمي سطح تي مقابلي جي لاءِ عالمي سرٽيفڪيشنز جي فراهمي کي خوش آئنده قرار ڏيندي هدايت ڪئي ته ٻاهرين ملڪن ۾ پاڪستاني افرادي قوت جي کپت جي لاءِ پرڏيهي وزارت ۽ سمنڊ پار پاڪستانين واري وزارت قدمن ۾ تيزي آڻين هن چيو ته پاڪستاني نوجوان افرادي قوت صلاحيتن سان ڀرپور آهي انهن جي صلاحيتن کي استعمال ۾ آڻڻ جي لاءِ نيوٽيڪ جي ذريعي هڪ تفصيلي پروگرام جي شروعات ڪئي هن چيو ته الله جي فضل ۽ ڪرم سان نيوٽيڪ تحت ٽيڪنيڪي ۽ فني تربيتي پروگرامز جا مثبت نتيجا سامهون اچي رهيا آهن. وزيراعظم نيوٽيڪ جي سمورن پارٽنر تربيتي ادارن ۾ تربيت هيٺ شاگردن ۽ استادن جي لاءِ بائيو ميٽرڪ نظام تحت حاضري جو نظام لاڳو ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن صوبائي ادارن سان تعاون کي يقيني بڻائيندي نيوٽيڪ جي پروگرامز کي سگهه ڏيڻ جي پڻ هدايت ڪئي ته جيئن وڌ کان وڌ افرادي قوت کي تربيت فراهم ڪري سگهجي. وزيراعظم چيو ته عالمي سطح تي وڌيڪ گهرج وارن هنر جي حوالي سان نوجوانن کي عالمي سرٽيفڪيشن سان گڏ تربيت جي فراهمي اولين ترجيح آهي وزيراعظم حڪم ڏنو ته نيوٽيڪ تحت جن ادارن جي ڪارڪردگي اطمينان جوڳي نه آهي انهن جي ميمبرشپ معطل ڪري ڪارروائي ڪئي وڃي، نيوٽيڪ جي نظام جي مڪمل ڊيجيٽائيزيشن ۽ آن لائين مانيٽرنگ جي نظام کي وڌيڪ موثر بڻايو وڃي. اجلاس ۾ نيوٽيڪ سان گڏ ڪم ڪندڙ نجي شعبي جي ٿرڊ پارٽي ويليڊيٽرز صنعتي شعبي جي حصيدارن پيشيوارانه فرمز، چيمبرز آف ڪامرس جي نمائندن ڪاروباري ايسوسيئيشنز جي نمائندن ۽ مصنوعي ذهانت ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي شعبي جي ماهرن شرڪت ڪئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته نيوٽيڪ پاران وزيراعظم جي تفويض ڪيل تربيتي پروگرامز جا هدف حاصل ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويو نيوٽيڪ پنهنجي پيشيوارانه تربيتي پروگرامز جي ٿرڊ پارٽي ويليڊيشن کي يقيني بڻائي رهي آهي جنهن ۾ تربيتي پروگرامز ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين جي بائيوميٽرڪ حاضري سان گڏوگڏ ٽرينرز جي اعليٰ معيار کي پڻ يقيني بڻايو پيو وڃي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته نيوٽيڪ تحت پاڪستان جو پهريون اسڪل بيسڊ بانڊ جاري ڪيو ويو آهي جنهن تحت نجي شعبي کان پيشيوارانه تربيت جي لاءِ نتيجن جي بنياد تي فنڊنگ ورتي ويندي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته انفارميشن ٽيڪنالاجي، زراعت، فن ٽيڪ، ڪاٿين جي ڪرڻائي، سياحت، اسپورٽس هاسپيٽيلٽي، چپ ڊزائننگ سان گڏوگڏ عالمي سطح تي ڊيمانڊ جي لحاظ کان تربيتي پروگرامز هن وقت نيوٽيڪ تحت سڄي ملڪ ۾ جاري آهن. پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو نيوٽيڪ جا ٽيڪنيڪي ۽ فني تربيت جا سمورا پروگرام انڊسٽري جي ضرورتن سان هم آهنگ ڪيا ويا آهن ان مقصد جي لاءِ سڄي ملڪ مان 148 صنعتن کي پروگرامز ۾ شامل ڪيو ويو آهي ان کانسواءِ سڄي ملڪ ۾ مدرسن ۾ پڻ تربيتي پروگرامز جاري ڪيا ويا آهن اجلاس کي انهن پروگرامز ۾ ڪاميابي سان فارغ ٿيندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين بابت پڻ ٻڌايو ويو اجلاس کي انگن اکرن تي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته گذريل سال نيوٽيڪ جي ذريعي 1 لک 46 هزار ماڻهن تربيت حاصل ڪئي جڏهن ته 15 هزار کان وڌيڪ ماڻهن کي عالمي سرٽيفڪيشنز فراهم ڪيون ويون تڪاسل جي ذريعي 3 لک کان وڌيڪ ماڻهن تربيت حاصل ڪئي جڏهن ته 2 لک 80 هزار کان وڌيڪ ماڻهو سعودي عرب ۾ ان نظام جي ذريعي روزگار سان لڳا. ان سان گڏوگڏ 350 کان وڌيڪ ادارن جي چنڊڇاڻ ڪانپوءِ انهن کي نيوٽيڪ پاران عالمي سطح جي تربيت فراهم ڪرڻ جو لائيسنس فراهم ڪيو ويو اجلاس کي وڌيڪ ٻڌايو ويو ته 10 هزار کان وڌيڪ ماڻهن کي صنعتن جي حساب سان پيشيوارانه تربيت جو پائلٽ پراجيڪٽ جاري ڪرڻ کانسواءِ 2600 نئين ادارن جي رجسٽريشن ڪئي وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته تربيت فراهم ڪندڙ ادارن کي ادائيگي جي لاءِ نتيجن کي نظر ۾ رکيو وڃي ٿو اجلاس کي گوگل، مائيڪروسافٽ ۽ ٻين عالمي سرٽيفڪيشن ادارن جي حوالي سان پڻ بريفنگ ڏني وئي اجلاس کي وزيراعظم پاران نيوٽيڪ کي تفويض ڪيل سمورن هدفن کي حاصل ڪرڻ بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو وزيراعظم نيوٽيڪ جي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪندي مستقبل جي لاءِ وڌيڪ بهتري جي حوالي سان نئين هدفن جو تعين ڪرڻ جي هدايت ڪئي

بقايا 3 سفير مقرر

اسٽينڊنگ ڪميٽي جي فيصلي مطابق ڪيترن ئي ملڪن ۾ نوان سفيرن مقرر ڪري ڇڏيا آهن پرڏيهي ميڊيا سرڪاري بيان جي حوالي سان ٻڌايو ته جنگ چوان کي فليائين ۾ سفير مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو هوانگ شي ليان جي جاءِ وٺندو شين بوڪو نيدرلينڊز ۾ سفير مقرر ٿيو آهي، جيڪو تان جيان جي جاءِ تي ذميواريون سنڀاليندو جيانگ وي کي انٽيگو ۽ باربودا ۾ سفير مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو ژانگ يان لنگ جي جاءِ تي ڪم ڪندو لي شيانگ کي مالي ۾ سفير مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو چن ژيهونگ جي جاءِ تي ذميواريون نڀائيندو اهڙي طرح يانگ شن کي ڪويت ۾ سفير مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو ژانگ جيان وي جي جاءِ تي ذميواريون سنڀاليندو ژايونگ کي سيراليون ۾ سفير مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو وانگ چنگ جي جاءِ تي ڪم ڪندو ڪانگ يان کي سلو وينيا ۾ سفير مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو وانگ شون چنگ جي جاءِ والاريندو يانگ يي روئي کي جمهوريه پرتگال ۾ سفير مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو ژاجين تانگ جي جاءِ تي ڪم ڪندو ان کان علاوه جيا گائيڊ کي سوئٽزرلينڊ ۾ گڏيل قومن جي آفيس (جنيوا) ۽ ٻين عالمي ادارن ۾ چين جو مستقل نمائندو ۽ سفير مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو چن شو جي جاءِ وٺندو

بقايا 4 آمريڪي جنرل

ميمبر ملڪ ڊينمارڪ جي علائقي گرين لينڊ جي حوالي سان تعميراتي ڳالهيون ڪري رهيا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق هن گذريل ڏينهن سوئيڊن ۾ دفاعي مسئلي جي حوالي سان ٿيل ڪانفرنس ۾ شرڪت دوران اتر قطب جي اسٽريٽجڪ اهميت تي زور ڀريو هن ڊينمارڪ جي خودمختيار قطبي ٻيٽ تي قبضو ڪرڻ جي آمريڪي انتظاميا جي خواهش بابت سوال جي جواب ۾ چيو ته اترئين ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪائونسل اندر برسلز ۾ ڳالهيون جاري آهن ۽ جيڪو ڪجهه مون ٻڌو آهي ته آهي تعميراتي ڳالهيون آهن هن چيو ته سڀني کان اهم ڳالهه اها آهي ته نيٽو جا اهي ميمبر جن ڪيترن ئي سالن تائين سهڪار ڪيو آهي اهي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن ۽ انهن مونجهاري جو شڪار مسئلن جو حل ڳولڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن هن چيو ته جيتوڻيڪ اتحاد لاءِ ڪو سڌيءَ ريت خطرو ناهي پر اتر قطب اسٽريٽجڪ لحاظ کان وڌيڪ اهم ٿي ويو آهي هن چيو ته جيتري چڪتاڻ گهٽجندي ۽ اتي ڏاتين پهچ جو دائرو وڌندو اسان يقيني طور روس ۽ چين کي گڏجي ڪم ڪندي ڏسنداسين هن وڌيڪ چيو ته اتر قطب جي اسٽريٽجڪ اهميت ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي

بقايا 5 عطا تارڙ

مذمت جوڳو ۽ شرمناڪ آهي ڪالهه سومر ڏينهن سماجي رابطي جي پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي بيان تي ردعمل جو اظهار ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پوري دنيا افغان طالبان رجيم پاران دهشتگردن جي پٺڀرائي جا ثبوت ڏٺا آهن ۽ افغانستان جي سرزمين جي دهشتگردي جي ڪاررواين جي لاءِ استعمال ٿيڻ جا ناقابل ترديد ثبوت پڻ موجود آهن هن چيو ته سهيل آفريدي ڪوڙ ۽ منافقت جي انتها ڪري ڇڏي آهي عطاءُ الله تارڙ چيو ته پاڪستاني قوم دهشتگردن جو مقابلو ڪندي بي پناهه قربانيون ڏنيون آهن هن چيو ته تحريڪ انتشار وارا جڏهن به وات کولين ٿا، دهشتگردن جي سهولتڪاري ڪن ٿا. هن چيو ته پاڪستان جي ترقي فتنه الخوارج کي قابل قبول نه آهي انهي لاءِ پاڪستان کي نشانو بڻايو وڃي ٿو سهيل آفريدي کي هوش کان ڪم وٺڻ گهرجي

بقايا 6 حملو ناڪام

پوليس پوسٽ نال ڪاشو تي فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي بزدلاڻي حملي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو بنون پوليس جي ترجمان موجب پوليس جي ڀرپور جوابي ڪارروائي جي نتيجي ۾ دهشتگرد رات جي اونداهي جو فائدو کڻندي فرار ٿيڻ تي مجبور ٿي ويا. فتنه الخوارج جي هٿياربند شرپسندن پوليس پوسٽ نال ڪاشو تي مختلف طرفن کان شديد فائرنگ ڪئي. چوڪي تي مقرر ڪيترن ئي پوليس اهلڪارن فوري طور پوزيشن سنڀاليندي انتهائي دليري سان جوابي فائرنگ ڪئي ۽ دهشتگردن کي موقعو ئي نه ڏنو حملي جو اطلاع ملندي ئي ڊي پي او بنون جي قيادت ۾ پوليس لائينز مان وڏي نفري، ڪوئيڪ ريسپانس فورس، آر آر ايف ۽ جديد هٿيارن سان ليس بڪتربند گاڏيون واقعي واري هنڌ ڏانهن روانو ڪيون ويون پوليس جي اضافي نفري ۽ بڪتربند گاڏين جي پهچڻ تي شرپسندن جا حوصلا خطا ٿي ويا ۽ اٽڪل هڪ ڪلاڪ تائين جاري رهندڙ فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ رات جو ڏيڍ بجي دهشتگرد اونداهي جو فائدو کڻندي فرار ٿي ويا. پوليس جي پيشيوارانه مهارت ۽ الرٽ رهڻ عيوض ڪنهن به قسم جو ڪو جاني يا مالي نقصان ناهي ٿيو آءِ جي پوليس سيڪيورٽي اهلڪارن کي علائقي ۾ ڳجهي معلومات تي ٻڌل ۽ سرچ آپريشنز جاري رکڻ جون هدايتون به ڪيون

بقايا 7 هدايت

جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ اين آءِ ٽي بي جي معاملن بابت جائزه اجلاس ٿيو اجلاس ۾ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه ۽ اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ وزيراعظم انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وزارت ۽ ٻين لاڳاپيل وزارتن پاران اسلام آباد ۾ آسان خدمت مرڪز قائم ڪرڻ جي لاءِ ڀرپور تيارين کي ساراهيو وزيراعظم هدايت ڪئي ته حاجين جي سهولت لاءِ هن ئي سال حج جي سمورن ضروري مرحلن کي مڪمل ڊيجيٽائيز ڪيو وڃي اوورسيز پاڪستانين جي لاءِ ڪيو آر بيسڊ فيڊ بيڪ سسٽم جو جلد جائزه اجلاس ڪندس اجلاس کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته اين آءِ ٽي بي جي نئين سي اي او جي مقرري ڪانپوءِ اداري جي پوري ڍانچي کي موجوده گهرجن موجب نئين سر جوڙيو پيو وڃي اسلام آباد ۾ شهرين جي لاءِ آسان خدمت مرڪز کولڻ جي لاءِ سموريون تياريون مڪمل آهن سرڪاري شعبي جي سمورن ادارن جي لاءِ هڪ محفوظ نئين ايپ جلد جاري ڪئي ويندي اسپتالن ۾ سروس جي وقت سر ۽ بهتر فراهمي جي لاءِ ون پيشنٽ ون آءِ ڊي جو ٺوس نظام تياري جي آخري مرحلن ۾ آهي

بقايا 8 افتتاح

صلاحيت سازي ۽ پاليسي تربيتي پروگرام جو افتتاح ڪيو اهو پروگرام گڏيل قومن جي هٿيارن جي خاتمي بابت اداري جي حصيداري ۽ گلوبل افيئرز ڪئناڊا جي معاونت سان منعقد ڪيو پيو وڃي جنهن جو مقصد اڀرندڙ سائبر خطرن ۽ سائبر اسپيس حڪمراني جي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ قومي صلاحيتن کي مضبوط بڻائڻ آهي پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب افتتاحي سيشن کي اهم خطاب ڪندي پرڏيهي سيڪريٽري آمنه بلوچ قومي استحڪام، عالمي امن ۽ سلامتي ۽ پائيدار ترقي جي لاءِ سائبر سيڪيورٽي جي وڌندڙ اهميت کي اجاگر ڪيو هن معلومات ۽ مواصلات جي ٽيڪنالاجي (آءِ سي ٽي) جي سيڪيورٽي بابت گهڻ رخي عمل ۾ پاڪستان جي فعال ڪردار تي روشني وڌي، خاص طور تي سائبر اسپيس ۾ رياستن جي ذميوارانه رويي جي لاءِ گڏيل قومن جي فريم ورڪ جي ڏس ۾ جنهن ۾ عالمي قانون، رضاڪارانه اصول اعتماد سازي جا قدم ۽ صلاحيت سازي جا قدم شامل آهن هن زور ڏنو ته گڏيل سائبر چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ جامع عالمي تعاون لازمي آهي افتتاحي اجلاس ۾ ٻين خطاب ڪندڙن ۾ راٻن گائس (ڊائريڪٽر يو اين آءِ ڊي آءِ آر)، پاڪستان ۾ ڪئناڊا جو هاءِ ڪمشنر طارق علي خان ۽ پاڪستان ۾ گڏيل قومن جو ريزيڊنٽ ڪوآرڊينيٽر محمد يحيٰ شامل هئا. خطاب ڪندڙن سائبر شعبي ۾ عالمي تعاون ۽ صلاحيت سازي جي اهميت تي زور ڏنو ۽ پاليسي تي ٻڌل تربيت ۽ عملي مشقن جي افاديت کي اجاگر ڪيو جيڪي رياستن جي سائبر خطرن خاص طور تي اهم انفراسٽرڪچر کي نشانو بڻائيندڙ خطرن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت کي بهتر بڻائين ٿيون. اهو پروگرام لاڳاپيل قومي ادارن سان تعلق رکندڙ پاليسي سازن، ٽيڪنيڪي ماهرن ۽ تعليمي ماهرن کي گڏ ڪري ٿو ۽ ان ۾ ماهرن جي قيادت هيٺ سيشن منظرنامه جاتي مباحثا ۽ ٽيبل ٽاپ مشقون شامل آهن جن ۾ سائبر خطرن اڀرندڙ ٽيڪنالاجين سائبر ڪرائيم واقعه جاتي ردعمل ۽ عالمي تعاون جي فريم ورڪس جو احاطو ڪيو ويو آهي يو اين آءِ ڊي آءِ آر پاڪستان سائبر صلاحيت سازي ۽ پاليسي تربيتي پروگرام 12 کان 16 جنوري 2026ع تائين اسلام آباد ۾ منعقد ٿي رهيو آهي ۽ ان کي يو اين آءِ ڊي آءِ آر ۽ پرڏيهي وزارت پاڪستان سان ويجهي تعاون سان ٺوس ڪري رهيو آهي

بقايا 9 ڪتاب مهورت

گذريل ڏينهن ڪراچي ۾ مهورت ڪيو ويو مهورتي تقريب ۾ 500 کان وڌيڪ مهمان شريڪ هئا، جن ۾ بئنڪنگ، محتسب سراج الدين عزيز ۽ سياستدان مفتاح اسماعيل علامہ اقبال جو پوٽو آزاد اقبال سيد نويد حسين، آفتاب نبي شهناز وزير علي ۽ سعيد مهدي جي گهر واري زرتاب ۽ ڊي رباب شامل هئا. ان موقعي تي ايم اين اي شازيه عطا مري اسٽيٽ بئنڪ جي اڳوڻي گورنر ڊاڪٽر عشرت حسين اڳوڻي گورنر معين الدين حيدر نامور صحافي مظهر عباس نواب ڪيفي ۽ لائيٽ اسٽون پبلشرز جي ايم ڊي ۽ ادب فيسٽيول جي ڊائريڪٽر امينه سيد خطاب ڪيو لائيٽ اسٽون پبلشرز جون ڊائريڪٽر ناديه غني عمير عزيز سيد، سعديه مرزا ۽ راحيل بقائي پروگرام جا انتظام سنڀاليا، جڏهن ته شائمہ سيد قومي نغمو وطن کي مٽي گواهه رهنا ٻڌايو

بقايا 10 لاڏاڻو

ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو فيملي ذريعن موجب، محمد الياس جگر جي ڪينسر ۾ مبتلا هو ڪجهه ڏينهن اڳ سرجري ڪانپوءِ سندس طبيعت بگڙجي وئي هئي، هن اڄ لاهور ۾ دم ڌڻي حوالي ڪيو محمد الياس ڏهه ٽيسٽ ميچن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي، جڏهن ته 82 فرسٽ ڪلاس ميچون پڻ کيڏيون محمد الياس پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ ۾ چيف سليڪٽر به رهيو ان کانسواءِ قومي سليڪشن ڪميٽي جي جونيئر سليڪشن ڪميٽي جو رڪن ۽ ووِمين ڪرڪيٽ سليڪشن ڪميٽي جو به هيڊ رهيو

بقايا 11 احتجاج

پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ان موقعي تي پوڙهيت نوجوان خدا بخش چانڊيو صحافين آڏو دانهيندي چيو ته مان انتهائي غريب مسڪين آهيان جڏهن ته مونکي ٻن نياڻين ۽ ٻن پٽن جي اولاد آهي هن چيو ته ڪرائي تي ريڙهي وٺي سبزي وڪرو ڪري گهر ڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان ڪجهه ڏينهن اڳ مان ڪنهن مجبوري سبب ريڙهي جي 35 سئو روپيا قسط ادا نه ڪري سگهيس جنهن تي ريڙهي مالڪ مونکان ريڙهي واپس ورتي آهي جنهن ڪانپوءِ مان بيروزگار بڻجي ويو آهيان ۽ ٻچڙن سميت فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيان ايتري وسعت ناهي جو ريڙهي جي قسط ادا ڪري سگهان يا نئين ريڙهي خريد ڪري روزگار ڪري سگهان هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته مون مسڪين جي مالي سهائتا ڪري روزگار سان لڳائي پريشاني دور ڪئي وڃي

بقايا 12 ناصر شاهه

ٽائون چيئرمينن وزير بلديات کي واٽر اينڊ سيوريج ۽ سالڊ ويسٽ بابت پنهنجون شڪايتون پيش ڪيون وزير بلديات سيني ٽائون ۽ يوسي چيئرمينن جي شڪايتن جي فوري ازالي جي هدايت ڪئي ملاقات دوران سيني لاڳاپيل ادارن ۽ ٽائون توڙي يوسي چيئرمينن وچ ۾ رابطن ۽ هم آهنگي کي يقيني بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو وزير بلديات ناصر حسين شاهه چيو ته هم آهنگي ۽ باهمي رابطن سان عوامي شڪايتن جو فوري ازالو ۽ بهتر رليف مهيا ڪري سگهجي ٿو وزير بلديات لاڳاپيل ادارن کي فوري طور ڪنڊي مينن جي ڀرتي جي هدايت ڪئي ناصر شاهه چيو ته هن وقت ادارن ۾ 1800 ڪنڊي مين موجود آهن جڏهن ته ضرورت 3000 جي آهي هن چيو ته ڪنڊي مينن جي ڀرتي واري عمل ۾ ٽائون ۽ يوسي چيئرمينن سان صلاح مشورا لازمي ڪيا وڃن ۽ ڀرتي لاڳاپيل علائقن مان ڪئي وڃي هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو جي هدايت آهي ته عوام جون شڪايتون دور ڪرڻ ۽ رليف فراهم ڪرڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ناصر شاهه چيو ته واٽر اينڊ سيوريج جا مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن. چيو ته روڊن تي سيوريج جو پاڻي نه صرف عوام لاءِ تڪليف جو سبب بڻجي ٿو پر روڊن کي به نقصان پهچائي ٿو جنهن سان شهر جي ساک به متاثر ٿئي ٿي هن چيو ته ڪراچي سميت سڄي صوبي ۾ ڪچرو کڻڻ واري نظام کي بهتر بڻايو وڃي سيني تعليمي ادارن جي چوڌاري ڪچري جي ڍڳن جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ تعليمي ادارن کي صاف سٿرو ماحول مهيا ڪيو وڃي. ذميواريون ادا نه ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. سيد ناصر شاهه هدايت ڪئي ته يوسي ۽ ٽائونن کي فوري طور گٽرن جا ڍڪ فراهم ڪيا وڃن ۽ چوري جي روڪٿام لاءِ مؤثر ميڪانيزم تيار ڪيو وڃي. هن چيو ته مين هولن جي ڍڪن لاءِ جيترو به بجيٽ گهربل هوندو اهو فراهم ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته جماعت اسلامي، پيپلز پارٽي سميت سيني اسٽيڪ هولڊر ڪراچي جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن روڊن جي تعمير تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو وڃي برساتي نالن ۾ ڪچرو اڇلائڻ جي روڪٿام لاءِ مربوط نظام جوڙيو وڃي ۽ سيني چيئرمينن جي آفيسن ۾ واٽر بورڊ جي نمائندن جي حاضري کي يقيني بڻايو وڃي. ڪنڊي مينن جا معاملا يوسي ۽ ٽائون چيئرمينن حوالي ڪيا وڃن

بقايا 13 زخمي

هئي. پوليس چيو ته بس تمام خراب حالت ۾ هئي ۽ ان جي نمبر پليٽ موجود نه هئي، جڏهن ته مسافر بس 1978 ماڊل جي لڳي رهي هئي اختيارين موجب زخمي مڙس ۽ پٽ کي طبي علاج لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ حادثي کان پوءِ بس کي تحويل ۾ ورتو ويو جڏهن ته ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو زخمي مڙس ۽ پٽ کي طبي علاج لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 14 احتجاج

رهواسين 18 ڏينهن اڳ پراسرار نموني گم ٿي ويل ڌيءَ جي ڳولا ۾ مدد لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پيرسن پوڙهيت محمد امين کهاڙ پنهنجي پٽ آفاق علي ۽ چاچي عارف علي کهاڙ سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته 18 ڏينهن اڳ منهنجي ذهني معذور نياڻي 35 سالن جي اسرين گهران نڪرڻ بعد پراسرار نموني گم ٿي وئي آهي اهڙو اطلاع حد جي الهه آباد ٿاڻي تي ڏيڻ سان گڏ سندس ڳولا مختلف هنڌن تي پڻ ڪئي آهي. پر تنهن باوجود هن وقت تائين نياڻي جو ڪوبه ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو هن چيو ته ڌيءَ جي گم ٿيڻ کان پوءِ اسان سمورا گهرڀاتي سخت پريشان آهيون ۽ اسان جي گهر ۾ قهرام متل آهي جنهن لاءِ ضلعي انتظاميه سميت لاڙڪاڻو پوليس جي اعليٰ عملدارن کي اپيل ڪريان ته معاملي جو نوٽيس وٺي نياڻي جي ڳولا ۾ مدد ڪري ڇانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا 15 احتجاج

رهواسين پاڪ ڪتاب کڻي ڪجهه مهينا اڳ پراسرار نموني گم ٿي ويل 10 سالن جي نينگر جي ڳولا ۾ مدد لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ سعيد علي شابراڻي پنهنجي گهرواري شازيه خاتون ولد علي محمد شابراڻي امڙ شان خاتون ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏجي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته 4 مهينا اڳ منهنجو 10 ورهين جو معصوم پٽ ياسر علي گهر ٻاهران راند ڪيڏڻ دوران پراسرار نموني گم ٿي ويو اهڙو اطلاع اسان حد جي رحمت پور ٿاڻي ون فائيو پوليس سميت ايس ايس پي آفيس لاڙڪاڻي ۾ ڏنو آهي ۽ سندس مختلف هنڌن تي ڳولا پڻ ڪئي آهي پر هن وقت تائين پٽ جو ڪو به ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي خبر ناهي ته هو ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ آهي هن چيو ته نينگر جي گم ٿيڻ ڪانپوءِ اسان سمورا گهرڀاتي سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهيون ۽ اسان جي گهر ۾ قهرام متل آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پٽ جي ڳولا ۾ مدد ڪري ڇانيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 16 ويگن ڦر

کي يرغمال بڻائي روڪ رقم موبائل فونون بيگس ۽ ويگن ڦر ڪري فرار ٿي ويا، اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي متاثر اهلڪارن کان تفصيل ورتا ۽ واقعي جي جاچ شروع ڪندي ڏوهارين جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي، ان موقعي تي ٽريننگ تي ويندڙ متاثر اهلڪارن جو چوڻ هو ته ڪشمور کان لاڙڪاڻو ٽريننگ تي وڃي رهيا هئاسين ته پاندو قبو وٽ نامعلوم هٿياربندن يرغمال بڻائي موبائل فونون روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان سميت ويگن ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن هنن پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦريل سامان ۽ ويگن ريڪور ڪرائي ڏني وڃي

بقايا 17 ميئر حيدرآباد

جي پرڪاش سيڪريٽري اشوڪ شرما، جوائنٽ سيڪريٽري فهيم بن خازن اڪرم شاهد ۽ گورننگ باڊي جي ڪامياب ميمبرن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي ان موقعي تي ٽائون چيئرمين عبدالغفور درس، عدنان رشيد، منار جتوئي، عمير چانڊيو مصطفيٰ بلال تاج ولي خان، بي بي جي فيصل عبدالجبار خان سميت ٻيا پڻ گڏ هئا ميئر حيدرآباد ڪاشف علي شورو جي پريس ڪلب پهچڻ تي نون چونڊيل عهديدارن سندس ڀرپور آجيان ڪئي. ميئر حيدرآباد پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ گورننگ باڊي جي ميمبرن کي گلن جا هار سنڌي ٽوپي اجرڪ جا تحفا ۽ مٺائي پيش ڪئي. هن چيو ته آزاد ۽ مضبوط صحافت جمهوريت جو بنياد آهي، پريس ڪلب جي چونڊن صحافتي اتحاد ۽ جمهوري شعور کي اجاگر ڪيو آهي، اميد آهي ته چونڊيل عهديدار صحافي برادري جي اعتماد تي پورو لهندا. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه صحافين جي حقن ۽ انهن جي مسئلن جي حل لاءِ شانه بشانه بيٺي آهي ۽ اسان جون دعائون ۽ نيڪ تمنائون حيدرآباد پريس ڪلب ۽ سڄي صحافتي برادري سان گڏ آهن. صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن سهڪار جاري رکيو ويندو. ان موقعي تي ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو حيدرآباد جاري ترقياتي منصوبن جو ذڪر ڪندي چيو ته ڪوٽڙي بئراج مٿان جلد نئين پل جي تعمير سان ٽريفڪ جو مسئلو حل ٿي ويندو. هن چيو ته حيدرآباد جي 70سيڪڙو شهرين کي پيئڻ جو پاڻي ملي رهيو آهي بجلي جي لوڊشيڊنگ سبب ڪجهه علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي متاثر ٿيندي رهي آهي جنهن جي لاءِ ايڪسپريس فيڊر جي ضرورت آهي. هن چيو ته پاڻي بلن جي وصولي بنيادي مسئلو آهي واسا کي جلد ڪمپيوٽرائيز ڪيو پيو وڃي جنهن سان واسا جي ڪارڪردگي بهتر ٿيندي. هن چيو ته آلويان روڊ سان ڳنڍيل لطيف آباد جي روڊن جو ڪم به آلويان جهڙو ڪرايو پيو وڃي. هن چيو ته ميونسپل گرائونڊ کي هڪ معياري پارڪ بڻائڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ ان کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نالي سان منسوب ڪيو ويندو. هن پنجاري ۽ ڦليلي موري جي کاٻي ۽ ساڄي پاسي پهرين مرحلي ۾ 9. 80 ڪلو ميٽر روڊ ۽ ٻئي مرحلي ۾ 7. 40 ڪلو ميٽر ٻائي پاس روڊ جي تعمير جو ڪم به جلد شروع ڪيو ويندو

بقايا 18 صورت قتل

ڪري وڃي رهي هئي ته فائرنگ جو واقعو پيش آيو پوليس جو چوڻ آهي ابتدائي طور تي واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي رهيو آهي

بقايا 19 آءِ جي

ڪوارٽر اي آءِ جي آپريشن اي آءِ جي اسٽيٽ اينڊ مئنيجمينٽ، اي آءِ جي ايڊمن ۽ صنفي بنياد تي تشدد ۽ انساني حقن جي سيل شرڪت ڪئي اجلاس دوران آپريشنز ڊپارٽمينٽ، صنفي بنياد تي تشدد ۽ انساني حقن جي سيل ۽ رياستي ۽ انتظامي ونگ پنهنجن لاڳاپيل شعبن جي مقصدن ۽ مقصدن جاري منصوبن، درپيش چئلينجن ۽ موجوده ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو بريفنگ جو غور سان جائزو وٺندي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته عوام کي بهتر پوليس سروس فراهم ڪرڻ عورتن ۽ ڪمزور گروپن جي حفاظت ۽ ادارتي سڌارن کي اولين ترجيح ڏني وڃي هن چيو ته صنفي بنياد تي تشدد جي ڪيسن ۾ فوري، شفاف ۽ اثرائتي ڪارروائي کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن متاثر ماڻهن کي بروقت انصاف فراهم ڪري سگهجي. آءِ جي سنڌ اسٽيٽ اينڊ مئنيجمينٽ ونگ کي هدايت ڪئي ته وسيلن جي بهتر استعمال ۽ جديد گهرجن سان مطابقت رکندي انتظامي سڌارن جي عمل کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي.

بقايا 20 متحرڪ ٿي ويو

اڪانومي سيڪٽر ۾ سيڙپڪاري تي به نظرون مرڪوز ڪري ڇڏيون آهن بزنس ريڪارڊر موجب عارف حبيب پاڪستان نيشنل شپنگ ڪارپوريشن (PNSC) جي انتظاميا سان هڪ اهم ملاقات ڪئي آهي، جنهن ۾ ملڪ جي سامونڊي وسيلن جي بهتر استعمال ۽ سيڙپڪاري بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ذريعن موجب، سيڙپڪاري جو بنيادي مقصد پاڪستان جي سامونڊي وسيلن کي مؤثر نموني استعمال ڪندي قومي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ آهي رپورٽ موجب پاڪستان جا سامونڊي وسيلا اڃا تائين وڏي حد تائين غير استعمال ٿيل آهن جڏهن ته قومي معيشت (GDP) ۾ انهن جو حصو صرف 0.5 سيڪڙو آهي بزنس ريڪارڊر مطابق پاڪستان نيشنل شپنگ ڪارپوريشن جو هدف آهي ته 2030ع تائين جهازن جو انگ 10 مان وڌائي 54 ڪيو وڃي، جنهن سان سالياني بنياد تي 6 ارب ڊالرن تائين سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ جي اميد رکي وڃي ٿي پي آءِ اي جي بحالي بابت عارف حبيب جو روڊ ميپ عارف حبيب پي آءِ اي جي بحالي بابت پيش ڪيل روڊ ميپ ۾ چيو آهي ته پي آءِ اي جا سمورا 34 جهاز سيپٽمبر 2026ع تائين فعال ڪيا ويندا، جڏهن ته هن وقت رڳو 17 جهاز آپريشنل آهن. هن چيو ته پي آءِ اي جي خريداري لاءِ مقرر ڪيل 135 ارب رپين مان 125 ارب رپيا سڌو سنئون پي آءِ اي ۾ نون انجڻن جي خريداري ۽ توسيعي منصوبن تي خرچ ڪيا ويندا عارف حبيب وڌيڪ چيو ته پي آءِ اي جي توسيع لاءِ وڌيڪ ماهرن کي به شامل ڪيو ويندو ۽ سيني ڀرتيون ميرٽ جي بنياد تي ڪيون وينديون ڪاروباري شخصيت موجب، پي آءِ اي جي نجڪاري ملڪ جي وسيع اقتصادي سڌارن واري ايجنڊا لاءِ هڪ اهم سنگ ميل آهي هن چيو ته پي آءِ اي جي نجڪاري سان سرڪاري خسارو گهٽجندو ۽ قومي معيشت ۾ بهتري ايندي عارف حبيب جو چوڻ هو ته معيشت جي بهتري لاءِ بليو اڪانومي سيڪٽر ۾ سڌارا ۽ وڏي پيماني تي سيڙپڪاري انتهائي ضروري آهي بليو اڪانومي سيڪٽر ۾ جدت ۽ بهتر استعمال سان روزگار جا اهم موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا، جيڪي ملڪ جي معاشي استحڪام لاءِ اهم ثابت ٿيندا

بقايا 21 شرڪت

شادين جي پروقار تقريب ۾ شرڪت ڪئي جتي هن نون شادي شده جوڙن ۾ مالي مدد جا چيڪ تحفا، مبارڪباد آشيرواد طور ورهايا. هن بابرڪت ۽ فلاحي تقريب جي ميزباني پاڪستان هندو ڪائونسل جي سرپرست اعليٰ ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي ڪئي، جڏهن ته پاڪستان هندو ڪائونسل پاران 80 کان وڌيڪ جوڙن جي اجتماعي شادين جو شاندار ۽ منظم انتظام ڪيو ويو جيڪو سماجي خدمت ۽ انسان دوستي جو اعليٰ مثال آهي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي شادي جي مذهبي رسمن خاص طور تي ڦيرن جي تقريب ۾ شرڪت ڪري نون شادي شده جوڙن سان خوشي جو اظهار ڪيو تقريب ۾ نالياري سياسي ۽ سماجي شخصيتن پاڪستان بيت المال جي مينيجنگ ڊائريڪٽر سينيٽر ڪيپٽن (ر) شاهين خالد بٽ، مختلف خانگي بئنڪن جي اعليٰ عملدارن اقليتي اڳواڻن ۽ ٻين معزز مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي سيني نون شادي شده جوڙن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي ۽ سندن نئين شادي شده زندگي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو هن چيو ته اهڙي نوعيت جون اجتماعي شاديون نه رڳو معاشي بار گهٽ ڪن ٿيون پر سماج ۾ مساوات، خود اعتمادي ۽ باوقار زندگي جي تصور کي پڻ هٿي ڏين ٿيون وڏي انگ ۾ نياڻين جا گهر وسائڻ رحمت، انسانيت ۽ فلاحي خدمت جو بهترين مثال آهي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي وڌيڪ چيو ته اقليتن جي فلاح و بهبود، تعليم، صحت ۽ شادي جهڙن بنيادي سماجي معاملن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت، وزيراعليٰ سنڌ ۽ حڪومت سنڌ جي اقليتي معاملن واري کاتي جون اولين ترجيحات آهن ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي موجب پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت ۽ وزيراعليٰ سنڌ اقليتي برادري کي ملڪي ترقي ۾ برابر جو ڀائيوار سمجهن ٿا اڄ نون شادي شده جوڙن کي جيڪا مالي مدد فراهم ڪئي پئي وڃي، اها حڪومت سنڌ، وزيراعليٰ سنڌ ۽ اقليتي معاملن واري کاتي طرفان تحفو مبارڪ ۽ آشيرواد آهي هن چيو ته سنڌ واحد صوبو آهي جتي اقليتن جي حقن جي تحفظ ۽ فلاح لاءِ عملي ۽ اثرائتا قدم کنيا پيا وڃن ۽ هي سلسلو مستقبل ۾ وڌيڪ وسيع ٿيندو اڄ جي هي تقريب رڳو شادي جي تقريب ناهي پر بين المذاهب هم آهنگي، قومي يڪجهتي ۽ انسانيت جي خدمت جو روشن مثال آهي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت هميشه اهڙن فلاحي قدمن کي نه رڳو ساراهيو آهي پر عملي سهڪار به فراهم ڪيو آهي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي پاڪستان هندو ڪائونسل جي سرپرست اعليٰ ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي ۽ سندس سڄي ٽيم کي هن شاندار ۽ بامقصد تقريب جي انعقاد تي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ دعا ڪئي ته هو مستقبل ۾ به ساڳئي جذبي ۽ خلوص سان فلاحي سرگرميون جاري رکن تقريب جي پڄاڻي تي ميزبان طرفان ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي کي اعزازي شيلڊ ۽ ثقافتي شال پيش ڪئي وئي

بقايا 22 گهنور لغاري

جي ڪامياب تربيت کان پوءِ هاڻي لاڙڪاڻي ريجن ۾ وڌيڪ 1680 استادن کي تربيت ڏني ويندي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر گهنور علي لغاري استادن جي تربيتي مرحلي بابت جائزي واري گڏجاڻي جي صدارت ڪندي اعلان ڪيو گڏجاڻي دوران ٽريننگ يونٽ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر منيزا دانش، مسرت پليجو ۽ سجاد گهلو پاران ٻڌايو ويو ته ميرپورخاص ريجن ۾ استادن کي سندن اسڪولن جي ويجهو عملي تربيت فراهم ڪئي وئي، جنهن سان استاد جديد تدريسي طريقا عملي طور سکڻ ۾ ڪامياب ٿيا گڏجاڻي ۾ استادن پاران ڏنل لکيل تاثرات به پيش ڪيا ويا، جن ۾ استادن تربيت کي ساراهيندي چيو ته ان سان سندن ڪلاس ۾ پڙهائڻ جا طريقا بهتر ٿيا، شاگردن جي دلچسپي وڌي ۽ ابتدائي درجن جي تعليم بابت سندن سمجهه ۾ بهتري آئي آهي ان موقعي تي گهنور علي لغاري چيو ته هن مختلف علائقن ۾ ٿيندڙ تربيتن جا دورا ڪيا، جتي مرد توڙي عورت استادن ڀرپور شرڪت سان سکيا جا تجربا ونڊيندي نظر آيا. هن چيو ته استادن جو جذبو ۽ محنت حڪومت سنڌ جي تعليمي سڌارن جي ڪاميابي جو ثبوت آهي گهنور علي لغاري چيو ته ڇاڇرو ۽ ننگرپارڪر جهڙن ڏورانهن ۽ ڏکين علائقن ۾ لڳاتار 18 ڏينهن رهندي تربيتون ڪرائڻ ڪراچي مان آيل ٽرينرن لاءِ وڏو امتحان هو پر ان باوجود ٽيم همت، جذبي ۽ ذميواري سان پنهنجو ڪردار نڀايو ۽ جيئن سنڌ جو هر ٻار بهتر تربيت يافته استادن مان فائدو حاصل ڪري سگهي گڏجاڻي ۾ ڊپٽي مئنيجنگ ڊائريڪٽر شهپارا رضوي سميت لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي جتي لاڙڪاڻي ريجن ۾ ايندڙ تربيتي مرحلي بابت تيارين جو جائزو ورتو ويو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن موجب، استادن جي تربيت تي مسلسل ڌيان ڏيڻ سان پوئتي پيل علائقن ۾ تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ شاگردن جي سکيا کي مضبوط ڪرڻ ممڪن بڻجي رهيو آهي

بقايا 23 ايراني سپريم ليڊر

سمجهڻ گهرجي ته اقتدار جي عروج تي طاقتور ترين حڪمرانن سان ڇا ٿيو هن چيو ته فرعون، نمرود ۽ رضا شاهه سان جيڪو ٿيو ٽرمپ سان به اهو ئي ٿيندو

بقايا 24 چين

عالمي لاڳاپن ۾ طاقت جي استعمال جي مخالفت ڪيون ٿا ۽ سيني ملڪن جي خود مختياري، سلامتي ۽ علائقائي استحڪام جي احترام کي اهم سمجهون ٿا. هن چيو چين کي اميد آهي ته ايران جي حڪومت ۽ عوام هن ڏکئي وقت مان نڪري ايندا ۽ ملڪ ۾ استحڪام ۽ نظم ضبط برقرار رهندو. چيني ترجمان زور ڏنو ته ڪنهن به تڪرار جو حل فوجي طاقت ذريعي نه پر ٻه طرفين ڳالهين ۽ سياسي عمل ذريعي ڪيڻ گهرجي

بقايا 25 قرار

ٽرمپ سوشل ميڊيا سائيٽ ٽرٿ سوشل تي پنهنجي هڪ تصوير پوسٽ ڪئي آهي جنهن ۾ هو پاڻ کي "وينزويلا جي قائم مقام صدر" طور پيش ڪري رهيو آهي ٽرمپ جي پوسٽ موجب هو جنوري 2026 کان ڏکڻ آمريڪي ملڪ وينزويلا جي عبوري صدر طور ڪم ڪري رهيو آهي جڏهن ته ان پوسٽ ۾ جي ڊي وينس کي وينزويلا جو قائم مقام نائب صدر به قرار ڏنو ويو آهي

بقايا 26 وزير اطلاعات

۽ سنگين چئلينج آهي حڪومت، ميڊيا، تعليمي ادارن ۽ سول سوسائٽي کي ان چئلينج کي منهن ڏيڻ جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو اها ڳالهه هن ڪالهه سومر ڏينهن آءِ بي اي ڪراچي جي اهتمام هيٺ منعقد ڊائيلاگ "Can Facts Survive AI? Fighting Misinformation Together" کي ورچوئل خطاب ڪندي ڪيو اطلاعات واري وفاقي وزير ان اهم تقريب منعقد ڪرڻ تي آءِ بي اي، سينٽر فار ايڪسيلينس ان جرنلزم ۽ يو اين ڊي پي جا ٿورا مڃيندي چيو ته غلط معلومات موجوده دور جو هڪ وڏو چئلينج بڻجي چڪي آهي هن چيو ته مصنوعي ذهانت جي فروغ ڪانپوءِ غلط معلومات کي منهن ڏيڻ وڌيڪ مشڪل ٿي ويو آهي هن چيو ته بطور اطلاعات ۽ نشريات واري وزير ان چئلينج کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڪيترائي قدم کنيا آهن جن ۾ پاڪستان جي پهرين ڊيجيٽل ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ جو قيام به شامل آهي جيڪو اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت جو لاڳاپيل ادارو آهي هن چيو ته وزارت جي سوشل ميڊيا پليٽ فارمز جي ذريعي معلومات جي تصديق ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته جعلي خبرن تي باقاعده فيڪ انفارميشن جو ليبل لڳايو وڃي ٿو اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته آءِ ويريفائي قومي ۽ عالمي سطح تي پنهنجي جڳهه ٺاهي آهي اهو انتهائي حوصلي جوڳو قدم آهي آءِ بي اي آءِ ويريفائي پاڪستان جي قيام جي حوالي سان شاندار ڪم ڪيو آهي جنهن مشڪل وقت ۾ غلط معلومات کي منهن ڏيڻ ۾ موثر ڪردار ادا ڪيو هن وڌيڪ چيو ته آءِ ويريفائي جا حوالا نه رڳو قومي سطح تي ڏنا وڃن ٿا پر عالمي رسالا ۽ عالمي ميڊيا پليٽ فارمز پڻ ان کي ڪثرت سان بطور مستند ذريعي طور استعمال ڪري رهيا آهن هن چيو ته حڪومت اڪيلي غلط معلومات جي خلاف موثر ڪارروائي نه ٿي ڪري سگهي. ان ڏس ۾ ميڊيا انڊسٽري تي وڏي ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ۽ ميڊيا هائوسز کي اڳتي اچي پنهنجو فعال ڪردار ادا ڪرڻو پوندو اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته مختلف سوشل ميڊيا پليٽ فارمز اي آءِ سان تيار ڪيل مواد کي واضح طور تي اي آءِ جي طور تي ليبل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي وفاقي وزير اي آءِ سان تيار ڪيل سموري مواد جي لاءِ مناسب ليبلنگ جي ضرورت تي زور ڏنو هن چيو ته آءِ ويريفائي جهڙو نظام نه رڳو پاڪستان ۾ ذميوار صحافت کي فروغ ڏيڻ ۾ جعلي خبرن جي فوري ۽ موثر نشاندهي جي لاءِ لازمي آهي هن چيو ته ان جدوجهد ۾ پوري ڪميونٽي، حڪومت، ميڊيا هائوسز تعليمي ادارا ۽ سول سوسائٽي سڀ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ڀارت سان ڇڪتاڻ جو ذڪر ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ان جنگ ۾ انتهائي موثر انداز ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ان دوران بيانيي جو چئلينج موجود هو جنهن جو اسان انتهائي موثر طريقي سان مقابلو ڪيو اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته اڳتي وڌڻ جو رستو وڌيڪ هم آهنگي وسيع تعاون ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ۾ لڪيل آهي جنهن جي لاءِ اطلاعات واري وزارت مڪمل طور تي تيار آهي هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف مس انفارميشن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مڪمل مينڊيٽ ڏنو آهي وفاقي وزير پاڪستان براڊ ڪاسٽرز ايسوسيئيشن ۽ آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي کي پڻ درخواست ڪئي ته اهي اڳتي اچن ۽ ان ڏس ۾ پنهنجو فعال ڪردار ادا ڪن انهن سان مڪمل تعاون ڪيو ويندو وفاقي وزير چيو ته هن وقت اسان يو اين ڊي پي سان گڏ اڳ ۾ ئي هڪ پروگرام تي ڪم ڪري رهيا آهيون هن وڌيڪ چيو ته هڪ تربيتي ورڪشاپ پڻ منعقد ڪيو ويو جنهن جو مقصد نه رڳو اطلاعات واري وزارت جي آفيسرن ۽ ميڊيا پروفيشنلز کي غلط معلومات جي تدارڪ جي لاءِ ضروري مهارتون فراهم ڪرڻ هو ته جيئن اهي موثر انداز ۾ ان چئلينج جو مقابلو ڪري سگهن هن چيو ته اها ذميواري معاشري جي هر ماڻهو تي لاڳو ٿئي ٿي ته اهو اڳتي اچي ۽ ان مسئلي کي منهن ڏيڻ جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته عالمي منظرنامي تي نظر وجهون ته ورلڊ اڪنامڪ فورم جي گلوبل رسڪ رپورٽ موجب دنيا کي درپيش سڀ کان وڏو خطرو غلط معلومات جو آهي جو ته اها انتشار ۽ افراتفري پيدا ڪري سگهي ٿي هن چيو ته آءِ ويريفائي جهڙي طرح پنهنجي سڃاڻپ ٺاهي آهي اها ساراهه جوڳي آهي ۽ اسان ان نيڪ مقصد جي لاءِ هر وقت توهان سان گڏ آهيون. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته کيس خاص طور تي پنهنجي نوجوان نسل سان وڏيون اميدون آهن ته اسان غلط معلومات کي شڪست ڏئي سگهون ٿا هن چيو ته حقيقتون مصنوعي ذهانت جي باوجود زنده رهي سگهن ٿيون وفاقي وزير زور ڏنو ته سمورا سوشل ميڊيا پليٽ فارمز يقيني بڻائين ته اي آءِ کي هر شعبي ۾ ڀلي زرعي ٽيڪنالاجي، فن ٽيڪ، هيلٿ ٽيڪ، ايڊ ٽيڪ يا ٻي ڪنهن به ٽيڪنالاجي ۾ هجي، ذميواري سان مثبت انداز ۾ استعمال ڪيو وڃي

بقايا 27 وفاقي حڪومت

جو بنيادي مقصد ملڪ ۾ امن جي پيغام کي عام ڪرڻ ۽ رياست پاڪستان جي هر شهري کي احساس ڏيارڻ آهي ته اسلام سراسري امن جو مذهب آهي ۽ انسانيت جي لاءِ امن جو پيغام کڻي آيو آهي هن چيو ته دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جا جيڪي نظريا هر ٻئي ڏينهن ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي انهن جو نه اسلام سان ڪو تعلق آهي نه پاڪستان سان ۽ نه ئي انسانيت سان هن واضح ڪيو ته رياست ۽ قوم اهڙن گمراهه ڪندڙ نظرين جو ڀرپور مقابلو ڪندي. هن چيو ته قومي پيغام امن ڪميٽي جو پشاور جو دورو انتهائي ڪارائتو ثابت ٿيندو جتي سمورن مڪتب فڪر جي عالمن سان مشاورت ڪئي ويندي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ويندو ته اهو پيغام گهر گهر پهچي ته دين اسلام امن جو مذهب آهي ۽ اسان امن جا خواهشمند آهيون. وفاقي وزير چيو ته اسلام آباد ڪچهري جي واقعي ۾ ملوث عنصرن ۽ انهن جي هينڊلرز کي گرفتار ڪيو ويو انهن کان ملندڙ مواد ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته انهن جو اسلام سان پري پري تائين ڪو تعلق نه آهي وفاقي وزير چيو ته اهي عنصر جن نظرين تي قائم آهن انهن جو واحد مقصد پاڪستان کي عدم استحڪام ۾ وجهڻ آهي ۽ اهي هڪ واضح فارن فنڊنگ ايجنڊا تحت ڪم ڪري رهيا آهن هن چيو ته فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج ڀارت مان فنڊنگ وصول ڪري پاڪستان ۾ اچي ڌماڪا ڪن ٿا، اهو ڪهڙو اسلام آهي؟ هن چيو ته افغان حڪومت جا ڀارت سان بار بار رابطا ۽ ڳالهه ٻولهه به هڪ سواليه نشان آهي اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن ڪهڙا واپار يا گڏيل تعاون جا اهڙا شعبا آهن جن تي مشاورت ڪئي پئي وڃي؛ اهي ڏينهن ڏينهن بي نقاب ٿي رهيا آهن هن چيو ته دهشتگرد عنصر سافٽ ٽارگيٽس کي نشانو بڻائين ٿا، ڪڏهن ڪچهرين تي حملا ڪن ٿا ۽ ڪڏهن ٻارن جي بسن کي نشانو بڻائين ٿا جڏهن ته اهو واضح ڪري ڇڏڻ چاهيان ٿو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قيادت ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي عزم تحت پوري قوم گڏ آهي ۽ اسان کي هر صورت ۾ دهشتگردي جو خاتمو ڪرڻو آهي دهشتگردي ڪنهن به شڪل ۾ هجي، رياست پاڪستان ان جو ڀرپور ۽ فيصلائتو مقابلو ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته قومي پيغام امن ڪميٽي بااختيار ڪميٽي آهي ۽ انشاء الله اها پنهنجو موثر ۽ فعال ڪردار ادا ڪندي هن چيو ته ڀارت پاران نه رڳو دهشتگردي جي بيانيي کي فروغ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي پر فارن فنڊنگ ايجنڊا ۽ افغانستان جي سرزمين کي به استعمال ڪيو وڃي ٿو جن کي نه رڳو اسان موثر انداز ۾ ڪائونٽر ڪنداسين پر هر پاڪستاني شهري کي تحفظ جو احساس به ڏيارينداسين پيغام پاڪستان ۽ پيغام امن ئي صحيح رستو آهي

بقايا 28 منظوري

اجلاسن جي پڌرائي جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جي صدارت چيف جسٽس يحيٰ آفريدي ڪئي پڌرائيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اجلاس جسٽس محمد اعظم خان، جسٽس محمد آصف ۽ جسٽس انعام امين منهاس جي مستقل مقرري جي منظوري ڏني اجلاس ۾ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس نجم الدين مينگل جي مستقل جج طور مقرري جي منظوري ڏني وئي، جڏهن ته جسٽس ايوب خان جي منظوري جي سفارش اڪثريتي راءِ سان رد ڪئي وئي پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته آئيني بينچن لاءِ ججن جي نامزدگي جي معيار تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي وئي آهي. ڪميٽي ججن جي مقرري، انٽرويو طريقي ڪار ۽ رولز ۾ ترميمن جي حوالي سان سفارشون تيار ڪندي

بقايا 29 اتفاق

جنهن ۾ قانوني تعليم جي شعبي ۾ گڏيل سهڪار کي هٿي وٺائڻ تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون قانون ۽ انصاف واري وزارت جي ترجمان موجب ملاقات ۾ يونيورسٽي آف لنڊن جي علائقائي مشير سعد وسيم ۽ ڊائريڪٽوريٽ آف ليگل ايجوڪيشن جي ڊائريڪٽر بئريسٽر اسامه ملڪ به شريڪ هئا. ڳالهين جو محور عالمي تعليمي ادارن ۽ مقامي يونيورسٽين وچ ۾ گڏيل ۽ حصيداري تي ٻڌل تعليمي پروگرامن ذريعي سهڪار کي مضبوط بڻائڻ هو وفاقي وزير ان موقعي تي چيو ته اهڙي تعليمي حصيداري سان نه رڳو قانوني تعليم جي معيار ۾ بهتري ايندي پر پائيدار آمدني جا موقعا به پيدا ٿيندا ۽ شاگردن کي عالمي سطح تي مڃيل ڊگرين تائين بهتر پهچ حاصل ٿيندي

بقايا 30 مارجي ويا

ويا. ايس ڊي پي او اورڪزئي محبوب خان مطابق اورڪزئي جي علائقي يخ ڪنڊا ۾ امن لشڪر تي دهشتگردن حملو ڪيو هن تصديق ڪئي ته امن لشڪر تي حملي ۾ 2 ڄڻا فوت ۽ 3 زخمي ٿي پيا آهن هن چيو ته امن لشڪر جي جوابي ڪارروائي ۾ 3 دهشتگرد مارجي ويا.

بقايا 31 فيصلو

جي هائوس بزنس ايڊوائيزري ڪميٽي 12 جنوريءَ کان شروع ٿيل ايوان جو جاري اجلاس 23 جنوريءَ تائين جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي قومي اسيمبلي جي ايڊوائيزري ڪميٽيءَ جو اجلاس قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾ قومي اسيمبليءَ جي 23هين اجلاس جي ايجنڊا ۽ وقت بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي قومي اسيمبليءَ جو موجوده اجلاس 23 جنوريءَ تائين جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو

بقايا 32 اهلڪار شهيد

علائقي گومل ۾ پوليس جي بڪتربند گاڏي تي ريموٽ ڪنٽرول بم حملو ڪيو ويو اهو حملو ٽانڪ جي علائقي ڪوٽ ولي کان 25 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ پوليس جي بڪتربند گاڏي مڪمل طور تباهه ٿي وئي، ڊي پي او مطابق ڌماڪي ۾ ايس ايڇ او سميت 6 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا واقعي جو اطلاع ملندي ئي ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ روانيون ڪيون ويون جتان لاشن ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو بڪتربند گاڏي گومل کان ٽانڪ اچي رهي هئي ته حملي جو نشانو بڻجي وئي، حملي ۾ شهيد ٿيڻ ۾ ايس ايڇ او اسحاق، اي ايس آءِ شير عالم شفيع، حضرت علي، احسان الله مجيد ڊرائيور شامل آهن سيڪيورٽي فورسز واقعي جو اطلاع ملندي ئي موقعي تي پهچي علائقي جو گهيرو ڪري سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو

بقايا 33 فلسطيني شهيد

فائرنگ ڪري هڪ ٻئي فلسطيني کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق فلسطين جي صحت واري وزارت گذريل ڏينهن اطلاع ڏنو آهي ته والاريل اولهندي ڪناري جي شهر الخليل ۾ اسرائيلي فوج فائرنگ ڪري 58 سالن جي شاڪر فلاح احمد الجابري کي شهيد ڪري ڇڏيو راملا ۾ قائم صحت واري وزارت مطابق فلسطيني اٿارٽي شاڪر فلاح احمد الجابري جي مڙهه جي واپسي جي سلسلي ۾ اسرائيلي اختيارين سان رابطو ڪيو آهي ۽ اسرائيلي فائرنگ سبب سندس موت جي تصديق ڪئي آهي

بقايا 34 فوت

فوت ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق منگوليا جي نيشنل ايمرجنسي ايجنسي ٻڌايو آهي ته اهو واقعو گذريل ڏينهن ان وقت پيش آيو جڏهن ڪانئن سان ڀريل ٽرڪ خورسگل ڍنڍ ۾ برف جا ٽڪرا ٽٽڻ سبب ڍنڍ ۾ ڪري پئي، جنهن جي نتيجي ۾ 2 ماڻهو فوت ٿي ويا. مقامي ريسڪيو اهلڪارن ڍنڍ مان ٻه لاش ڪڍي ورتا آهن

بقايا 35 فيصلو

صنعت ۽ پيداوار بابت خاص مددگار هارون اختر وچ ۾ ٿيل هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ صوبي اندر ننڍين ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن (اسمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائزز) جي ترقي لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ اسٽريٽجڪ ڀائيواري قائم ڪرڻ تي غور ڪيو ويو. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير صنعت جام اڪرام ڌاريجو چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو سيڙپڪاري بابت خاص مددگار سيد قاسم نويد ۽ وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ شريڪ هئا. وفاقي حڪومت جي وفد ۾ وفاقي سيڪريٽري براءِ صنعت ۽ پيداوار سيف انجم ڊائريڪٽر جنرل فريدون اڪرم اسمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائزز ڊولپمينٽ اٿارٽي (SMEDA) جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ناديا جهانگير ۽ ٻيا عملدار شامل هئا. اجلاس دوران محدود مالي وسيلن تائين رسائي، وڌندڙ پيداوار خرچن جهڙن چئلينجن تي ضابطو آڻڻ ۽ صنعتي ترقي لاءِ صوبائي قدمن مان فائدو حاصل ڪرڻ بابت تفصيلي خيال ونڊ ڪيا ويا. اجلاس جي هڪ اهم اڳڀرائي سنڌ جي شهر ڪنري ۾ ريڊ چلي پروسيسنگ (ڊي هائيڊريشن) يونٽ جي بحالي لاءِ گڏيل عزم هو. هي منصوبو اسمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائزز ڊولپمينٽ اٿارٽي ۽ سنڌ انٽرپرائز ڊولپمينٽ فنڊ جي بورڊن کان باضابطه منظوري حاصل ڪري چڪو آهي. وڏي وزير موجب هن ڀائيواري جو مقصد مرچ جي ويليو چين کي جديد بڻائڻ آهي جيڪا سنڌ جي هڪ اهم زرعي ڪلسٽر جي بنيادي ضرورت آهي. سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ انٽرپرائز ڊولپمينٽ فنڊ کي صوبي جي معاشي حڪمت عملي جو اهم ستون سمجهيو وڃي ٿو. هن چيو ته ضمانت جي کوٽ پيچيده طريقيڪار ۽ اسمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائزز لاءِ مخصوص بينڪنگ نيٽ ورڪ جي غير موجودگي قرضن تائين رسائي ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهي. هن نشاندهي ڪئي ته جون 2025 کان اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان اسمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائزز لاءِ اهي ريفائنانس اسڪيمون ختم ڪري ڇڏيون آهن جن تحت ڇهه سيڪڙو شرح تي سبسڊي وارا قرض ڏنا پئي ويا. وڏي وزير وڌيڪ چيو ته مختلف ادارن پاران اسمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائزز جون مختلف تعريفون هجڻ سبب مونجهارو ۽ تعميلي بار وڌي رهيو آهي جڏهن ته پيچيده ٽيڪس نظام خاص ڪري پيداواري يونٽن جي رجسٽريشن، واڌ ويجهه جي حوصلا شڪني ڪري ٿو. هن چيو ته توانائي جي وڌندڙ اگهن خام مال جي قيمتن ۽ لاجسٽڪس خرچن ۾ اضافي سبب منافعي جا مارجن سخت دٻاءُ هيٺ آهن. وزيراعظم جي خاص مددگار هارون اختر پڻ تسليم ڪيو ته ملڪ ۾ بجلي وافر موجود آهي ۽ جيڪڏهن اگهن ۾ گهٽتائي يا اسمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائزز لاءِ خاص پيڪيجن تي اتفاق ٿي وڃي ته ننڍيون صنعتون ترقي ڪنديون ۽ وڌيڪ يونٽ قائم ٿيندا. وڏي وزير افسوس ظاهر ڪيو ته ڪيترن ئي اسمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائزز کي بقا لاءِ پنهنجون سرگرميون محدود ڪرڻ يا ملازمن کي فارغ ڪرڻو پيو آهي. هن چيو ته ڪيترائي ادارا پراڻي مشينري سان ڪم ڪري رهيا آهن ۽ جديد پيداواري ٽيڪنالاجي تائين رسائي نٿا رکن جڏهن ته مارڪيٽنگ، انتظاميا ۽ عالمي ڪاروباري طريقن بابت افرادي قوت جي تربيت به ناڪافي آهي. اجلاس ۾ اهو به مشاهدو ڪيو ويو ته مختلف ادارن جي اختيارن ۾ اوورليپ سبب اسمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائزز جي سهولتڪاري ڏکيو بڻجي وئي آهي جڏهن ته صوبائي ۽ وفاقي ادارن وچ ۾ رابطي جي کوٽ پاليسين جي نفاذ ۾ دير جو سبب بڻجي ٿي. مراد علي شاهه چيو ته سنڌ انٽرپرائز ڊولپمينٽ فنڊ خانگي شعبي مان 30.8 ارب رپين کان وڌيڪ سيڙپڪاري ڪاميابي سان متحرڪ ڪئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ 3880 کان وڌيڪ سڌا روزگار جا موقعا پيدا ٿيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته هي فنڊ تجارتي طور قابل عمل منصوبن جي مدد لاءِ سڄاتو وڃي ٿو ۽ ان جا غير فعال قرض ٻڙي آهن. هاڻ تائين سنڌ انٽرپرائز ڊولپمينٽ فنڊ 214 اسمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائزز جي مدد ڪئي آهي جن ۾ 25 عورت ڪاروباري شخصيتون به شامل آهن جڏهن ته پٺتي پيل علائقن ۾ عورتن لاءِ 9500 مائڪرو قرضن تي سبسڊي فراهم ڪئي وئي آهي. وڏي وزير وضاحت ڪئي ته ضمانت جي کوٽ ۽ قرض جي پيچيده طريقيڪار جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت جديد مالي حل متعارف ڪرايا آهن. حبيب بينڪ لميٽيڊ سان ڀائيواري ذريعي اسمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائزز کي 10 ملين رپين تائين جا قرض صرف 5 سيڪڙو مقرر منافع جي شرح تي ڏنا پيا وڃن جڏهن ته ڪراچي انٽربينڪ آفرڊ ريٽ سان ڳنڍيل سود جو حصو سنڌ انٽرپرائز ڊولپمينٽ فنڊ برداشت ڪري رهيو آهي. صوبائي وزير صنعت جام اڪرام ڌاريجو چيو ته سنڌ بزنس ون اسٽاپ شاپ جي قيام سان هڪ ئي ڇت هيٺ ريگيوليٽري طريقيڪار کي آسان بڻايو ويو آهي ۽ بيوروڪريٽڪ دير ۾ به نمايان گهٽتائي آئي آهي. هن ٻڌايو ته سنڌ ۾ هن وقت 9 خاص اقتصادي زونز ۽ 10 صنعتي اسٽيٽس موجود آهن جتي ٽيڪس ۾ ڇوٽ ۽ مراعتون ڏنيون پيون وڃن ته جيئن ڪاروبارن کي رسمي دائري ۾ آندو وڃي. وڏي وزير چيو ته ٽيڪنالاجي ۽ مهارتن جي کوٽ کي پورو ڪرڻ صوبائي حڪومت جي اولين ترجيح آهي

بقايا 36 لياقت بلوچ

مرڪزي نائب امير ۽ اڳوڻي پارلياماني ليڊر لياقت بلوچ چيو آهي ته سياست کي بند گليءَ مان ڪڍڻ لاءِ قومي قيادت کي ذاتي مفادن کان مٿانهون ٿي ڪري، آئين ۽ قانون جي بالادستي، جمهوريت جي مضبوطي ۽ ملڪ کي معاشي ۽ سياسي بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ گڏجي ويهڻو پوندو هر سياسي جماعت کي جلسن ۽ سياسي سرگرمين ذريعي عوام تائين پنهنجو پيغام پهچائڻ جو حق حاصل هجڻ گهرجي آمريڪي سامراج جي جارحاڻي ارادن سبب عالمي امن کي شديد خطرو آهي، غزه ۾ انسانيت جي قتل عام جو سرپرست ڊونلڊ ٽرمپ جيڪو پنهنجي فوج کي جڏهن ۽ جتي چاهي حملو ڪرڻ جو بيان ڏئي ٿو نوبل انعام لاءِ نامزد ڪندڙ حڪمرانن لاءِ لمحه فڪريه آهي غزه ۾ فلسطينين جي نسل ڪشي تي خاموش تماشائي بڻجڻ ۽ ايران ۾ احتجاجن تي عوام لاءِ همدردي ڏيکارڻ سان آمريڪي سامراج سميت طاغوتي قوتن جو منافقاڻو ڪردار وائکو ٿي چڪو آهي "بدلايو نظام" رڳو نعرو نه پر هڪ تحريڪ آهي، سامراجي نظام ٽوڙي قيادت جي تبديلي سان ئي ملڪ ۽ قوم جي تقدير بدلائي سگهجي ٿي، جنهن لاءِ جماعت اسلامي پهرين ڏينهن کان جدوجهد ڪري رهي آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن قباء آڊيٽوريم ۾ جماعت اسلامي سنڌ جي هڪ اعليٰ سطحي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي صوبائي امير ڪاشف سعيد شيخ سينيئر اڳواڻ مولانا اسدالله ڀٽو ۽ ٻيا صوبائي اڳواڻ به موجود هئا. لياقت بلوچ مينار پاڪستان تي منعقد ٿيندڙ اجتماع عام ۽ "بدلايو نظام" مهم بابت به اڳواڻن کي آگاهي ڏني هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي گذريل 17 سالن کان لاڳيتو سنڌ ۾ حڪمراني ڪري رهي آهي

بقايا 37 اتفاق

ڪمشنر طارق علي خان گورنر هائوس ڪراچي ۾ سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ سنڌ جي گورنر ڪينيڊين هاءِ ڪمشنر کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ملاقات دوران پاڪستان ۽ ڪينيڊا جي وچ ۾ ٻطرفي لاڳاپن باهمي تعاون کي فروغ ڏيڻ جي امڪانن علائقائي ۽ عالمي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ان موقعي تي تعليم ٽيڪنالاجي، واپار، زراعت ۽ توانائي جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ تي به اتفاق ڪيو ويو ڪينيڊين هاءِ ڪمشنر طارق علي خان گورنر سنڌ جي عوامي ڀلائي جي قدمن جي تعريف ڪندي چيو ته نوجوانن کي مفت آئي ٽي تعليم فراهم ڪرڻ هڪ مثالي قدم آهي

بقايا 38 پير پاڳارو

مستقبل جو سرمايو آهن. مان پنهنجين نياڻين جماعت ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ايندو آهيان انهيءَ ڪري ته توهان جي ٻچن ۽ منهنجي ٻچن ۾ ڪو فرق نه آهي توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا، نياڻين جي تعليم تي وڌ کان وڌ توجهه ڏيو پيرسائين پاڳارا اهڙين ڳالهين جو اظهار جي دعوت تڙ اصو جي دعوتي خليفي ساهڙ فقير جي دعوت ۾ حرجماعت ۽ عقيدتمندن جي وڏي اجتماع کي زيارت جو شرف بخشڻ دوران خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته مرد جو ڪم ڪمائڻ آهي اهو اولاد جي تربيت نه ٿو ڪري سگهي اولاد جي تربيت پڙهي لکي عورت ئي ڪري سگهي ٿي اڄ جيڪا عورت پڙهي لکي بهتر تعليم واري ٿيندي ايندڙ نسلن جي لاءِ بهتر ثابت ٿيندي. هن وڌيڪ چيو ته درگاهه شريف جماعت جي لاءِ جيڪي فيصلا ڪيا آهن پنهنجي سوچ جي مطابق ۽ توهان جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيا آهن اڳ جڏهن جماعت درگاهه شريف ايندي هئي تمام گهڻي تڪليف سان وقت گذرندو هو تنهنڪري جديد طرز سان توهان لاءِ بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري جماعت خانا تعمير ڪرايا ته توهان تڪليف نه اچي، اڃا به منهنجي سوچ ۾ آهي توهان کي بهتر سهولتون فراهم ڪيون وڃن درگاهه شريف جي روضي مبارڪ جو ڪم ڪرايو ويو توهان کي تبديلي نظر ايندي هوندي، درگاهه شريف جي ڪم مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ جامعه راشديه جي تعمير ڪرائڻي آهي مسجد يا مدرسو تعمير ڪرائڻ صدقه جاريه آهي انهيءَ ۾ ڀرپور نموني حصو وٺو ڪو به مڪ خليفو توهان مٿان زور زبردستي نه ڪندو ته ڪيترا پئسا ڏيو جيترو ٿي سگهي هڪ رپيو يا پنج رپيا انهيءَ ۾ ڏئي حصو وٺي ڪنهن جي مٿان ڪا زور زبردستي يا پابندي ناهي مان چاهيان ٿو ته به انهي صدقي جاريه ۾ حصو وٺي هن چيو ته درگاهه شريف جو جيڪو به پئسو هو اهو درگاهه شريف ۽ جماعت جي سهولتن تي خرچ ڪيو ويو مون ڪڏهن پنهنجي ذات تي خرچ ناهي ڪيو تنهنڪري سڀني کي انهيءَ مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي هن چيو ته شڪايتون اينديون رهنديون درگذر ڪندو رهيس ۽ جڏهن شڪايتون وڌي ويون ته پوءِ ڪجهه فيصلا ڪرڻا پيا ڪجهه ماڻهن چيو توهان غلط ڪيا ڪيو مون چيو پهرين ڳالهه مان جلد بازي ڪري فيصلو ڪندو ناهيان گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ فيصلو ڪندو آهيان جنهن ۾ درگاهه شريف ۽ جماعت جي ڀلائي ۽ بهتري هوندي آهي سوچي سمجهي ڪيل فيصلو ڪڏهن واپس ناهيان ڪندو جماعت ۾ جيڪا به رد و بدل ٿي ڪافي سوچ سمجهه ڪانپوءِ ڪئي آهي جيڪو به خليفو جماعت جي ٻارن کي پنهنجو ٻار نه ٿو سمجهي جڏهن مان جماعت جي ٻارن کي پنهنجو ٿو سمجهان ٿو ۽ پنهنجي ٻارن کي جماعت ۾ وٺي اچان ٿو اهو سيني کي ڏيکارڻ لاءِ جماعت جي ٻارن ۽ منهنجي ٻارن ۾ ڪو فرق ناهي ان باوجود به ڪجهه خليفا انهيءَ ڳالهه کي نه سمجهي سگهيا، هن چيو ته غريب ماڻهو کي ڇا گهرجي هن کي صرف عزت گهرجي ان کي عزت ڏيندؤ ته هو توهان سان هلندو عزت ڏيڻ توهانجي وس ناهي ته ان کي انصاف ڏيو انهيءَ سان به خوش ٿي ويندو جيڪڏهن ٻئي شيون نه ڏيندؤ ته هو ڇو توهان سان گڏ هلندو مون هاڻي خليفن گهڻو ڪجهه سمجهايو آهي هن چيو ته اڳي فيصلا صرف درگاهه شريف تي ٿيندا مون هاڻي ڪميٽيءَ کي چيو آهي ته جتي جتي جماعت آهي اتي وڃي فيصلا ڪري جماعت جا پاڻ ۾ جيڪي به ننڍا ننڍا مسئلا آهن انهن جو صلح ڪرائي انهن کي پاڻ ۾ هڪ ڪيس هن چيو ته گهڻي وقت کان چوان پيو چوپايو مال ڌاريو سنت به آهي ۽ ان ۾ برڪت به آهي موسم جي تبديليءَ جي ڪري زميندار ڏاڍي مشڪل آهي گذريل ڪجهه سالن کان زراعت ۾ اها آمدني نه رهي آهي جيڪا اڳ هوندي هئي هن چيو ته پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياريو جيڪو تعليم ۾ ڪمزور آهي ان کي هنر ڏياريو هنرمند ماڻهو به پنهنجي ٻچن کي عزت سان پالي سگهي ٿو نوجوان ڇوڪرن جي صحبت تي خاص توجهه ڏيو الله پاڪ توهانجي روزي رزق ۾ برڪت عطا ڪري، توهان جي اولاد کي نيڪ صالح بڻائي الله تعاليٰ توهان جي دلين ۾ ادب احترام پيدا ڪري ۽ وڏا به ننڍن سان عزت سان پيش اچن پيرسائين پاڳارا ملڪ قوم درگاهه شريف حرجماعت ۽ واسطيدارن جي ترقي خوشحالي ۽ سلامتيءَ لاءِ اجتماعي دعا پڻ گهري

بقايا 39 فرار

ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مزاحمت تي رستي ويندڙ چنگچي رڪشا تي سوار شهرين هٿياربند ڦورن کي سوگهو ڪري ڪين مارڪٽ ڪئي جنهن دوران هڪ ڦورو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن بعد شهري ون فائيو مددگار پوليس کي اهڙو اطلاع ڏنو جنهن تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي سوگهو ڪيل ڦورو کي پنهنجي حراست ۾ وٺي ٿاڻي تي منتقل ڪري ڇڏيو

بقايا 40 مارجي ويو

ڏوهاري مارجي ويو ڪارادر پوليس جو گذريل رات دير سان پيٽرولنگ دوران لياري گينگ وار جي ڪارندن سان مقابلو ٿيو جنهن ۾ جميل چانگا جو ڀتا خور فائرنگ جي مقابلي ۾ مارجي ويو جوابدار جو تعلق لياري گينگ وار جميل چانگا گروپ جي ڀتا خوري گروپ سان هو جوابدار کان هڪ ڀتا خوري جي پرچي، 1 موبائل فون ۽ 1 پستول گولين سان گڏ هٿ ڪيو ويو جوابدار جي سڃاڻپ شاهزيب جي نالي سان ٿي آهي

بقايا 41 گهرو وزير

پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا سنڌ جي گهرو وزير ضياء الحسن لنجار ايس آءِ يو / سي آءِ اي پاران ڌرهن خلاف ڪيل ڪامياب ڪارروائي تي ايس ايس پي ايس آءِ يو عمران خان ۽ سندس ٽيم کي شاباس ڏني آهي. گهرو وزير چيو ته جاچ جهڙو محنت طلب ڪم ڪاميابي سان مڪمل ڪرڻ قابل تعريف آهي هن چيو ته پوليس جي هن ڪارروائي سان مقتول جي وارثن کي انصاف جي فراهمي جو عمل يقيني بڻيو آهي. ضياء الحسن لنجار چيو ته ڏوهاري سمجهي وٺن ته قانون کان بچڻ جو ڪو به حربو ڪامياب نه ٿيندو معصوم ۽ بيگناهه شهرين جي قاتلن کي هر حال ۾ انجام تائين پهچايو ويندو هن وڌيڪ چيو ته ڏوهارين کي خبردار ڪريان ٿو ڪٿي به لڪي جلد يا دير سان قانون جي آهني پنجري ۾ ڦاسندؤ واقعي جا تفصيل ايس ايس پي ايس آءِ يو عمران خان موجب، گذريل رات پوليس مقابلي دوران هلاڪ ٿيل ٻنهي جوابدارن جي سڃاڻپ محمد بلال ۽ نقاش جي نالن سان ٿي آهي

بقايا 42 پهچندا

عمرڪوٽ پهچندا پي پي ضلعي صدر ڊاڪٽر نور علي شاهه موجب پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه 14 جنوري اربع ڏينهن صبح يارهين وڳي عمرڪوٽ جو دورو ڪري ٿر انسٽيٽيوٽ آف انجينئرنگ سائنس ٽيڪنالاجي سلڙيو پٽي جو افتتاح ڪندا جنهن لاءِ تياريون ڪيون پيون وڃن

بقايا 43 موسميات کاتو

شهيدبينظيرآباد نواب شاهه ڊويزن سکرڊويزن لاڙڪاڻوڊويزن ۾ اولهه جي برسات واري سسٽم مان برسات جوامڪان آهي اولهه جي سسٽم مان 18جنوري کان 22جنوري تائين صوبي پنجاب صوبي بلوچستان صوبي خيبرپختون خواهه ۾ گجگوڙ ڪنڌڻ سان برسات جوامڪان آهي صوبي سنڌ ۾ ٿڌ جي سخت لهرجاري آهي سنڌجي ڪافي علائقن ۾ ڪوهيڙي جوچانٽيل آهي ڪوهيڙي سبب ٿڌ ۾ وڌيڪ اضافو آهي

بقايا 44 مارجي ويا

[illegible]

پوليس ڊپارٽمينٽ
گورنمينٽ آف سنڌ
www.sindhpolice.gov.pk

PROUD TO SERVE
SINDH POLICE

عنوان: ٽينڊر جي منسوخي

بحوالو ٽينڊر نوٽيس نمبر INF-KRY.NO.4479/2025 جيڪو مختلف اخبارن ۾ تاريخ 24-12-2025 ۽ 25-12-2025 تي شايع ٿيو هو مٿي ڄاڻايل حوالو ڏنل ٽينڊر نوٽيس جي هيٺ ڄاڻايل ٻين شين کي هن ذريعي منسوخ ڪجي ٿو:-

سيريل نمبر	آئٽمز جو نالو
01	ٽينٽ
02	هينڊ ڪفس
03	جر لاءِ ايڪيوپمينٽ

AIGP/ لاجسٽڪس
فار انسپيڪٽر جنرل آف پوليس
سنڌ، ڪراچي

INF-KRY.NO.0092/2026

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ٽرمپ جون ايران کي ڌمڪيون: عالمي طاقتون خاموش ڇو آهن؟
صفحو 4

رسول بخش رئيس
جڏهن توازن نه رهي!
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
پاڻي اَن جي، پَٽ جو وڳو ۽ 100 روپيا
صفحو 4

واحد پارس هيسباڻي
مٽي ان خمير، اصل هٿي ايتري!
صفحو 4

ڏڏو ۽ ڀرپاسي جي مختلف يونين ڪائونسلن ۾ 60 اسڪولي عمارتون زبون حالي جو شڪار

گورنمنٽ پرائمري اسڪول، مڊل اسڪول، هاءِ اسڪول ۽ هائرسيڪنڊري اسڪولن جون عمارتون زبون حال ٻڏيل

حڪومت طرفان تعليم جي سڌاري لاءِ ڪيل سموريون دعوائون ڪوڙ تي مبني آهن، ڪٿي ڪا سهولت ناهي: رهواسي

هن وقت شديد سردي واري هلندڙ موسم سبب ڪيترائي اسڪول عمارتن ۽ فرنيچر کان محروم آهن ۽ ٻار پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪن

ڏڏو (ن ع) سنڌ لکندي، سنڌ پڙهندي، سنڌ اڳتي وڌندي...!! ڏڏو سميت 60 کان وڌيڪ سرڪاري اسڪولن جون عمارتون زبون حالي جو شڪار فرنيچر سميت بنيادي سهولتن جي کوٽ، شديد سردي واري موسم ۾ ڪيترن ئي اسڪولن جا ٻار پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪرڻ لڳا، اسڪولن جو تدريسي عمل سخت متاثر تفصيل موجب ڏڏو ۽ ڀرپاسي جي مختلف يونين ڪائونسلن ۾ تعليم کاتي جي لاپرواهي سبب 60 کان وڌيڪ گورنمنٽ پرائمري اسڪول مڊل اسڪول هاءِ اسڪول ۽ هائرسيڪنڊري اسڪولن جون عمارتون زبون حال ٻڏيل ۽ مرمتي ڪم به اڌ ۾ رهيل آهي ڪاٺون ڪميٽي ڏڏو سميت يوسي خانيون يوسي ٻنوڻ يوسي بڄل ڳگو يوسي لاڪڙيون يوسي ڪنڌرن يوسي حسين پور يوسي مراد پور يوسي اڪبر شاهه يوسي جهوڪ شريف ۾ قائم اسڪولن جي عمارتن جي گذريل ڪيترن سالن کان وٺي مرمت ٿي نه سگهي، جڏهن ته پرائمري اسڪول رتو لاشاري، پرائمري اسڪول عمر منڇري، پرائمري اسڪول علي مير شاهه پرائمري اسڪول سومار ميربحر پرائمري اسڪول رمضان ميمڻ پرائمري اسڪول پير محمد پنهور مڊل اسڪول ڪانڊڙ گرلز مڊل اسڪول ٻنوڻ گرلز هائرسيڪنڊري اسڪول ڏڏو سميت 60 کان مٿي اسڪولن جون عمارتون زبون حال ٻڏيل آهن هتان جي مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين امداد ميمڻ رشيد آزاد سومرو سڪندر ميمڻ اقبال سومرو وفا ميمڻ وفا چنڊن لاشاري، ممتاز مولائي سوڍن جاويد ميمڻ ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته حڪومت طرفان تعليم جي سڌاري لاءِ ڪيل سموريون دعوائون ڪوڙ تي مبني آهن، هن وقت شديد سردي واري هلندڙ موسم سبب ڪيترائي اسڪول عمارتن ۽ فرنيچر کان محروم آهن ۽ ٻار پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪن ٿا، جڏهن ته ڪيترن ئي اسڪولن جو مرمتي ڪم اڌ ۾ رهيل آهي هنن چيو ته اسڪولن ۾ فرنيچر سميت ٻين بنيادي سهولتن جي به شديد کوٽ آهي جنهن سبب شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي هنن مطالبو ڪيو ته سمورن اسڪولن جون عمارتون تعمير ڪرائي ٻارن جو تعليمي مستقبل بچايو وڃي

ڏڏو: مختلف پرائمري مڊل اسڪولن جون جون عمارتون زبون حالي جو شڪار سخت سيءَ ۾ ٻار پٽ تي ويٺل

سنڌ جي اڪثر مختلف علائقن ۾ سخت سردي جي لهر جاري، ڏڏو ۾ به ڪوهيڙي جو راڄ

ڪوهيڙي سبب روزاني زندگي سخت متاثر، ٿڌ سبب ٻار، پوڙها ۽ بيمار ماڻهو شديد تڪليفن کي منهن ڏيڻ لڳا

سخت سردي ۽ ڪوهيڙي سبب شاگردن کي اسڪول وڃڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن، حڪومت قدم کڻي: شهري

سنڌ حڪومت به صورتحال جو جائزو وٺي ۽ تعليمي ادارن بابت نظرثاني ڪري، جيئن ٻارن جي صحت ۽ سلامتي کي يقيني بڻائي سگهجي

ڏڏو (ن ع) ڏڏو سخت سردي، پارو جمي ويو ڪوهيڙي جو راڄ قائم سنڌ جي اڪثر مختلف علائقن ۾ سخت سردي جي لهر جاري آهي، جتي گرمي پد غير معمولي حد تائين گهٽجي ويو آهي ڪيترن ئي شهرن ۾ پارو جمي رهيو آهي جڏهن ته گهاٽي ڪوهيڙي سبب روزاني زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي ٿڌ سبب خاص طور تي ٻار، پوڙها ۽ بيمار ماڻهو شديد تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن ساهه ۽دمي وارا مريض بيحد پريشان ٿي ويا آهن ٻئي پاسي پنجاب ۾ به سخت سردي جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي پنجاب حڪومت تعليمي ادارن جي موڪلن ۾ واڌ جو اعلان ڪيو آهي جنهن تحت اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون 18 جنوري تائين بند رهنديون سنڌ ۾ به سيءَ جي اهڙي شدت کي ڏسندي والدين، استادن ۽ سماجي حلقن طرفان مطالبو ڪيو پيو وڃي ته سنڌ حڪومت به صورتحال جو جائزو وٺي ۽ تعليمي ادارن بابت نظرثاني ڪري، جيئن ٻارن جي صحت ۽ سلامتي کي يقيني بڻائي سگهجي شهرين جو چوڻ آهي ته سخت سردي ۽ ڪوهيڙي سبب شاگردن کي اسڪول وڃڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن، تنهن ڪري حڪومت کي فوري قدم کڻڻ گهرجن

دادو پوليس پاران مقابلو ڄاڻائي قتل ڪيل نادر جمالي جي قتل خلاف ٽنڊوڄام ۾ احتجاج

جمالي برادري ۽ سول سوسائٽي پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پوليس خلاف ڇتي نعريبازي

نادر جمالي سوشل ورڪر غريبن جو هڏ ڏوکي ۽ هڪ معتبر شخص هو، پوليس جڙتو مقابلو ڏيکاري ناحق قتل ڪيو آهي: اڳواڻ

سنڌ هڪ پوليس اسٽيٽ آهي جنهن ۾ ڪوبه شهري محفوظ نه آهي قتل ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

ٽنڊوڄام (ت.ر) دادو پوليس پاران مقابلو ڄاڻائي قتل ڪيل نادر جمالي جي قتل خلاف ٽنڊوڄام جي جمالي برادري ۽ سول سوسائٽي به روڊن تي نڪري آئي آهي ٽنڊوڄام جي سول سوسائٽي پاران پريس ڪلب آڏو احتجاج مظاهرو ڪري دادو پوليس خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي، انهي موقعي تي پروفيسر لياقت جمالي مولا بخش جمالي محمد رفيق ڏاهري، شمن جمالي، قربان جمالي عرفان گوپانگ ٻين ڳالهائيندي چيو ته دادو پوليس جڙتو مقابلو ڏيکاري نادر جمالي کي ناحق قتل ڪري ڇڏيو هنن چيو ته نادر جمالي سوشل ورڪر غريبن جو هڏ ڏوکي ۽ هڪ معتبر شخص هو اهڙي عزتدار شخص کي دادو پوليس ونگار وهندي ناحق قتل ڪري ثابت ڪيو آهي ته سنڌ هڪ پوليس اسٽيٽ آهي جنهن ۾ ڪوبه شهري محفوظ نه آهي هنن چيو ته نادر جمالي جيڪڏهن ڪو ڏوهاري هو ته ڪيس عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ها، مگر دادو پوليس پنهنجي عدالت لڳائي ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي سنڌ جي هڪ باشعور شخص کي بيگناهه قتل ڪري ڇڏيو هنن مطالبو ڪيو ته ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي سي آءِ اي انچارج بينظير جمالي ايس ايڇ او اي سيڪشن دادو ۽ بي سيڪشن دادو سميت قتل ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ واقعي جي جاچ لاءِ آزاد عدالتي جاچ ڪميشن جوڙيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

TANDO JAM PRESS CLUB
ٽنڊوڄام پريس ڪلب
اسين وزيراعليٰ سنڌ ۽ آءِ جي سنڌ کي اپيل ٿا ڪريون ته
شهيد نادر علي جمالي

دادو: پوليس پاران مقابلو ڄاڻائي قتل ڪيل نادر جمالي جي قتل خلاف ٽنڊوڄام ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بين الاقوامي شهرت يافته عالم دين علامه سيد اصغر نقوي مٽياري پهتو

عزاخانه باب الحوائج مٽياري ۾ قائم مقام شبيهه شهزاده علي اڪبر عليه السلام تي حاضري

مٽياري جي سرزمين هميشه محبان اهل بيت عليهم السلام سان سرشار رهي آهي: علامه سيد اصغر نقوي

مٽياري(ء ر) بين الاقوامي شهرت يافته عالم دين ۽ ذاڪر اهل بيت عليهم السلام علامه سيد اصغر نقوي مٽياري پهچي عزاخانه باب الحوائج مٽياري ۾ قائم مقام شبيهه شهزاده علي اڪبر عليه السلام تي حاضري ڀري عزاخاني جي منتظمين جي ڪيل خدمتن ۽ ڪاوشن کي ساراهيندي علامه سيد اصغر نقوي چيو ته مٽياري جي سرزمين هميشه محبان اهل بيت عليهم السلام سان سرشار رهي آهي هن چيو ته مٽياري جي سادات سيد شير علي شاهه پاران امام حسين عليه السلام جي ٻن لخت جگرن شهزاده علي اڪبر عليه السلام جي شبيهه مقام شهزاده علي اصغر عليه السلام جي شبيهه مقام وارو جهولو ۽ شهزاده قاسم عليه السلام جو سهرو نصب ڪري مومنين لاءِ بهترين زيارتن جو اهتمام ڪري ڪربلا جي ياد تازي ڪئي آهي ان موقعي تي علامه سيد اصغر نقوي شهزاده علي اڪبر عليه السلام جا دردناڪ مصائب پڻ پڙهيا، جنهن سان عزادارن ۽ مومنين جي دلين ۾ غم ڪربلا ۽ شهيدن جي ياد تازي ٿي وئي آخر ۾ علامه سيد اصغر نقوي ڪربلا جي عظيم شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته اهڙيون روحاني ۽ تاريخي زيارتون نوجوان نسل ۾ اهل بيت عليهم

مٽياري: عزاخانه باب الحوائج مٽياري ۾ قائم مقام شبيهه شهزاده علي اڪبر عليه السلام تي حاضري

ڪڪڙ شهر ۾ نشي آور سوپارين جو وڪرو سرعام جاري

نشي آور سوپارين واپرائڻ سبب نوجوان نسل جون زندگيون داءُ تي لڳل

نشي آور سوپارين وڪرو ڪندڙن خلاف ڪڏهن قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي: شهري

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر ۾ نشي آور سوپارين جو وڪرو سرعام ٿي رهيو آهي نشي آور سوپارين واپرائڻ سبب نوجوان نسل جون زندگيون داءُ تي لڳل شهري سخت پريشان ان موقعي تي فقير عبدالغني ساريو احسان سري، برڪت علي جويو نثار احمد، نديم ملاح ممتاز علي ۽ ٻين شهرين چيو آهي ته ڪڪڙ شهر ۽ ٻين ڳوٺن ۾ نشي آور سوپارين جو وڪرو وکر وانگر سرعام هلي رهيو آهي جنهن کي روڪڻ لاءِ ڪي به قدم نه پيا کنيا وڃن جڏهن ته

سوپارين جو وڪرو ڪڏهن بند ڪرايو ويندو هنن وڌيڪ ڏانهيندي چيو ته سوپارين جو سرعام وڪري جو اصل سبب علائقي جي ذميوار انتظاميا آهي جيڪا نشي آور سوپاريون وڪرو ڪندڙ واپارين سان ڀت ٻڌيل آهي جن کان ڪميشن وٺي انهن کي وڪرو ڪرڻ جي ڇوٽ ڏني وئي آهي هنن آءِ جي سنڌ پوليس، ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪڪڙ شهر ۽ ٻين ڳوٺن ۾ سرعام نشي آور

ڏکڻ ڪوريا جي روانگي واپار ۾ 2.3 سيڪڙو جي لاٿ، سيمي ڪنڊڪٽرز جي روانگي واپار ۾ 45.6 سيڪڙو جي نمايان واڌ

سيئول(اي پي پي)ڏکڻ ڪوريا جي روانگي واپار ۾ هلندڙ سال جنوري جي شروعاتي 10 ڏينهن دوران ساليانو بنياد تي 2.3 سيڪڙو جي لاٿ رڪارڊ ٿي آهي جڏهن ته سيمي ڪنڊڪٽرز جي پرڏيهي ملڪ اماڻڻ ۾ نمايان اضافو ڏٺو ويو پرڏيهي ميڊيا موجب ڪوريا ڪسٽمز سروس جي جاري ڪيل انگن اکرن موجب پهرين کان 10 جنوري دوران روانگي واپار 15.55 ارب آمريڪي ڊالرز رهيو جڏهن ته گذريل سال ان عرصي ۾ اهو 15.92 ارب آمريڪي ڊالر هيو جڏهن ته روزانو سراسري طور روانگي واپار ۾ ساليانو بنياد تي 4.7 سيڪڙو اضافو رهيو ۽ اهو 2.22 ارب آمريڪي ڊالرن تائين پهچي ويو جنهن جو سبب ڪم جي ڏينهن جي گهٽ انگ ٻڌايو ويو ان عرصي ۾ ڪم جا ست ڏينهن رهيا جڏهن ته گذريل سال ان عرصي ۾ 7.5 ڏينهن رهيا جڏهن ته گذريل سال ان عرصي ۾ 7.5 ڏينهن هيا. پرڏيهي ميڊيا موجب آمدني واپار ۾ به ساليانو بنياد تي 4.5 سيڪڙو جي لاٿ رهي ۽ اها 18.21 ارب آمريڪي ڊالرز رهي جنهن جي نتيجي ۾ ان عرصي دوران 2.7 ارب آمريڪي ڊالرن جو تاريخي خسارو رڪارڊ ڪيو ويو انگن اکرن موجب سيمي ڪنڊڪٽرز جي روانگي واپار ۾ ساليانو بنياد تي 45.6 جو نمايان اضافو رهيو ۽ اهو 4.64 ارب آمريڪي ڊالرن تائين پهچي ويو جيڪو 10 ڏينهن جي عرصي دوران ملڪ جي مجموعي روانگي واپار جو 29.9 سيڪڙو بڻجي ٿو اها شرح هڪ سال اڳ جي ڀيٽ ۾ 9.8 سيڪڙو جي پوائنٽس وڌيڪ آهي ٻئي پاسي گاڏين جي روانگي واپار ۾ 24.7 سيڪڙو لاٿ رهي ۽ اها 1.01 ارب آمريڪي ڊالر رهي جڏهن ته سامونڊي جهازن جي فراهمي 12.7 سيڪڙو گهٽجي 923 ملين آمريڪي ڊالرن تائين محدود رهي اهڙي طرح فولاد جي مصنوعات جي روانگي واپار ۾ به 18.7 سيڪڙو جي لاٿ ڏٺي وئي ۽ اها 976 ملين آمريڪي ڊالرز رهي. گذريل سال ڊسمبر ۾ مضبوط عالمي گهرج ، خاص طور تي سيمي ڪنڊڪٽرز سبب ڏکڻ ڪوريا جي روانگي واپار ۾ ساليانو بنياد تي 13.4 سيڪڙو جو اضافو رهيو ۽ اهو 69.6 ارب آمريڪي ڊالرن تائين پهچي ويو جيڪو لڳاتار 11هين مهينا ساليانو اضافي جي علامت آهي سال 2025 ع دوران ڏکڻ ڪوريا جو مجموعي روانگي واپار 709.7

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر آفيسرن لاءِ عمري جي سعادت لاءِ ڪٽا ڪيندي

مهراڻ يونيورسٽي جي آفيسرن جي عمري لاءِ قرعه اندازي

قرعه اندازي ۾ غلام مرتضيٰ بلوچ ۽ عزيزالله قبوليو جا ڪٽا نڪتا

غلام مرتضيٰ بلوچ ۽ عزيزالله قبوليو عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ پهلي ڀار روانا ٿيندا

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جي آفيسرن جي سال 2026 جي عمري لاءِ قرعه اندازي ٿي گذري، جن خوشنصيب آفيسرن غلام مرتضيٰ بلوچ ۽ عزيزالله قبوليو جا ڪٽا نڪتا. تفصيل موجب مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي پاران قرعه اندازي ڪئي وئي، جنهن ۾ غلام مرتضيٰ بلوچ ۽ عزيزالله قبوليو جو ڪٽو نڪتو جيڪي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ پهلي ڀار روانا ٿيندا. ياد رهي ته احتياطن به عدد اضافي ڪٽا پڻ ڪڍيا ويا جن ۾ اشفاق ڪوڪر ۽ سليم آرائين جا نالا نڪتا، جيڪي معين آفيسرن مان ڪنهن سبب ڪري عمري جي ادائگي لاءِ نه وڃي سگهڻ جي صورت ۾ عمري لاءِ ويجي سگهندا. قرعه اندازي جي تقريب ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي آفيسرن وڏي انگ شرڪت ڪئي

حيدرآباد ريڊيو پاڪستان جي رٽائر ملازم جو احتجاج جاري

محمد امين زئونر ڪميوٽيشن واري رقم نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو

پنج سال گذرڻ باوجود اڃا تائين ڪميوٽيشن واري رقم ناهي ملي: امين زئونر

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ريڊيو پاڪستان جي رٽائر ملازم جو پينشن نه ملڻ خلاف احتجاج جاري، ڊي جي سامهون ڌرڻي جو اعلان. حيدرآباد ريڊيو پاڪستان ۾ ڊرائيور جي پوسٽ تي 35 سال سروس ڪرڻ کان پوءِ رٽائر ٿيل ملازم محمد امين زئونر 5سال گذري وڃڻ باوجود ڪميوٽيشن واري رقم نه ملڻ خلاف ڪالهه پنهنجي معصوم پٽ سوڌو حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي.ان موقعي تي هن چيو ته ريڊيوپاڪستان ۾ ڊرائيور جي پوسٽ 35سال سروس ڪرڻ کان پوءِ سال 2021 ۾ رٽائر ٿيس رٽائر ٿيڻ کان پوءِ 5سال جوعرصوگذري وڃڻ باوجودڪميوٽيشن واري رقم نه ملي آهي جنهن سبب سخت مشڪلات کي منهن ڏئي رهيو آهيان.هن چيو ته گهرشادي لاءِ نوجوان نياڻيون ويٺل آهن. گهر پنهنجو نه هجڻ سبب ڪرائي جي گهرن ۾ ڌڪا کائڻ تي مجبور آهيان. هن چيو ته اختيارين کي ڪيترائي دفعا لکڻ باوجود ڪميوٽيشن واري رقم نه ملي آهي.هن چيو ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد 400کان وڌيڪ رٽائر ملازم ڪميوٽيشن واري رقم لاءِ آفيسن جاڌڪا کائڻ تي مجبور آهن. هن چيو ته وفاقي حڪومت ريڊيوپاڪستان کي نڌڪو ڪري ڇڏيو آهي وفاقي حڪومت ريڊيوپاڪستان طرف ڪا به توجه نٿي ڏي.هن چيو ته ڊي جي ريڊيو پاڪستان سعيد احمد شيخ اڄ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي دوري تي اچي رهيو آهي جنهن سامهون ڌرڻو هڻندس. هن صدر پاڪستان،وزيراعظم پاڪستان ۽ اطلاعات کاتي واري وفاقي وزير کي اپيل ڪئي ته ريڊيو پاڪستان جي رٽائر ملازمن جي مسئلن جو نوٽس وٺي ڪميوٽيشن واري رقم ڏياري پينشن جي ادائگي وقت سر ممڪن بڻائي وڃي

حيدرآباد ۾ نادر جمالي جي ناحق قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

ايڊووڪيٽ صدام حسين جمالي جي اڳواڻي ۾ دادو پوليس خلاف مظاهرو ڪيو ويو

دادو پوليس ايس ايس پي جي حڪم تي نادر جمالي کي ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ڪيو: مظاهرين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) دادو پوليس پاران 6 ڏينهن اڳ ميبنا پوليس مقابلي ۾ ماريل نوجوان نادر جمالي واقعي خلاف حيدرآباد جي وڪيلن ۽ جمالي برادري ماڻهن ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ايڊووڪيٽ صدام حسين جمالي، طارق حسين جمالي، غلام قادر جمالي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو.ان موقعي تي هنن الزام هنيو ته دادو پوليس ايس ايس پي جي حڪم تي ناحق نادر جمالي کي ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ڪيو آهي جڏهن ته نادرجمالي هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ پوليس وٽ پاڻ پيش ٿيو هو. هنن چيو ته دادو پوليس نادرجمالي کي ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ڪري عدالت کان مٿاهون قدم کنيو آهي جنهن خلاف اسان عدالت جو در کڙڪائينداسين. هنن چيو ته پوليس جوابدارن کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ بدران ماڻهن جو قتل عام ڪري رهي آهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ کي اپيل ڪئي ته نادر جمالي جهڙتو پوليس مقابلي جو نوٽس وٺي انصاف ڪيو وڃي

ميهڙ ۾ اهل سنت والجماعت پاران احتجاجي مارچ

يوم وفات حضرت معاويه رضي الله عنه جي موقعي تي عام موڪل نه ڪرڻ خلاف نعريبازي

حضرت معاويه رضي الله عنه جي وفات جي ڏينهن تي به سرڪاري موڪل جو اعلان ڪيو وڃي: اڳواڻ

ميهڙ(ن ع) 22 رجب المرجب يوم وفات حضرت معاويه رضي الله عنه جي موقعي تي عام موڪل نه ڪرڻ خلاف اهل سنت والجماعت تعلقي ميهڙ پاران پرامن احتجاجي مارچ ڪيو ويو مارچ جي اڳواڻي اهل سنت والجماعت تعلقي ميهڙ جي قائم مقام صدر مير نادر خان جانوري ڪئي جڏهن ته حافظ حسين احمد سيال ، غلام فاروق حيدري، مولانا صدام حسين چانڊيو، مير يحي خان مزاري، مولانا محمد ابراهيم جانوري، قاري عبدالله حيدري، حافظ عبدالوهاب خاصخيلي، سمير احمد ڏيپر سميت ٻين معزز علماءِ ڪرام، مشائخ عظام ۽ تنظيمي اڳواڻن ڀرپور شرڪت ڪئي جلوس ۾ شرڪت ڪندڙن وڏي نظم و ضبط سان گهنٽا گهر چوڪ ميهڙ پهتا جتي جلوس احتجاجي ريلي ۾ تبديل ٿي ويو ان موقعي تي مقررن خطاب ڪندي چيو ته جيئن باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح ۽ شاعر مشرق علامه محمد اقبال جي وفات جي ڏينهن تي سرڪاري سطح تي عام موڪل جو اعلان ڪيو ويندو آهي اهڙي طرح 22 رجب اميرالمؤمنين سيدنا امير معاويه رضي الله عنه جي وفات جي ڏينهن تي به سرڪاري موڪل جو اعلان ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته هي ڏينهن اسلامي تاريخ جو هڪ عظيم ۽ يادگار باب آهي سيدنا امير معاويه رضي الله عنه هڪ عظيم صحابي آهن جن جي خلافت دوران اسلام جو جهنڊو لکين چورس ميلن تي بلند رهيو هو وحي جو لکندڙ ۽ رسول الله صه جو رشتيدار آهي سندس با برڪت زندگي هر مومن ۽ مسلمان لاءِ روشني جو ڏيک آهي سندس سٺو ذڪر اصل ۾ دين اسلام جي عظمت جو اعلان آهي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن اهل سنت کي متحد ڪرڻ ، صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي عزت جي حفاظت ڪرڻ ۽ اسلام جي سربلندي جي عزم جو اظهار ڪيو



ميهڙ: يوم وفات حضرت معاويه رضي الله عنه جي موقعي تي عام موڪل نه ڪرڻ خلاف نعريبازي ڪئي

راهول ڪمار مندر مان گم ٿيڻ بعد سندس لاش مليو: ڀيچل جنڊاهوڙو

قتل جا پيرا اسان جا شڪ جي بنياد تي مندر انتظاميه ڏانهن ٿي وڃن ٿا

مندر انتظاميه جي ڪجهه ماڻهن جون شڪي ڳالهيون اسان کي اشارو ڪن ٿيون

سڪرنڊ (ن ع) 18 ڏينهن اڳ سڪرنڊ شهر جي مندر ۾ رکيل گرونانڪ جي تصوير کي پوڄا ڪرڻ بعد گم ٿيل يارهين ڪلاس جي نوجوان شاگرد راهول ڪمار جو ست ڏينهن اڳ سرهاڙي پرسان شاخ مان ملندڙ لاش ڳجهارت بڻجي ويو آهي سندس والد ڀيچل جنڊاهوڙو برادري جي ماڻهن هڪ رميش ڪمار راڄو ڪيمچند جنڊاهوڙو ۽ مڪيش سان گڏ سڪرنڊ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڏانهيو آهي ته اسان جو نوجوان جيڪو مندر مان گم ٿيڻ بعد سندس لاش مليو آهي ان جا پيرا اسان جا شڪ جي بنياد تي مندر انتظاميه ڏانهن وڃن ٿا ڇاڪاڻ جو مندر انتظاميه جي ڪجهه ماڻهن جون شڪي ڳالهيون اسان کي اشارو ڪن ٿيون هنن وڌيڪ چيو ته پوليس اسان سان انصاف ڪرڻ بجاءِ ڌمڪائي رهي آهي اسين غريب پورهيت هئڻ ڪري ڪو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار ناهي سڪرنڊ پريس ڪلب کي دردن جو درمان سمجهي انصاف لاءِ آيا آهيون پريس ڪانفرنس بعد سڪرنڊ پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو پڻ ڪيو ويو جنهن ۾ شهري اتحاد جي سرپرست اعلى نياز لاشاري ، انڊس پبلڪ سوشل فورم جي صدر مجيد عباسي ۽ ڊاڪٽر صدورو ڪيرو پڻ شريڪ ٿيا جن قاتلن کي ڳولي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي فوتي نوجوان راهول جي چاچي مڪيش جنڊاهوڙو اعلان ڪيو ته جيڪڏهن جمع جي ڏينهن تائين راهول جا قاتل ظاهر نه ٿيا ته پوري سنڌ جي جنڊوهوڙا برادري کي گڏ ڪري قومي شاهراهه بلاڪ ڪنداسين جيڪا تيسيتائين بلاڪ رهندي جيسين قاتل گرفتار نٿا ڪيا وڃن هنن اهو پڻ چيو ته مندر انتظاميه اسان کان به قسم جو ڪو سهڪار نه پئي ڪري جنهن جي ڪري اسان جو شڪ وڌيڪ سگهارو ٿئي ٿو ڇاڪاڻ جو نوجوان مندر ۾ تصوير جي بي حرمتي ڪرڻ بعد اتان ئي گم ٿيو آهي جيڪو 10 ڏينهن بعد لاش جي صورت ۾ مليو آهي.

سڪرنڊ پريس ڪلب
شاگرد راهول کي بازياب ڪرايو

سڪرنڊ: قتل جا پيرا اسان جا شڪ جي بنياد تي مندر انتظاميه ڏانهن ٿي وڃن ٿا

رسول آباد اسٽاپ تان محمد صالح بروهي جي دڪان کي ڪاٽ

چور دڪان جي ڇت ٽپي سگريٽ، گيهه، کنڊ ۽ روڪ رقم ڀاري ويا

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) رسول آباد اسٽاپ تان محمد صالح بروهي جي پرچون واري

هڪ ڪلوميٽر فاصلي تي نذاڪت علي ٿيٻو جي زمين تي واقع اوطاق ٻاهران پيرا

خودڪش بمبار انسانيت جا دشمن آهن، اهي عوام جا ڪڏهن به سڄڻ نه آهن: اسد اقبال زيدي

اسلام امن محبت ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي، اهلبيت عه سان محبت ڪرڻ وارا هر هنڌ موجود آهن

25 جنوري تي سيوهڻ ۾ درگاهه قلندر شهباز جي شهيدن جي ياد ۾ شهداءِ جلسو ٿيندو ان سلسلي ۾ رابطا مهم جاري آهي

اڄ سڄي دنيا دهشتگردي جي لپيٽ ۾ آهي، ان لاءِ مسلمانن کي پاڻ ۾ متحد جو وقت اچي ويو آهي: اجتماع کي خطاب

ڳليجي (ن ع) شيعه علماءِ ڪائونسل سنڌ جي صدر ڊاڪٽر علامه سيد اسد اقبال زيدي چيو آهي ته خودڪش بمبار انسانيت جا دشمن آهن اهي عوام جا ڪڏهن به سڄڻ نه آهن اهڙن خيالن جو اظهار وادي زهرا ۾ اجتماع کي خطاب ڪندي چيوته 25 جنوري تي سيوهڻ ۾ درگاهه قلندر شهباز جي شهيدن جي ياد ۾ شهداءِ جلسو ٿيندو ان سلسلي ۾ رابطا مهم جاري آهي هن چيوته اسلام امن محبت ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي اهلبيت عه سان محبت ڪرڻ وارا هرهنڌ موجود آهن اهلبيت عه هميشه حق سچ جي رستي تي هلڻ جي هدايت ڪئي آهي ان موقعي تي شيعه علماءِ ڪائونسل سنڌ جي سينئرنائب صدرعلامه سيد محسن علي شاهه نقوي، نائب صدر در محمد ڪولاچي علي عظمت بلوچ، مولانا ظهور حسين روحاني سجاد حسين بروهي مولانا علي گل پنهور،مولانا دربان علي سولنگي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي زمين بزرگن جي آهي جن ڀائيچاري اتحاد امن جو پيغام پکيڙيو آهي اڄ سڄي دنيا دهشتگردي جي لپيٽ ۾ آهي ان لاءِ مسلمانن کي پاڻ ۾ متحد جو وقت اچي ويو آهي آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ پارايا ۽ وادي زهرا جي خادم حاجي زنوار غلام حسين ملاح به مهمانن کي تحفا ڏنا.

ڳليجي: شيعه علماءِ ڪائونسل جا اڳواڻ اجتماع کي خطاب ڪري رهيا آهن

مٽياري ضلعي ۾ سخت ڪوهيڙي سبب قومي شاهراهن تي به الڳ الڳ ٽريفڪ حادثا

ڀٽ شاهه قومي شاهراهه تي سخت ڌنڌ سبب مسافر ڪوچ ۽ ٽرالر وچ ۾ ڀيانڪ ٽڪر ٿي پيو، 6 ڄڻا زخمي

هالا قومي شاهراهه تي به سخت ڌنڌ سبب تيز رفتار ڪار موٽر سائيڪل سوار نوجوان کي ٽڪر هڻي ڇڏيو، نوجوان فوت

ٻنهي حادثن جي بنيادي وجهه سخت ڌنڌ ۽ حد نگاهه جو انتهائي گهٽ هجڻ آهي، شهرين کي احتياط ڪرڻ گهرجي: پوليس

مٽياري(ء ر) مٽياري ضلعي ۾ سخت ڌنڌ سبب قومي شاهراهن تي به الڳ الڳ ٽريفڪ حادثا پيش آيا، جن ۾ هڪ نوجوان فوت ٿي ويو جڏهن ته عورتن سميت ڪيترائي ماڻهو سخت زخمي ٿي پيا آهن. تفصيل موجب ڀٽ شاهه قومي شاهراهه تي سخت ڌنڌ سبب مسافر ڪوچ ۽ ٽرالر وچ ۾ ڀيانڪ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ عورتن سميت ڇهه ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. اطلاع ملڻ شرط ريسڪيو 1122 جون ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ زخمين کي ڀٽ شاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي پهرين طبي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ زخمين کي حيدرآباد ريفر ڪيو پيو وڃي. پوليس موجب حادثي جو شڪار ٿيندڙ ڪوچ رحيم يار خان وڃي رهي هئي ۽ حادثو حد نگاهه تمام گهٽ هجڻ سبب پيش آيو. ٻئي پاسي هالا قومي شاهراهه تي به سخت ڌنڌ سبب تيز رفتار ڪار موٽر سائيڪل سوار نوجوان کي ٽڪر هڻي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار نوجوان موقعي تي ئي فوت ٿي ويو. پوليس موجب فوت ٿيل نوجوان جي سڃاڻپ نويد جونيجو نالي سان ٿي آهي، جيڪو هالا جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي. نوجوان جو لاش هالا اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته حادثي بعد ڪار سوار موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پوليس جو چوڻ آهي ته ٻنهي حادثن جي بنيادي وجهه سخت ڌنڌ ۽ حد نگاهه جو انتهائي گهٽ هجڻ آهي، جڏهن ته شهرين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته ڌنڌ دوران سفر ڪندي انتهائي احتياط ڪن.

مسوڀرڳڙي جو نالي وارو سماجي اڳواڻ استاد جميل احمد راجپوت لاڏاڻو ڪري ويو

مسوڀرڳڙي (ن ع) مسوڀرڳڙي جو نالي وارو سماجي اڳواڻ وليج ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن جو پهريون چيئرمين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو سرگرم ڪارڪن استاد جميل احمد راجپوت لاڏاڻو ڪري ويو سندس وفات جي خبر علائقي ۾ ڏک ۽ سوگ جي لهر ڦهلائي ڇڏي آهي مرحوم استاد جميل احمد راجپوت کي سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جنازي نماز ۽ تدفين ۾ علائقي جي سياسي، سماجي اڳواڻن شهرين ۽ مٽن مائٽن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

عالمي مارڪيٽ ۾ سون ۽ چاندي جي اگهن ۾ تاريخي اضافو سون پهريون ڀيرو 4600 ڊالر في اونس کان به وڌي ويو

نيويارڪ (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ گذريل ڏينهن قيمتي ڌاتن جي اگهن ۾ غير معمولي اضافو ڏٺو ويو سون جي قيمت تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 4600 آمريڪي ڊالر في اونس جي حد پار ڪري وئي جڏهن ته چاندي جو اگهه به پنهنجي بلند ترين سطح تي پهچي ويو پرڏيهي ميڊيا موجب عالمي مارڪيٽ ۾ 0127 جي ايم ٽي تي اسپاٽ گولڊ جي قيمت 1.5 سيڪڙو اضافي سان 4478.79 آمريڪي ڊالر في اونس رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته ڪاروباري سيشن دوران سون جي قيمت وڌي ڪري 4600.33 آمريڪي ڊالر في اونس جي رڪارڊ سطح تائين پهچي وئي اهڙي طرح فيبروري فراهمي لاءِ آمريڪي سون جي فيوچرز جي قيمت 2 سيڪڙو اضافي کانپوءِ 4591.10 آمريڪي ڊالر في اونس ٿي وئي ٻئي پاسي اسپاٽ چاندي جي قيمت ۾ به نمايان اضافو ڏسڻ ۾ آيو جيڪا 4.4 سيڪڙو سان وڌي 83.50 آمريڪي ڊالر في اونس تائين پهچي وئي جڏهن ته ڏينهن جي شروعات ۾ قيمت 83.96 آمريڪي ڊالر في اونس جي بلند ترين سطح تائين پهچي وئي هئي ٻين قيمتي ڌاتن ۾ اسپاٽ پلاٽينيم 2.9 سيڪڙو اضافي سان 2338.54 آمريڪي ڊالر في اونس تي پهچي وئي جڏهن ته پلاڊيم جي قيمت ۾ 4.2 سيڪڙو جو اضافو ٿيو ۽ اهو 1892.18 آمريڪي ڊالر في اونس تي بند ٿيو

هانگ ڪانگ اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ اضافو رڪارڊ

هانگ ڪانگ (اي پي پي) هانگ ڪانگ اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ گذريل ڏينهن اضافي جو رجحان رهيو هينگ سينگ انڊيڪس 0.4 سيڪڙو جي اضافي سان 26،327.33 پوائنٽس تي پهچي ويو جڏهن ته شنگهائي ڪمپوزٽ انڊيڪس 0.4 سيڪڙو جي اضافي سان 4،138.32 تي بند ٿيو ٽوڪيو جو نڪي 225 انڊيڪس موڪل هجڻ سبب بند رهيو

اٿوپيا ۾ آفريڪا جي سڀ کان وڏي عالمي هوائي اڏي جي تعمير شروع

اديس ابابا (اي پي پي)اٿوپيا جي وزيراعظم آفريڪا جي سڀ کان وڏي عالمي هوائي اڏي جي تعمير شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي جيڪو مڪمل ٿيڻ کانپوءِ آفريڪا جو سڀ کان وڏو عالمي هوائي اڏو بڻجي ويندو عالمي ميڊيا موجب اهو هوائي اڏو گادي واري هنڌ اديس ابابا کان 40 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي بشوفتو شهر ۾ آهي اطلاعن موجب ان هوائي اڏي جي تعمير تي اٽڪل 12.5 ارب آمريڪي ڊالرن جي لاڳت ايندي هوائي اڏي جي تعمير جو پهريون مرحلو چئن سالن ۾ مڪمل ٿيڻ جو امڪان آهي ان هوائي اڏي کي ساليانو 60 ملين مسافرن کي سنڀالڻ جي صلاحيت هوندي ۽ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اها گنجائش 110 ملين تائين پهچي ويندي ايٿوپيا جي ايئر لائنز موجب ان هوائي اڏي جي منصوبي جي پهرين مرحلي ۾ ٻن وڏن مسافر ٽرمينلن ٻن رن وين هڪ ٽارمڪ جنهن ۾ 180 جهازن کي ايڊجسٽ ڪرڻ جي صلاحيت هوندي، هڪ هوٽل هڪ ڪارگو ٽرمينل جيڪو ساليانو 1.5 ملين ٽن ڪارگو هينڊل ڪري سگهي ٿو ۽ هوائي جهاز جي مرمت لاءِ هڪ مرڪز شامل آهي.ان کان علاوه منصوبي جي

ٻانڊي ۾ نوجوان جمالي اتحاد جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

نادر خان جمالي کي پوليس پاران ميبنا مقابلي ۾ بيرحمي سان قتل ڪيو ويو: اڳواڻ

ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس سزا ڏني وڃي

ٻانڊي(ن ع) نوجوان جمالي اتحاد جي پيٽرن چيف فقير محبت خان جمالي ۽ چيئرمين نوجوان جمالي اتحاد ڊاڪٽر علي خان جمالي جي سڏ تي ٻانڊي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاج ۾ تعلقي دوڙ جي جنرل سيڪريٽري زوار جمالي سٽي ٻانڊي صدر اعجاز جمالي، نائب صدر ٻابر جمالي، تحريڪ انصاف اڳواڻ دلمراد جمالي سميت ٻين ڪارڪنن شرڪت ڪئي مظاهرو ڪندڙن نيشنل پريس ڪلب ٻانڊي پهچي دادو جي ايس ايس پي امير سعود مگسي خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته نادر خان جمالي کي پوليس پاران ميبنا مقابلي ۾ بيرحمي سان قتل ڪيو ويو جنهن جي هو سخت لفظن ۾ مذمت ڪن ٿا هنن مطالبو ڪيو ته نادر خان جمالي جي قتل جي شفاف جوڊيشل انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس سزا ڏني وڃي. اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي.

ٻانڊي: نادر خان جملي کي پوليس پاران ميبنا مقابلي ۾ بيرحمي سان قتل تي احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏوڪري پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون تيز

هڪ منشيات فروش ۽ روپوش اشتهاري ڏوهاري گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جوابدار کي منشيات ڪيس ۾ گرفتار ڪري جيل موڪلي ڇڏيو آهي: پوليس

ڏوڪري(ن ع) ڏوڪري پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون تيز هڪ منشيات فروش ۽ روپوش اشتهاري ڏوهاري گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي جڏهن ته ڏوڪري پوليس محمد يوسف ملاح کي شراب جي ڪيس ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي.جڏهن ته گرفتار جوابدار کي منشيات ڪيس ۾ گرفتار ڪري جيل موڪلي ڇڏيو آهي هوڏانهن ڏوڪري پوليس سان رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ويو ته گرفتار جوابدار خيرپور ضلعي ڳوٺ آگرا جو رهواسي آهي جنهن کي چيڪنگ دوران ڏوڪري بائي پاس وٽان گرفتار ڪيو آهي جنهنجي قبضي مان 4 شراب جون بوتلون هٿ ڪيون ويون آهن پوليس چيو ته جيڪو امن امان جي صورتحال خراب ڪندو ان کي بخش نه ڪيو ويندو ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري رهنديون

POLICE
ICT LARKA

ڏوڪري: هڪ منشيات فروش ۽ روپوش اشتهاري ڏوهاري گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ميهڙ ۾ شديد ڪوهيڙي سبب مختلف حادثن ۾ ٻه ڄڻا فوت

فقير ڪوسو ڊرم گاڏي جو ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

راڌڻ اسٽيشن ويجهو قاسم شاهه ٻيلي ۾ نوجوان درويش صفت جو لاش هٿ آيو

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ۾ شديد ڪوهيڙي سبب مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي ويا ميهڙ انڊس هاءِ وي سٽي هوٽل ڀرسان گذريل رات دير سان ڳوٺ حاصل ڪوسو ڀرسان ڳوٺ سائينداد گوگاڻي جو رهواسي 65 ورهين جو پورهيت ڪوڙل فقير ڪوسو ڊرم گاڏي جو ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جنهن جي لاش کي تعلقه اسپتال ميهڙ آندو ويو جتي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن ته ميهڙ ڀرسان راڌڻ اسٽيشن ويجهو قاسم شاهه ٻيلي ۾ نوجوان درويش صفت جو لاش هٿ آيو آهي جنهن جي سڃاڻپ ڳوٺ ڪڙر ڪوسو واسي نوجوان محمد حسن ڪوسو پٽ مصري خان ڪوسو طور ٿي

چوهڙجمالي ۾ نادر خان جمالي جي قتل خلاف ريلي

شاهبندر تعلقي جي جمالي برادري پاران ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو

بيگناهه ماڻهن کي سياسي چرچ تي قتل ڪيو وڃي ٿو: منير آڪاش جمالي

چوهڙجمالي(ن ع) چوهڙجمالي ۾ شاهبندر تعلقي جي جمالي برادري، سول سوسائٽي جسقم ۽ جسم پاران دادو ۾ پوليس هٿان بيگناهه قتل ڪيل نادر خان جمالي جي قتل خلاف ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو دادو ۾ پوليس هٿان بيگناهه قتل ڪيل نادر خان جمالي جي قتل خلاف شاهبندر تعلقي جي جمالي برادري، سول سوسائٽي جسقم ۽ جسم جي اڳواڻن منير آڪاش جمالي، اياز آخوند عبدالشڪور جمالي، رحيم بخش جمالي، ڏاڏا جمالي نظير جمالي، محمد جمالي محبوب جمالي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پراڻي نيشنل بئنڪ کان چوهڙ جمالي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي ايس ايڇ او دادو قربان قمبراڻي ۽ بينظير جمالي خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پوري سنڌ ۾ پوليس سياسي ماڻهن جي ونگار وهي رهي آهي بيگناهه ماڻهن کي سياسي چرچ تي قتل ڪيو وڃي ٿو.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاولپور پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
اڱارو 13 جنوري 2026ع

ٽرمپ جون ايران کي ڌمڪيون: عالمي طاقتون خاموش ڇو آهن؟

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران ايران خلاف هڪ ڀيرو ٻيهر فوجي ڪارروائيءَ جون ڌمڪيون ۽ ساڳئي وقت ايران ۾ جاري احتجاجي لهر، وچ اوڀر کي هڪ انتهائي حساس ۽ خطرناڪ موڙ تي آڻي بيهاريو آهي. عالمي سياست جي هن نئين ڇڪتاڻ ۾ رڳو ايران ۽ آمريڪا نه، پر اسرائيل، يورپ ۽ پوري علائقي جي سلامتي سڌيءَ ريت متاثر ٿيندي نظر اچي ٿي. ٽرمپ جو اهو چوڻ ته ”ايراني عوام آزاديءَ ڏانهن ڏسي رهيو آهي“ ۽ آمريڪا انهن جي مدد لاءِ تيار آهي حقيقت ۾ انساني حقن کان وڌيڪ سياسي مداخلت جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن جو تجربو دنيا اڳ ئي عراق، ليبيا ۽ افغانستان ۾ ڏسي چڪي آهي. ايران جي پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف جو سخت بيان، جنهن ۾ آمريڪي حملي جي صورت ۾ اسرائيل ۽ آمريڪي فوجي مرڪزن کي ’جائز هدف‘ قرار ڏنو ويو آهي ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته ڪنهن به فوجي قدم جو نتيجو علائقائي جنگ جي صورت ۾ نڪري سگهي ٿو. ايران اڳ ئي ڪليل لفظن ۾ خبردار ڪري چڪو آهي ته هو پنهنجي خودمختياريءَ تي حملو برداشت نه ڪندو. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن آمريڪا يا اسرائيل ڪو به اڻ سوچيل قدم کڻي ٿو ته ان جا اثر فقط ايران تائين محدود نه رهندا.

ايراني صدر مسعود پزشڪيان جو اهو الزام ته پُرتشدد مظاهرن ۾ ٻاهرين ملڪن مان دهشتگرد آندا ويا آهن ۽ آمريڪا توڙي اسرائيل احتجاج ڪندڙن کي تشدد تي ڀڙڪائي رهيا آهن، هڪ سنجيده معاملو آهي؛ جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ايران جو موقف آهي ته ملڪ اندر عدم استحڪام پيدا ڪرڻ لاءِ منظم سازش ٿي رهي آهي. اهڙيون حالتون اڪثر انهن ملڪن ۾ ڏٺيون ويون آهن جتي عالمي طاقتون حڪومتون تبديل ڪرڻ يا پنهنجي اثر کي وڌائڻ چاهينديون آهن. ٻئي پاسي انساني حقن جي نالي تي ڪم ڪندڙ ادارن جا انگ اکر پاڻ ۾ ٽڪراءَ جو شڪار آهن. ڪٿي 500 کان وڌيڪ فوتگين جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي ته ڪٿي 192 جو انگ ڏنو پيو وڃي. ايراني سرڪاري انگن اکرن موجب 114 سيڪيورٽي اهلڪار مارجي ويا آهن، جن لاءِ ٽي ڏينهن قومي سوڳ جو اعلان ڪيو ويو آهي. سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته جيڪڏهن احتجاج مڪمل طور تي پُرامن هجي ها ته ايتري وڏي انگ ۾ سيڪيورٽي اهلڪار ڇو مارجي وڃن ها؟ اها حقيقت به سامهون آهي ته 200 کان وڌيڪ منتظمين جي گرفتاري ۽ انهن وٽان هٿيارن جي برآمدگي، احتجاجن جي نوعيت بابت ڪيترن ئي سوالن کي جنم ڏئي ٿي. اسرائيلي ميڊيا ۾ شايع ٿيندڙ رپورٽون، جن ۾ آمريڪي مداخلت جي امڪان تي تل ابيب سميت ٻين شهرن ۾ هاءِ الرٽ جو ذڪر آهي، صورتحال جي سنگينيءَ کي وڌيڪ واضح ڪن ٿيون. اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو جو اهو بيان ته هو ايران کي ”جبر کان آزاد“ ڏسڻ چاهي ٿو دراصل اسرائيل جي پراڻي پاليسيءَ جو تسلسل آهي، جنهن جو مقصد ايران کي علائقي ۾ ڪمزور ڪرڻ آهي. اسرائيل ۽ جرمني وچ ۾ نئون سيڪيورٽي معاهدو به ساڳي حڪمت عمليءَ جو حصو آهي جنهن ۾ ايران ۽ ان جي اتحادي تنظيمن کي خطرو قرار ڏنو ويو آهي. يورپي ملڪن ۾ به احتجاجن جو دائرو وڌڻ، برطانيا ۾ ايراني سفير جي طلب ۽ ترڪي پاران احتجاجن کي روڪڻ، اهو ظاهر ڪري ٿو ته ايران جو معاملو هاڻي صرف قومي نه رهيو آهي پر بين الاقوامي سفارتي ڇڪتاڻ جو سبب بڻجي ويو آهي. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتيرس جو احتجاج ڪندڙن خلاف تشدد تي ڳڻتي ظاهر ڪرڻ، عالمي برادريءَ لاءِ هڪ اخلاقي ذميواريءَ جو احساس ضرور پيدا ڪري ٿو پر سوال اهو آهي ته ڇا گڏيل قومون عملي طور به ڪو ڪردار ادا ڪنديون؟

تاريخ شاهد آهي ته جڏهن به ڪنهن ملڪ ۾ احتجاجن کي ٻاهرين مداخلت سان ڳنڍيو ويو آهي، تڏهن نتيجو هميشه وڌيڪ رت وهائڻ ۽ عدم استحڪام جي صورت ۾ نڪتو آهي. ايران هڪ مضبوط رياست آهي جنهن وٽ سياسي عسڪري ۽ عوامي ڍانچو موجود آهي. جيڪڏهن آمريڪا واقعي ايراني عوام جي ڀلائي چاهي ٿو ته ان جو رستو ڌمڪين ۽ فوجي آپشن بدران سفارتڪاري ۽ ڳالهين مان گذري ٿو. ايران ۾ جاري صورتحال پوري علائقي لاءِ خطري جي گهنٽي آهي. جنگ يا مداخلت ڪنهن مسئلي جو حل نه، پر نون مسئلن جي شروعات هوندي آهي. عالمي طاقتن کي گهرجي ته هو پنهنجي مفادن کان مٿانهون ٿي، انساني جانين جي تحفظ ۽ علائقائي امن کي اوليت ڏين ڇو ته هڪ ٻيو وچ اوڀر وارو بحران، دنيا لاءِ برداشت کان ٻاهر ثابت ٿي سگهي ٿو.

مٺي ان خمير، اصل هئي ايتري!

واحد پارس هيسباڻي

چنچر ڏينهن صبح جو سوير علي ڏني جروار جي نمبر تان ڪال آئي ته مون سوچيو شايد ڪيڏانهن گهمڻ جو پروگرام ناهيو اٿس ۽ ان لاءِ هلڻ جي صلاح ڪندو. ننڊ مان صحيح طرح اکيون کوليندي کوليندي ڪال ڪٽجي وئي، مان ڪال لاءِ سندس نمبر ملائڻ وارو ئي هوس ته سندس نمبر تان ٻي ڪال آئي، پريان روئندڙ آواز آيو چاچا مان علي ڏني جو پٽ صدام ٿو ڳالهايان بابا گذاري ويو آهي. اها بجلي جي شاڪ جهڙي خبر هئي ۽ منهنجي هٿ مان موبائل فون ڇڏائجي ويو. علي ڏنو منهنجو نهايت ئي پراڻو ۽ بيحد پيارو دلبر دوست، منهنجو سڳو ڀاءُ هو، جنهن سان روح جو رشتو هو. اڃا هڪ ڏينهن اڳ ئي ساڻس فون تي ڳالهه ٻولهه ٿي هئي ۽ چنچر يا آچر تي ڪيڏانهن گهمڻ هلڻ جو پروگرام ناهيو هئوسين. ٻه هفتا اڳ هن مهراڻ ڪار ورتي هئي ۽ اڳين چنچر تي اها ڪار ڏسڻ لاءِ مون کي خصوصي طور تي ٽنڊي الهيار گهرايو هئائين ۽ اسان سندس ڪار تي سڄو شهر گهميا هئاسين ۽ دوستن سان ملي خوب ڪچهري ڪئي هئي سين. هو ڏاڍو خوش هو ۽ چوي پيو هاڻي ڪار به اچي وئي، پينشن به لک جي لڳ ڀڳ آهي هاڻي خوب گهمبو ڦربو ۽ زندگي جو خوب لطف ماڻبو. 15 جنوري علي ڏني جو جنم ڏينهن آهي ۽ گذريل ڪيترن ئي سالن کان سندس جنم ڏينهن تي گڏجي ڪيڪ ڪٽيندا آهيون ۽ ان ڏينهن کي يادگار بڻائيندا آهيون. هن پندرهين تي سندس عمر جا 60 سال مڪمل ٿي رهيا هئا ۽ اهو طئي ڪيو هئوسين ته ٽنڊي الهيار ۾ سندس مان ۾ ڪا سٺي تقريب رکنداسين ۽ سڀني دوستن کي مدعو ڪنداسين جيڪي سندس شخصيت ۽ علمي ادبي پورهئي تي ڳالهائيندا پر اها خبر ته نه هئي ته زندگي ائين اوچتو ساڻس بيوفائي ڪري ويندي. 15 جنوري تي دنيا ۾ اکيون کوليندڙ علي 10 جنوري تي اکيون ٻوٽي دنيا مان هليو ويو آهي. علي ڏني سموري ڄمار تدريس ۽ لکڻ پڙهڻ کي ڏني اسان عبرت مئگزين ۾ به گڏجي ڪم ڪيو. سندس سروس ۾ ڪجهه مهينا اڃا رهن پيا پر وقت کان اڳ رٽائرمينٽ ورتي هئائين. ائين ٿو لڳي هن نوڪري مان فارغ ٿي رهيل ڪم ٽڪرا اڪلائڻ پئي چاهيا. ڪجهه ڏينهن اڳ هو مري، اسلام آباد، لاهور، ملتان ۽ ٻيا شهر گهمي آيو جيڪا سندس پراڻي اڪير هئي، تازو جڏهن کيس رٽائرمينٽ جا پئسا مليا ته هن ان مان ڪار ورتي هئي. هو نهايت ئي ذميوار ماڻهو هو ٻچڙن لاءِ ٽنڊي الهيار جي بهترين ۽ صاف سٿري علائقي لياقت ٽائون ۾ ٻه سال اڳ بهترين گهر جوڙايو هئائين. نياڻين سميت پنهنجي آخري رهيل پٽ جي ڪجهه مهينا اڳ شادي به ڪرائي ڇڏيائين ۽ هاڻي ان کي ڪو ڪاروبار کولي ڏيڻ جو سوچي رهيو هو ته هي سانحو ٿي ويو. علي ڏنو سچو، سادو، سڌو ۽ پرخلوص انسان هو. دوستي واري معاملي ۾ مون هن کي سدائين وڙائتو ۽ ثابت قدم ڏٺو. هو لاٽي لوڙ نڀائڻ وارو ماڻهو هو. سندس اوچتي وڇوڙي جيءَ کي جهوري وڌو آهي ۽ دل بيحد ملول آهي. اڳين چنچر تي ٽنڊي الهيار ۾ پنهنجي گهر وٽ هو مرڪندي مليو هو ۽ هڪ هفتي بعد ساڳئي چنچر تي هو بلڪل خاموش مليو! هي دل جهوريندڙ منظر مان ڪڏهن به وساري نه سگهندس. هو فقير صفت دوست هو، جنهن سموري زندگي فقيري رنگ ۾ گذاري ڇڏي اجائي ڏيکاءُ کان پري ۽ پنهنجي رنگ ۽ رمز وارو ماڻهو هو. سندس زندگي جي سفر تي نظر وجهون ٿا ته 15 جنوري 1966ع تي، ڳوٺ داد جروار، تعلقي جهمپڙ، ضلعي ٽنڊي الهيار ۾ جنم وٺندڙ علي ڏني ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. جڏهن ته ايم اي (معاشيات) ۽ ايم. ايڊ جون ڊگريون سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان حاصل ڪيائين. 1987ع ۾ پرائمري استاد جي حيثيت سان عملي زندگيءَ جي شروعات ڪندڙ علي ڏنو هيڊ ماسٽر طور رٽائر ٿيو. پاڻ قابل ۽ مثالي استاد هو. وقت جو پابند ۽ پنهنجي پيشي سان ڪميٽيڊ هو. پرائمري استاد جي حيثيت ۾ ضلعي جي ڪيترن ئي اسڪولن ۾ ڊيوٽي انجام ڏنائين. لکڻ جي باقاعدي شروعات هن 1984ع کان ڪئي سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس شاعري ۽ مضمون ڇپجڻ شروع ٿيا. شاگرديءَ واري دؤر ۾ سياست ۾ به سرگرم رهيو ۽ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين. استادن جي نمائنده جماعت آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن ۾ مختلف وقتن تي مرڪزي اليڪشن ڪميٽيءَ جو ميمبر ۽ وائيس چيئرمين پڻ رهيو. هڪ ماهر استاد جي حيثيت سان سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي نصاب ۽ نظرثاني ڪميٽين جو ميمبر پڻ رهيو. سندس لکيل ڪجهه سبق نصابي ڪتابن ۾ پڻ شامل آهن. هن مختلف اخبارن ۾ سب ايڊيٽر جي حيثيت سان پڻ ڪم ڪيو. ڪيترو ئي وقت پندرنهن روزه عبرت مئگزين جو اسسٽنٽ ايڊيٽر رهيو ۽ عبرت مئگزين توڙي عبرت اخبار جو مستقل ليکڪ هو. کيس لکڻ جو ڀرپور ڏانءُ هو، خاص ڪري سماجي ۽ ادبي موضوعن تي شاندار

جڏهن توازن نه رهي!

رسول بخش رئيس

جيڪڏهن زندگيءَ جو ڪو محور ٿي سگهي ٿو ته اهو ’توازن‘ آهي ۽ ان جو دائرو هر فردي ۽ اجتماعي پهلوءَ تائين پکڙيل آهي. انهن سڀني پاسن تي ڳالهائڻ ممڪن ناهي، جو ته پوءِ ڇا جيو وڃي ۽ ڇا نه جيو وڃي جو بحث شروع ٿي ويندو. ڪافي وقت کان ذهن ۾ هڪ شور برپا آهي، پر هاڻ اهي سڀ ڳالهيون جوڙڻ ۽ لکڻ جي همت باقي ناهي رهي. ماحول اهو نه رهيو آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ هوندو هو ۽ پوءِ اسان جا خواب به هڪ پٺيان هڪ ٽُٽندا ۽ وکرندا رهيا. عمر جو گهوڙو سرپٽ ڊوڙندو رهيو ۽ پنهنجي ئي ملڪ ۾ اهو احساس ٿيڻ لڳو آهي ته ڄڻ اسين اجنبي بڻجي ويا آهيون. هڪ عجيب ڪيفيت آهي: ماڻهو پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي رهي، پر لڳي ائين ٿو ڄڻ هجرت ڪري چڪو هجي. اهو معاملو جسماني نه پر شعوري نوعيت جو آهي.

اڪثر اسان جي تدريسي ۽ تحقيقي شعبن جا ناقد شڪايت ڪندا رهيا آهن ته سياست، تاريخ ۽ بشريات سان لاڳاپيل دانشور پنهنجي ملڪ جي مسئلن کي نه سمجهي سگهيا ۽ نه ئي انهن جو ڪو حل پيش ڪري سگهيا. ان جو جواب ڏاڍو پيچيده به آهي ۽ سادو به. سادگي اها آهي ته شايد اوهان ڪڏهن به انهن جي تحريرن ڏانهن نظر نه وڌي، جو ته اوهان ديسي علمن کي حقير سمجهيو. جيڪو ڪجهه اسان جا وڏا ۽ انهن کان پوءِ ايندڙ ڄڻي سگهيا ٿي، اهو سڀ ڪجهه لڪ ڇپ ۾ ڄڻي به ويا ۽ لازوال تحريرون به ڇڏي ويا. هاڻ انهن ڪتابن کي يا ته ڪنهن ٻاهرين لائبريرين سنڀالي ڇڏيو آهي يا پنهنجي ملڪ جي اڏوهي کائي وئي آهي.

مان اوهان کي ڪنهن زماني جي هڪ مشهور فلم جو بنيادي خيال ٻڌايان ٿو. جيڪو ڪڏهن ڪڏهن انهن دوستن کي به ٻڌائيندو آهيان، جيڪي اسان جي خاموشيءَ مان اهو نتيجو ڪڍڻ ۾ دير نٿا ڪن ته اسان کي ته ڪا به خبر ناهي. هاڻ ته اها خاموشي، جيڪا حالتن جي جبر سبب اختيار ڪئي هئيسين، اسان جي مزاج جو حصو بڻجي چڪي آهي. اسان ڪجهه ڏاهن جون ڳالهيون دل جي گهرائين ۾ لاٿيون آهن. جيڪي چون ٿا ته جڏهن ڏسو ته ماڻهو اوهان جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن ته زبان بند رکڻ ۾ ئي ڏاهپ آهي. فلم ۾ هڪ امير زادو هو، جنهن سان هڪ خادم ٻالڪپڻ کان جوانيءَ تائين گڏ رهيو. هو هميشه ان سان کيڏندو هو ۽ گهر ۾ فرصت جا گهڻا لمحا ان ماڻهوءَ سان گذاريندو هو. جيڪو هاڻ پوڙهو ٿي چڪو هو. دولت، طاقت ۽ عيش عشرت جي اميرزادي وٽ ڪا به کوٽ نه هئي. ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪجهه ڪرڻ لاءِ ڪجهه به نه رهي ته عيش پرستيءَ جا سڀ در کلي پوندا آهن. اهو اميرزادو هر شام نشي جو لطف وٺندو هو. زور زور سان کلندي ان بزرگ خادم کي چوندو هو: ”ياد آهي، جڏهن مان ننڍو هوس ته فٽبال لڪائي ڇڏيندو هوس ۽ اوهان ڪڏهن به اهو ڳولي نه سگهندا هيؤ؟“ خادم ها ۾ ڪنڌ لوڏيندو، مالڪ جي تائيد ۽ پنهنجي عاجزيءَ جو اظهار ڪندو. حالانڪ جڏهن اهو بال لڪايو ويندو هو ته خادم سڀ ڪجهه پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو هوندو هو. اوهان اسان جو مدعا سمجهي ويا هوندؤ، وڌيڪ ڇا چيو وڃي؟

معاشري جو توازن ان وقت بگڙجي وڃي ٿو، جڏهن سياسي طاقت جو توازن فطري نه رهي. جيڪي خواب اسان ڏٺا هئا، اهي اهڙي توازن سان ڳنڍيل هئا، جنهن ۾ عام ماڻهن جي مفادن سان اهڙو نظام جڙندو جو سڀ قانون جي اڳيان برابر هوندا. برابريءَ جي ڳالهه نڪتي ته ياد اچي ٿو: جيڪي پرويز مشرف جي دور ۾ قومي هم آهنگيءَ جا درس ڏيندا هئا، سي اڄ پاڻ ٿي ڪيترائي پيرا وڌيڪ باهمي هم آهنگي وڌائڻ لاءِ سڀ ڪجهه بدلائي ويٺا آهن. جن چانورن هيٺ سڀ ڪجهه انجام پاتو آهي، ان بابت ڪابي ڊر جي عالم ۽ دانشور حمزه علوي اسان جي خوابن جي دور ۾ ئي ڳالهه ڪري ڇڏي هئي. ان ۾ ڪنهن به قسم جو فاضل گهٽ ۾ گهٽ علمي، عقلي ۽ شاهدي دليلن جي بنياد تي سطحي حملن کان وڌيڪ ڪا دراڙ وجهي نه سگهيو آهي.

علوي صاحب جو مرڪزي نڪتو رياست ۽ سماج جي وچ ۾ توازن جو بگاڙ هو ۽ اها ڳالهه ته رياست جي طاقت ۽ ترقي ايتري وڌي چڪي آهي، جو سماج صرف ان جي رحم و ڪرم تي رهجي ويو آهي. انهن جو فلسفو ٿورن جملن ۾ بيان ڪرڻ سنڌن حق ۾ ناانصافي هوندي، بهرحال، سنڌن سڀني ڳالهين سان اسان جو اتفاق به ضروري ناهي. پر جڏهن انهن سڀني آئيني ترميمن، باهمي هم آهنگيءَ جي فرمانن ۽ گڏريل چوڻين جي نتيجن کي سامهون رکجي ٿو ته جيڪو ڪجهه علوي صاحب اڌ صدي اڳ چيو هو، اهو اڄ وڌيڪ سگهارو تجزيو لڳي ٿو. ماڻهو هڪ هٽي ڪي ٽوئيون هڻي، اُنڌير نگرين ۾ ’جيڪي پاڪستان هرگز ناهي‘ اڳتي نڪرڻ لاءِ هر ذريعو ۽ وسيلا استعمال ڪن ٿا. جتي جائز ۽ ناجائز جي سڃاڻ باقي نٿي رهي، ۽ اهڙن طبقن ۾ رلي وڃن ٿا، جيڪي طاقت جا گڻ ڳائين ٿا. اسان وٽ اها راند ملڪ جي تاريخ جي ستين سال ۾ ئي شروع ٿي وئي هئي، پر ان کان پوءِ هر دور وسيلن ۽ اختيارن جي مرڪزيت جي حوالي سان اڳئين کان وڌيڪ سگهارو ثابت ٿيو. اها رڳو پنهنجي ملڪ جي ڪهاڻي ناهي. جديد تاريخ ۾، رومي سلطنت کان وٺي عباسي خلفائن تائين ڏسو. سڀ هڪ جهڙا نه هئا. پر جڏهن توازن ۽ سياسي طاقت جو عوام يا سماج سان رشتو ٽُٽي پيو ته انجام سڀني لاءِ خوفناڪ ٿيو.

اڄڪلهه گهڻي عرصي کان پوءِ ’انحطاط ۽ زوالِ سلطنتِ روما‘ (اردو ترجمو) ڏسان پيو ۽ ايڊورڊ گبن جو اصل ڪتاب به سامهون پيل آهي. تاريخ جا اهڙا بي شمار ڪتاب آهن. پر گبن جنهن زاويي نگاهه ۽ موضوع جي وسعت سان ان دور ۽ ان سلطنت تي لکيو آهي، اهو بي مثال آهي. ڪجهه رومي شهنشاهن ۽ ڪجهه عباسي خليفائن جي محلن، طرزِ زندگيءَ ۽ عيش عشرت جون ڪهاڻيون ڏسان ٿو ته اڄ جي زماني جا ڪيترائي ملڪ اکين اڏو اچي وڃن ٿا. اسان جو مسئلو اهو آهي ته اسان حال بابت لکي نٿا سگهون. جيڪو ڪڏهن اسان کان پوءِ لکندو، ان وقت اسين موجود نه هونداسين. پر ان امير زادي جي بزرگ خادم وانگر، اسان کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته فٽبال ڇا آهي، ڪٿي آهي ۽ ڪير هن معاشري ۾ پنهنجون پنهنجون مخصوص ٽيمون ٺاهي، باهمي هم آهنگيءَ کي طاقتور بڻائڻ لاءِ ميچ کيڏي رهيا آهن. اسان ڪڏهن کان خاموشي اختيار ڪري ويٺا آهيون.

اهو چوڻ ضروري آهي ته اهڙن نظامن ۾ طاقت جي راند ڪڏهن به تاريخ ۾ دائمي ثابت نه ٿي آهي ۽ اڄ جي زماني ۾- جتي خبرون ٺهن ٿيون، بگڙن ٿيون ۽ جهنگ جي باهه وانگر پکڙجن ٿيون- عدم توازن ڪيئن برقرار رهي سگهي ٿو؟ تاريخ جا ڪجهه ڪتاب پڙهڻ ۽ ڪيترن اهڙن دورن جا عيني شاهد هئڻ سبب اسان ڏٺو آهي ته جڏهن آواز اُڀاريندڙن خلاف طاقت ڪجهه وڌيڪ ڀونڊي نموني سان استعمال ٿيڻ لڳي ته سمجهو لٺيون ڪمزور ۽ آواز طاقتور ٿي رهيا آهن.

هاڻي اها ڳالهه رڳو سياسي طاقت تائين محدود ناهي رهي؛ معاشي طاقت به ڳوٺن کان وٺي وڏن شهرن تائين اهڙن طبقن جي هٿن ۾ مرڪوز ٿي رهي آهي، جن جي جائز هجڻ بابت سوال ڪڍڻ هاڻ حماقت سمجهي وڃي ٿي. موقعو ملڻ تي جڏهن شهرن ۾ گهمون ٿا، خاموش تماشائي بڻجي، پنهنجي ذات ۽ سڃاڻ لڪائي ته ڪيترن ئي جڳهين تي نون دولتمندن جون محفلون ڪنارن تي ڏسي اڳتي وڌي وڃون ٿا. اهو عام مشاهدو آهي ته وڏن چونڊيل ايوانن ۾ هاڻ جن جا ديرا آهن، انهن جي تاريخ ۽ جاگرافي اسان جي محدود علم جي دائري ۾ نٿي اچي. ايوانِ بالا هاڻ ايترو مثالون ٿي چڪو آهي، جو عوامي نمائندا رڳو ووٽ وجهڻ جا پابند آهن؛ فيصلو ڪو ٻيو ڪري ٿو.

اسان جي سماج جو هڪ ٻيو پهلو به آهي، جنهن بابت هن مضمون ۾ وڌيڪ ڪجهه نٿا چئي سگهون؛ ان لاءِ ڪو ٻيو ڏينهن مقرر آهي. ڪنهن زماني جا سفيد پوش هاڻ اهو رنگ برقرار نٿا رکي سگهن ته هو گهربل انقلابين وانگر زير زمين هليا وڃن ٿا. جيئن ته اسين ڪنهن به ڪاتي ۾ نٿا اچون. تنهن ڪري خاموشي سان پنهنجي جهنگ ۾ ويهي تماشو ڏسنداسين. انهن بيقرار تماش بينن وانگر، جيڪي فلمن ۾ ايندڙ منظر جا منتظر هوندا آهن. جيڪو به ٿيندو رهي، اسان کي رڳو ڪهاڻيءَ جي ايندڙ موڙ جو خيال آهي.

ڇا ٽين عالمي جنگ جي شروعات ٿي چُڪي آهي؟

امريڪا ۽ ايران وچ ۾ وڌندڙ تڪرار صرف ٻن ملڪن جو معاملو نه رهيو آهي، بلڪ اهو هاڻي سڄي دنيا جي امن، استحڪام ۽ مستقبل لاءِ هڪ سنگين سوال بڻجي چڪو آهي. وچ اوڀر اڳ ئي جنگين، پابندين ۽ سياسي بيچينيءَ جو شڪار رهيو آهي، پر هاڻوڪي صورتحال ان خطي کي هڪ نئين ۽ وڌيڪ خطرناڪ ٻه- واٽي تي بيهاري ڇڏيو آهي.

امريڪا پاران ايران تي معاشي پابنديون، فوجي دٻاءُ ۽ علائقي ۾ پنهنجي موجودگي وڌائڻ، جڏهن ته ايران جو سخت ردعمل، ميزائل طاقت ۽ اتحادي گروهن ذريعي اثر وڌائڻ، ٻنهي پاسن کي سڌي ٽڪراءَ جي ويجهو آڻي ڇڏيو آهي. ڳاڙهي سمنڊ، خليج فارس ۽ عراق توڙي شام ۾ ٿيندڙ واقعا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته باهه ڪنهن به وقت وڏي جنگ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. سوال اهو آهي ته ڇا هيءَ صورتحال ٽين عالمي جنگ جي شروعات آهي؟ في الحال دنيا مڪمل عالمي جنگ ۾ داخل نه ٿي آهي، پر اهڙا سڀ عنصر موجود آهن جيڪي ڪنهن به ننڍڙي واقعي کي وڏي تباهيءَ ۾ بدلائي سگهن ٿا. وڏيون طاقتون، جهڙوڪ روس ۽ چين به هن تڪرار کي غور سان ڏسي رهيا آهن، جڏهن ته يورپ پنهنجي معاشي ۽ توانائي مفادن سبب پريشان آهي.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته وڏيون جنگيون هميشه ننڍن تڪرارن مان جنم وٺنديون آهن. جيڪڏهن سفارتڪاري، ڳالهين ۽ عقل جي بدران طاقت جو استعمال جاري رهيو ته دنيا کي هڪ اهڙي جنگ ڏسڻي پئجي سگهي ٿي، جنهن جا اثر رڳو ميدانِ جنگ تائين محدود نه رهندا، بلڪ هر ملڪ، هر قوم ۽ هر انسان کي متاثر ڪندا.

تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عالمي ادارا، خاص طور گڏيل قومون اثرائتو ڪردار ادا ڪن ۽ امريڪا توڙي ايران کي ٽڪراءَ بدران ڳالهين جي ميز تي آڻين. ٻي صورت ۾ سوال ”ڇا ٽين عالمي جنگ جي شروعات ٿي چُڪي آهي؟“ جلد هڪ تلخ حقيقت ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو. **(ايڊيٽوريل ڊيسڪ)**

پاٽي اَن جي، پَٽ جو وڳو ۽ 100 روپيا

مير اعظم علي ٽالپر

هيءَ ڳالهه 1980ع جي آهي، جڏهن اسان جو پاڙو شهر ۾ هئڻ جي باوجود به ’ڳوٺ‘ لکيو، پڙهيو ۽ سڏيو ويندو هو. بهرحال پاڙو هجي يا ڳوٺ اُن سان ڪو فرق نٿو پئي، اصل ڳالهه اِها آهي ته پاٽي اَن جي (ڪٽڪ)، پَٽ (ريشمي ڪپڙو ڪنهن حد تائين ڳاڙهو) جو وڳو (جوڙو ڪپڙن جو) ۽ 100 روپين جي صدا روشني فقير ۽ سندس ساٿي هر نوا ڪنهن به گهر ۾ شادي ٿيڻ، پَٽ ڄمڻ ۽ طُهر ٿيڻ تي اچي هڻندا هئا، جو ته راقم جي هوش حواس سنڀالڻ جي زماني کان پاڙي ۾ ڪنهن جي به شادي ٿيندي هئي ته شادي جي دير ۾ دير به نئين ڪنوار نون جي بنياد يا ستاوڙي ٿيڻ شرط روشني فقير پنهنجن پنجن کان ستن ساٿين سميت گهر جو ٻاهريون دروازو اوچتو کولي وڏي آواز ۾ تاڙي (تاڙ نما ٺوڪي) هڻي، آها صدا سُر سان چوندو هو ته امان ستن پٽن جي ماءُ ٿين. پاٽي اَن جي، پَٽ جو وڳو ۽ سئو روپيا خيرن جو شادي جو مبارڪ جون لک لک مبارڪ سان لاڳ (گهور) ڏي، روشني فقير جي دستي ۾ هڪ فقير جي ڪڇ ۾ ڍولڙي (ننڍڙو دهل) هوندي هئي ته ٻئي فقير جي هٿ ۾ پيش واري ڇيڀي هوندي هئي ۽ گهر ۾ داخل ٿيڻ شرط شادي جي گهوٽ، ڪنوار کي پروٽوڪول ڏيڻ لاءِ فورن دهلڙي جي ’ڍيبڪ، ڍيبڪ‘ شروع ڪندي ڇير جي ڇمڪاٽ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جي خير آڪيتي ۾ لاڏا ۽ سهرا ڳائيندي اها صدا بدستور جاري رهندي هئي ۽ تاڙي به پنهنجي هٿن سان وڄندي رهندي هئي. اهڙي طرح سان شادي واري گهر جي سُک ۽ سلامتي وارين دعائن سان گڏ ڳائڻ وڄائڻ ۽ نچ نچان واري ڌماچوڪڙي اڌ منو ڪلاڪ هلڻ کانپوءِ انهيءَ راضپي وارين ڳالهين تي ختم ٿيندي هئي ته شادي واري گهران کين پاٽي اَن بدران چوٿائي اَن جي ملڻ تي ڇُپ رهڻو پوندو هو ته وري پَٽ واري ڪپڙن جي جوڙي بدران کين صرف پوتي ڏني ويندي هئي ۽ اهڙي ريت سئو روپين بدران ڏهه روپيا ڪيش وٺي فقيرن جي ٽولي کي واپسي جو واپس سفر ڪرڻو پوندو هو. البت اُن زماني ۾ اها خبر نه پوندي هئي ته اهو اهڙو ڪهڙو ’مخبر‘ آهي، جيڪو روشني فقير جي هن چاڪ ۽ چوبند دستي کي شادي، پَٽ ڄمڻ ۽ طُهر جو خفيه اطلاع پهچائي ٿو ۽ فقير پاڙي ۾ سڌو اُن نشاني تي پهچي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ فقيرن جو نڪاٽو مڙهي پاڙي کي ايترو ويجهو به نه هوندو هو. اُن کانسواءِ اهو زمانو موبائل فون جي خام خيالي کان پري هو، جنهن جي فيس بُڪ تي شڪ ڪجي ها ته فلاڻي همراهه جي شادي ٿي رهي آهي يا اُن جي وليمي ۾ سنگت فوٽو سيشن ڪرائي رهي آهي يا وري ڪنهن جي گهر ڄوڙهين جو چنڊ پَٽ ڄائو آهي يا وري ڪنهن ڇوڪري جي سنت (طُهر) ٿي آهي ته اردو چوڻي موجب ’آ بيل مجهي مار‘ وانگر ڪڏڙن فقيرن کي غير اعلانيه خبر پهچائجي ها ته پاڙي جي فلاڻي گهر ۾ ڪاڄ ٿيو آهي ۽ اچو لاڳ وٺو. سو اهڙي به حلت نه هوندي هئي. اُن جي باوجود ڄاڻايل فقير هر خوشي جي موقعي تي خود سلفته نڪا اچي ڪندا هئا ۽ پنهنجي مطالبي واري صدا پاٽي اَن جي، پَٽ جو وڳو ۽ سئو روپين تان دستبردار ٿي ويندا هئا ۽ پوءِ جيڪو مليو راضي ٿي ويندا هئا.

اسان جي پاڙي ۾ اهو سالن کان هلندڙ سلسلو 1980ع جي آخر ۾ بند ٿي ويو ۽ اُن لاءِ فقير جي اچڻ تي پابندي وڌي وئي، جڏهن ته هڪ ڪڏڙو فقير خود اسان جي پاڙي جو به هو، پر اُن کي روشني فقير جي ٽولي ۾ شامل نه ڪيو ويندو هو ۽ اُهو اڪيلو ايندو هو. اُن کانسواءِ هڪ ڪڏڙو فقير ڪيري جي موري کان چالنگ ذات اُئين گهمڻ ايندو هو، جيڪو ذاتي طرح سان زميندار هوندو هو پر قدرتي هو اُئين ڄائو هو. بهرحال اڄ هي فقيرن جو داستان اُن ڪري ياد اچي ويو ته گذريل هفتي کان ڪراچي ۾ فقيرن کي ڪيش رقم خيرات ۾ ڏيڻ بدران ماني کارائڻ ۽ پاٽي پيارڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. اها ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي ته ڪيترن فقيرن کي ڪير ماني کارائيندو ۽ ڪو به فقير هڪ دفعو ٿي ته ماني کائيندو باقي پاٽي ته ڪٿان به پي وٺندو. حيدرآباد شهر ۾ مختلف هوٽلن تي ٻاهران فقيرن جون قطارون لڳل هونديون آهن جن لاءِ مخير حضرات هوٽل واري کي پيسا ڏيندا هوندا ۽ هوٽل وارا ماني کارائيندا هوندا. باقي ڪو به هوٽل وارو پنهنجي طرفان حاتم طائي جي قبر کي لت هڻي فقيرن لاءِ سخاوت طور خود ماني جو ويلو نه کارائيندو هوندو. بهرحال فقيرن ڪاڌ خوراڪ ۽ مانيءَ تان ياد آيو ته تازو اقوامِ متحده جي ڪاڌ خوراڪ ۽ زراعت واري اداري پاران هڪ رپورٽ جاري ڪئي وئي آهي ته اڄڪلهه زراعت ۽ هني ٻاري ۾ نوجوان نسل زراعت جو علم پرائي پڙهي ته ٿو پر اُن ۾ دلچسپي نٿو رکي، جنهن ڪري نئين نسل جو هني ٻاري طرف ڌيان نه هئڻ برابر آهي ۽ اُن ڪري سندس هٿ نه وڌائڻ ڪري هني ٻاري ناهڻ ۽ پوکڻ ۾ حصو به گهٽ آهي، حالانڪ نوجوان نسل وارا هن ۾ شوق سان حصيداري ڪن ته سندن مستقبل بدلجي ويندو. اداري طرفان زراعت ۽ کاڌي جي نظام ۾ نوجوانن جو نه هئڻ ترقي کان خالي آهي، نوجوان اچن ته زراعت کي تحفظ ملندو. نوجوانن جي زراعت ۾ دلچسپي وٺڻ سان نظام ۾ سڌارو ايندو ۽ تباهه ٿيندڙ زراعت به بچي ويندي. هن سان زراعت جو چئلينجن کي منهن ڏيڻ آسان ٿيندو ۽ دنيا ۾ تبديلين سان مقابلو به ڪري سگهبو. اقوامِ متحده هن لاءِ نوجوانن کي جوش ۽ جذبي سان اچڻ لاءِ چيو آهي. جيڪو نوجوانن مان ڏينهون ڏينهن هني ٻاري جو رجحان ختم ٿي رهيو آهي ۽ هو اُن کان پري ڀڄي رهيا آهن اُن جو وڏو سبب نوجوانن کي هني ٻاري مان فائدو گهٽ ملڻ جي اُميد آهي. جڏهن ته سخت پورهيو ۽ محنت کانپوءِ به منافعو گهٽ ملي ته نوجوان ڪيئن اچن؟ اُن ڪري نوجوان بهتر روزگار تلاش ڪن ٿا. اُن کانسواءِ زراعت ۽ پوکڻ کان وٺي فصل لهڻ تائين غير پروسي جوڳي حلت رهي ٿي. اُن ڪري نوجوان طبقو هني ٻاري کان منهن موڙي ٿو ۽ هو سٺي پگهار ۽ شهرن ۾ نوڪري کي سٺو سمجهي ٿو. جڏهن اسان پرائمري اسڪول کان پڙهيو آهي ته اسان جو ملڪ ’هڪ زرعي ملڪ آهي‘ اُن ڪري اسان جي گهربلو پيداوار زراعت آهي جيڪا اڄڪلهه مايوس ڪندڙ آهي اُن کي هر طرح سان ڪاپاري ڌڪ آهي جو ته هني ۾ پوکيل فصل اڄ به موسم جي مهرباني تي بيٺل هوندو آهي فصل ٿيو ته ٺيو نه ته سنڌي چوڻي موجب ’12 (ٻارهن) ئي قلسَ ٻَري جا‘ مطلب ته اُن نه ٿيو ته رڳو ٻرهه ۽ گاهه ٿيو ته ڪجهه نه ٿيو. اُن ڪري هاري، زميندار هروقت پريشان رهي ٿو اُن کانسواءِ جنسن جا اگهه نه ملڻ سبب به نوجوان هن طرف نٿو اچي زراعت کي پراڻي زماني ۾ پوڙهن جو ڪم سمجهيو وڃي ٿو حالانڪ سرڪار زراعت لاءِ يونيورسٽيون کوليون، اسڪالرشپ ڏني پوءِ نوجوان پڙهي به هني ٻاري ۾ نه ٿو اچي. هن سلسلي ۾ زرعي ماهر ۽ نليوارِي ليکڪ سائين مٺل جسڪاڻي چيو ته اها سوچ اُن وقت تائين تبديل نه ٿيندي جيستائين نوجوان کي اُن ۾ فائدي جي پڪ نه ٿيندي. مٺل جسڪاڻي اهو به ٻڌايو ته زراعت پڙهڻ ۽ ڪرڻ ۾ فرق آهي نوجوان پڙهي ته ٿو زراعت پر ڪري گهٽ ٿو. اُن سلسلي ۾ زراعت سان وابسته رهندڙ فاروق احمد ٽالپر چيو ته نوجوان نسل هني ٻاري ۾ دلچسپي وٺڻ بدران هُو ٻيا روزگار ڳولي ٿو ۽ فاروق احمد ٽالپر جو خيال آهي ته نوجوان هن فيلڊ ۾ پاڻ کي بهتر نٿو سمجهي. بهرحال اڄ مرحيات روشني فقير جي صدا ياد اچي وئي ’پاٽي اَن جي پَٽ جو وڳو ۽ سئو روپيا‘ زراعت ۽ اُن هوندو ته پاٽي اَن جي ٿيندي ۽ ملندي، وونئڻ ۽ ڪپهه هوندي ته پَٽ جو وڳو به ملندو ۽ فصل ٿيندو ته سئو روپيا به ملندا.

اڄوڪو ڏينهن - 13 جنوري

ڊاڪٽر سليمان قاضي

ڊاڪٽر سليمان قاضي جانورن جي علاج جو ماهر هو. هو انهن اوائلي ماهرن مان هڪ هو جن سنڌيءَ ۾ سائنسي مضمون لکيا. هو 13 جنوري 1902ع تي موري ۾ قاضي دوست محمد جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم موري ۽ نوشهري فيروز مان حاصل ڪيائين. وٽنري ڪاليج بمبئيءَ مان وٽنري سائنس ۾ گريجوئيشن ڪيائين. هن مڪتيسر بريليءَ مان پوسٽ گريجوئيٽ ڪورس پڻ ڪيو. هو 1923ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وٽنري ڊاڪٽر مقرر ٿيو ۽ 1946ع تائين جانورن جي مختلف اسپتالن ۾ ڪم ڪندو رهيو. 1948ع ۾ سکر ۾ اينيمل هسبينڊري جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. ان بعد لاڙ ۾ ساڳئي عهدي تي ڪم ڪيائين. 1958ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ وٽنري انسٽيٽيوٽ ٽنڊي ڄام ۾ انسٽرڪٽر ۽ پولٽري فارم جو انچارج رهيو. 1959ع ۾ موري ۾ جانورن جي اسپتال کوليائين. ان ئي زماني ۾ جانورن جي بيمارين جي باري ۾ ڳوٺ سڌار رسالي ۾ مضمون لکيائين. هن ٻه سفرناما ”تر جو گشت“ ۽ ”مڪتيسر بريليءَ کان لاهور تائين“ لکيا. 6 جون 1968ع تي وفات ڪيائين.

گووڙڌن محبوباڻي ڀارتي

اڄ ڄڳ مشهور سنڌي شاعر، نثر نويس، ناٽڪ نويس، ڪلاڪار ۽ فلمي اداڪار گوبرڌن ڀارتيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جي جنم جي تاريخ 13 جنوري 1929ع آهي. هو مشهور موسيقار سي ارجن جو ويجهو ساٿي هو. هن 20 ڪتاب لکيا. سندس ڪتاب ”شيشي جا گهر“ کي 1990ع وارو ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ ڏنو ويو. هن 9 سنڌي فلمن لاءِ گيت لکيا. هن سنڌي فلمن ”هو جمالو“ ۽ ”شل ڏيئر ته ڄمن“ ۾ اداڪاري به ڪئي. هن اجمير ۾ ”سنڌي سنگت“ جي نالي سان هڪ ادارو کولي ڪيترائي سنڌي ثقافتي ۽ موسيقيءَ جا پروگرام منعقد ڪرايا. هن 22 جون 2010ع تي اجمير ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو.

ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي



اڄوڪو ڏينهن سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم ۽ اديب موتي لال جوتواڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. سنڌي، هندي ۽ انگريزي ٻوليءَ تي عبور رکندڙ هن انمول انسان جو جنم سنڌ جي مشهور شهر روهڙيءَ ۾ 13 جنوري 1936ع تي واڌومل جوتواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. 1946ع ۾ سندس ڪٽنب ڪراچيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي، جتي سندس پيءُ کي ڪي جي ڪلناڻي هاءِ اسڪول ۾ ماستري نوڪري ملي هئي ۽ هو سنڌي رسالي ”قرباني“ جو سب ايڊيٽر مقرر ٿيو. موتي لال اڃا ٻارهن سالن جو مس هو جو هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ سندس ڪٽنب ڪراچي ڇڏي پهريائين ممبئيءَ ۾ ۽ پوءِ دهليءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي. 19 سالن جي عمر ۾ هن جي پهرين ڪهاڻي ”مڪتي“ هندي اخبار وير ارجن ۾ شايع ٿي. انهيءَ ئي زماني ۾ هو دهليءَ جي هڪ اسڪول ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. 1958ع ۾ پنجاب يونيورسٽي چنڊي ڳڙهه مان گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ هندي ٻوليءَ جو استاد مقرر ٿيو. 1959ع ۾ ساڳي يونيورسٽيءَ مان صحافت ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما

ساڳئي سال کيس سنڌي ٻوليءَ جو ريڊر مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر موتي لال سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ لڳ ڀڳ 60 ڪتاب لکيا، جن کي ڏيهي توڙي پرڏيهي ادب ۾ وڏي مڃتا ملي. 1979-80 ۾ هن هارورڊ يونيورسٽي آمريڪا ۾ سنت صوفي ادب تي ليڪچر ڏنا. 1979ع ۽ 1995ع جي وچ وارن سالن ۾ هن دنيا جي مختلف ملڪن ۾ تحقيقي مقالا پڙهيا. 1983ع کان 1994ع تائين هو ورلڊ پيس اڪيڊميءَ جي هندستاني پروفيسرن جي چيپٽر جو صدر رهيو. 1985ع کان 1987ع تائين هو دهليءَ ۾ سنڌي صلاحڪاري ڪاميٽيءَ جو وائيس چيئرمين رهيو. 1985ع کان 1990ع تائين ٽماهي رسالي ”انڊين آئٽر“ جو ايڊيٽر ۽ 1996ع کان 1999ع تائين سنڌي اڪيڊمي دهليءَ جو اعزازي ميمبر سيڪريٽري رهيو. مارچ 2006ع ۾ سنڌ سرڪار جي ڪلچر کاتي پاران کيس ڀٽائيءَ جي عرس تي اچڻ جي دعوت ڏني وئي. انهيءَ موقعي تي هن ”شاهه لطيف ۽ سنڌي“ عنوان تحت مقالو پڙهيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ پڻ ليڪچر ڏنو. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو هي املهه هيرو 28 جنوري 2008ع تي ان سفر تي روانو ٿي ويو، جتان ڪو به موٽي نٿو سگهي. سندس ڪيل ادبي خدمتن کي مڃتا ڏيندي کيس ڪيترن ئي ايوارڊن سان نوازيو ويو، جن ۾ ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ، سنڌو رتن ايوارڊ ۽ پدما شري ايوارڊ شامل آهن. سنڌ سرڪار کيس لطيف ايوارڊ سان نوازيو.

محمد عرس اظهر سولنگي



اڄ مشهور اديب محمد عرس عرف اظهر سولنگيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن سرت پرڻي ساهتڪار 13 جنوري 1942ع تي تعلقي ۽ ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ ميوي خان ۾ اکيون کوليون. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، مئٽرڪ، انٽرميڊيئيٽ ۽ بي اي جا امتحان دادوءَ مان پاس ڪيائين ۽ ايم اي (مسلم هسٽري) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. هن اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگي شروع ڪئي ۽ سڄي عمر قوم جي نونهالن کي علم جي زيور سان آراسته ڪري 1993ع ۾ رٽائر ٿيو. هن 1967ع ڌاري ساهت جي سنسار ۾ پير پاتو. سندس ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪالم سنڌ جي ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻيا. هو هڪ پلوڙ شاعر به هو. هو سنڌي ادبي سنگت، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۽ سنڌ ويلفيئر ۽ ڪلچرل آرگنائيزيشن سميت مختلف ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان سلهاڙيل رهيو. سندس لکيل ڪتاب ”دادو ضلعو هڪ اڀياس“ 2006ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن انمول انسان جي ساهه جو سڳو 14 آڪٽوبر 2022ع تي ٽٽي پيو.

جڳديش شهدادپوري

جڳديش شهدادپوري ڀارت جو مشهور سنڌي ناٽڪ نويس، شاعر ۽ مضمون نگار هو. سندس جنم 13 جنوري 1961ع تي احمد آباد ۾ ٿيو. هن

مختيار اٿر

سٺ کان مٿي ڊرامن ۽ ڪيترين ئي سنڌي فلمن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هو ريڊيو جو مشهور اناؤنسر به رهيو. ادب ۽ فن لاءِ سندس خدمتن جي مڃتا طور کيس ڪيترائي انعام ۽ ايوارڊ مليا. هو ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان پڻ سلهاڙيل هو. هن 16 آڪٽوبر 2025ع تي پنهنجي جيون جو سفر پورو ڪيو.

سڪندر عباسي

سڪندر عباسي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ سٺو ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس آهي. سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1974ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن جون ڪيترين ئي ڪهاڻيون ڇپجي چڪيون آهن ۽ 75 کان مٿي سنڌي ۽ اردو ڊراما خانگي ٽيليويزن چئنلن تان ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ پيار جو پهريون نظم (ڪهاڻيون)، ڪوجهي چنڊ جو غم (ڪهاڻيون)، ڪچي ننڊ جا خواب (ڪهاڻيون)، ۽ محبت ئي خدا آهي (ترجمو) شامل آهن. هو ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي ڪمپيئر جا فرائض به ڏيندو رهيو آهي ۽ مختلف اخبارن لاءِ ڪالم به لکندو رهيو آهي

ابن حيات پنهور



اڄ سنڌ جي روشن خيال ۽ ترقي پسند ليکڪ ۽ دانشور ابن حيات پنهور جي وفات جو ڏينهن آهي. سندس اصل نالو يار محمد ۽ پيءُ جو نالو محمد حيات هو. پاڻ 1916-17ع ڌاري دادو ضلعي جي ڳوٺ پراڻي ڪارڙيءَ ۾ ڄائو. اڃا ڇهن مهينن جو مس هو جو سندس والده وفات ڪئي ۽ سندس پيءُ ٻي شادي ڪري ورتي. گهريلو اٿڻت ۽ خانداني نااتفاقيءَ سبب سندس ننڍپڻ ڪسمپرسيءَ ۾ گذريو. مزدوريون ڪري ۽ ٻچاءُ بند تي مٽيءَ جا ڏلها ڪڍي پنهنجي پڙهائي جاري رکيائين. ڪجهه عرصو بيلداري ڪيائين ۽ پوليس ۾ به نوڪري ڪيائين. پرائمري ماستر طور به ڪم ڪيائين. بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ پرُوف ريڊر مقرر ٿيو. ادب سان سڄي عمر دلچسپي رهيس ۽ لاڳيتو 20 سال سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر رهيو. 18-19 سالن جي عمر ۾ شاعري شروع ڪيائين. ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين. ان بعد سنڌي ٻولي تحريڪ ۽ ٻين اهڙين تحريڪن ۾ حصو ورتائين. هو هڪ سٺو ڪهاڻيڪار پڻ هو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ سنڌي ادب ۽ اسان جا سنڌي اديب، مارڪسي فلسفو، قومي گيت، ايا آڳاهون، قوم ۽ قوميت، ون يونٽ ۽ متحده محاذ ۽ ٻيا شامل آهن. هن پرهه ڦُٽي نالي هڪ رسالو پڻ جاري ڪيو هو. ابن حيات پنهور 13 جنوري 2003ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مڙهه کي ٽنڊي ڄام جي نور شاهه قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو.

بعد بي اي، بي ٽي ۽ ايم اي (عربي) جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. هن پرائمري اسڪول جي استاد طور نوڪري شروع ڪئي ۽ مختلف اسڪول ۾ هڪ استاد ۽ هيڊ ماسٽر طور علم جون ڏياٽيون روشن ڪيون. علمي سرگرمين سان گڏ سماجي ڪمن ۾ هميشه اڳڀرو رهيو. هن ڪيترن ئي غريب شاگردن کي ڪتاب ۽ ڪپڙا وٺي ڏنا ۽ سندن مالي مدد ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو. ادب سان به گهڻي دلچسپي رهيس. محمد خان دائودپوٽي 13 جنوري 2003ع تي وفات ڪئي.

سيد محسن شاهه بخاري

سنڌ جي هن مشهور سياسي اڳواڻ جو جنم 24 اپريل 1951ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ ٿيو. پاڻ 1988ع، 1990ع، 1997ع ۽ 2008ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. هن سنڌ جي ڪاڌ خوراڪ واري شعبي جي صوبائي وزير طور پڻ ڪم ڪيو. تاريخ 13 جنوري 2012ع تي وفات ڪيائين.

مائل سروري



اڄ مشهور شاعر مائل سروريءَ جي ورسي جو ڏينهن آهي. هن ٽاليواري شاعر جو اصل نالو حاجي مصري ڪاڪا هو. هن جي جنم جي تاريخ تي اختلاف آهي. هن جي شاعريءَ جو ڪتاب ”مستن تي ناهي ميار“ سنڌ ادبي بورڊ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ هن جي جنم جي تاريخ 19 سيپٽمبر 1937ع لکيل آهي. مشهور محقق ڊاڪٽر ڊُرمحمد پٺاڻ پنهنجي ڪالمن ۾ هن جي جنم جي تاريخ هڪ هنڌ 19 آگسٽ ۽ ٻئي هنڌ 19 سيپٽمبر لکي آهي. جڏهن ته مهراڻ رسالي جي شاعر نمبر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپيل سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ 19 سيپٽمبر بجاءِ 19 آگسٽ لکيل آهي. جڏهن ته جنم جو سال ساڳيو آهي. هو نئين سعيدآباد ويجهو ڳوٺ پليڏني ڪاڪا جو رهواسي هو. سندس والد محمد لائق ڪاڪا پنهنجي علائقي جو مشهور سماجي ورڪر هو. مائل سروريءَ 1950ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو. ان بعد اديب فاضل ۽ اديب عالم جا امتحان به پاس ڪيائين. هو مخدوم طالب المولىٰ جو وڏو عقيدتمند هو ۽ پنهنجي عمر جو گهڻو حصو مخدوم صاحب جي حاضريءَ ۽ صحبت ۾ گذاريائين. هن 1950ع واري ڏهاڪي جي شروع وارن سالن کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. هن پنهنجو پهريون شعر محمد فقير کتياڻ جي ميلي ۾ منعقد ٿيل مشاعري ۾ پڙهيو هو. انهيءَ مشاعري جي مخدوم طالب المولىٰ صدارت ڪري رهيو هو. مخدوم صاحب نه فقط سندس شاعري پسند ڪئي، بلڪ سندس لاءِ ”مائل سروري“ تخلص به تجويز ڪيو. ان بعد هن باقائده شاعري شروع ڪئي، جيڪا ڪيترن ئي ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿي. هن جي شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي راڳيندڙن ڳائي عوام تائين پهچائي. انهن راڳيندڙن ۾ استاد محمد ابراهيم، سينگار علي سليم، محمد يوسف، مصري فقير، قوتو زرداري، جاڪ چانڊيو ۽ ٻيا فنڪار شامل آهن. مائل

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج-II هالا
فيملي سوٽ نمبر..... سال 2026

عاصمہ ڌيءُ محمد جمن زال زمان ڏيرو رهندڙ ڪندو تعلقو هالا ضلعو ۽ ضلعو مٽياري...پلينٽف...خلاف: زمان ڏيرو پٽ جان محمد ذات ڏيرو رهندڙ ڳوٺ سوڻي قادر ويجهو مولان مڪڻ اسٽاپ تعلقو ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ. سيل نمبر: 0327-8116017....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، ريٽرن آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-I هالا
فيملي سوٽ نمبر 122 سال 2025

مسمات ڀاڳيري ڌيءُ لڪاڏنو زال معشوق علي ذات سولنگي رهندڙ ريلوي اسٽيشن محلا سٽي هالا ضلعو مٽياري...پلينٽف...خلاف: معشوق علي پٽ طيب خان ذات سولنگي رهندڙ ڳوٺ محمد علي بوداڻي سٽي شهدادپور ضلعو سانگهڙ. سيل نمبر 0324-1314846، 0324-1314657....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، ريٽرن آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-I هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-VII حيدرآباد
(روبرو جناب سلميٰ اشرفي)
ايف سي سوٽ نمبر 1845 سال 2024

(1) سيد آفتاب احمد شاهه پٽ سيد محمد عالم شاهه (2) سيد راحيل ناصر شاهه وٽ راحيل ناصر شاهه (3) سيد اڪبر علي شاهه پٽ سيد محمد عالم شاهه (4) سيد اصغر علي شاهه پٽ سيد محمد شاهه سڀ مسلم بالغ رهندڙ هائوس نمبر16-B/10 سينٽرل اسٽريٽ فيز-II ڊي ايچ اي ڪراچي...پلينٽف...خلاف: (1) نذير پٽ ڏٿي بخش (2) سهيل پٽ عيدن چانڊيو (3) ارشاد پٽ صديق (4) علي بخش پٽ صغير چانڊيو (5) جاويد پٽ اقبال چانڊيو سڀ مسلم بالغ آڪوپينٽ آف پورشن آف سيريل نمبر(02-12) 32 ايڪڙ ديهه رئيس ريو ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن، پزيشن، مينسي پرافٽ ريليوڊ 10000000 روپيا لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-VII حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 589 سال 2025

شريمتي شانتي عرف سانو ڌيءُ منا رام باڳوڙي هندو بالغ رهندڙ محلا غريب آباد نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: راجا پٽ وزير باڳوڙي هندو بالغ رهندڙ محلا عبدالحڪيم ڪالوني موڙ قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار جڊيشل سيپريشن مينٽيننس اينڊ ڊاور آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 14-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 178 سال 2025

نظير حسين پٽ فيض حسين خاصخيلي رهندڙ هائوس نمبر107 محلا تاج ڪالوني نوابشاهه تعلقو ...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) ضمير حسين (2) مسمات ناهيد پروين (3) مسمات صاحبه عرف ڪرن ڌيءُ سڀ پٽ ڌيئرون فيض حسين خاصخيلي رهندڙ هائوس نمبر107 محلا تاج ڪالوني نوابشاهه (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج...آپونينٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن (1) وزير حسين (2) صغيرن حسين (3) ظهير حسين (4) شاهده پروين (5) محمد عادل جي گارڊين جي مقرري لاءِ. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 560 سال 2025

مسمات ريحانه ڌيءُ رحيم داد پنگوار رهندڙ پنگوار ڪالوني ويجهو VIP روڊ نوابشاهه ...پلينٽف...خلاف: عامر پٽ راڻو خان پنگوار رهندڙ پنگوار ڪالوني VIP روڊ، نوابشاهه اد.....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ ريٽرن آف جهيز/ ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي اڪبر علي ولد محمد پنهور رهندڙ ڳوٺ قاسم پنهور هوسڙي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مسمات رحمت ڌيءُ محمد عمر زال محمد تاريخ 25-07-2022 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 46/A,B، 45، 23، 24/- ايراضي حصي موجب ديهه ودهه ٽپو اي-هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسہ عام / بيان ڏني آهي (1) محرم (پٽ) (2) شمشير علي (پٽ) (3) اڪبر علي (پٽ) (4) امام ڏنو (پٽ) (5) شاهل (ڌيءُ)، (6) وزير بانو (ڌيءُ)، (7) حاجران (ڌيءُ)، (8) سلميٰ (ڌيءُ) (9) شهزادي (ڌيءُ)، (10) جنت (ڌيءُ)، (11 زبيده (ڌيءُ)، (12) ميرزادي (ڌيءُ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبہ جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نہ هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي مسمات سني زال رامون ذات گجراتي رهندڙ پنگي محلا شهر ٽنڊو محمد خان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته سندس نالي رامون ولد اوگرو جيڪو ميونسپل ڪميٽي ٽنڊو محمد خان ۾ ملازم هو جيڪو تاريخ 30-08-2025 تي وفات ڪري چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث فوتي (رامون گجراتي) (1) مسمات سني زال فوتي (2) ڪومل ڌيءُ فوتي (3) جانان ٻائي ڌيءُ فوتي تنهن کانسواءِ فوتي جو ڪو به جائز خواه شرعي وارث ڪو نہ آهي. انهي ڳالهه جي شاهدي هرهڪ نالي (1) اڄي ڪمار ولد ڪشن ويرسي ذات گجراتي رهندڙ پنگي محلا شهر ٽنڊو محمد خان (2) راجو ولد نالو ذات گجراتي رهندڙ عبدالخالق محلا شهر ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو بنهي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر252 سال 2025

(1) مسمات پروين زال محمد رفيق (2) مسمات شهناز ڪوثر زال عبدالعليم (3) مسمات رضيہ زال طارق عرف فوجي (4) ظفر اقبال پٽ مشتاق احمد پلينٽف نمبر04 هر سيلف اينڊ اسپيشل پاور آف اٽارني پلينٽف نمبر01 کان 03 رهندڙ ڳوٺ علي آباد ڪاڪا دولتپور تعلقو قاضي احمد . سيل نمبر 0306-3562089....پلينٽف...خلاف: (1) مسمات مجيدان بيواهه مشتاق احمد (2) مظهر اقبال پٽ مشتاق احمد (3) اظهر اقبال پٽ مرحوم مشتاق احمد (فوتي معرفت سندس قانوني وارث) (اي) حسنين علي (پٽ) (بي) علي (پٽ) (سي) مسمات ندا (ڌيءُ) (ڊي) مسمات بشريٰ (ڌيءُ)، (اي) مسمات مهڪ (ڌيءُ) (ايف) مسمات آسيہ (بيواهه) سڀ مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ علي آباد ڪاڪا دولتپور تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد (4) مسمات ڪلثوم زال محمد رمضان (فوتي معرفت سندس قانوني وارث) (اي) محمد رمضان (مڙس) (بي) نقاش (پٽ) (سي) مسمات ثنا (ڌيءُ) (ڊي) مسمات ردا (ڌيءُ) (اي) علي حمزه (پٽ) (ايف) بي بي زينت (ڌيءُ) (جي) مسمات ارم (ڌيءُ) (ايڇ) مسمات ايمان فاطمه (ڌيءُ). نمبر04 (اي) کان (ايڇ) مسلم بالغ رهندڙ رهندڙ مدينه ڪالوني ڪوثر ضلعو ڪوثر پنجاب پراونس (5) سانوڻ پٽ رجب سهتو مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ حاجي امير سهتو تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد (6) ڊي اسسٽنٽ ڪمشنر قاضي احمد (7) ڊي مختيارڪار (روينيو) قاضي احمد (8) سپروائيزنگ ٽپيدار سرڪل تعلقو قاضي احمد (9) ٽپيدار آف ديهه ڪاڪا تعلقو قاضي احمد (10) پراونس آف سنڌ ٿرو بي سرود معرفت ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ 06 کان 10 ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن، پزيشن بائي وي پارٽيشن اينڊ پرمننٽ انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 14-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج-II نوابشاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊوالهيار
(روبرو جناب قاضي شاهه محمد اظهر)
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر03 سال 2026

(1) مسمات امير زيدي بيواهه امام بخش (2) بي بي خوشبو (3) بي بي عذران پري (4) بي بي اقرا پري (5) بي بي دعا پري (6) معشوق علي سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم امام بخش پلينٽف نمبر01 بالغ نمبر02 کان 06 مائنرز معرفت سندس گارڊين ايپليڪينٽ نمبر01 سڀ رهندڙ ڳوٺ علي خان لغاري تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) محمد حسن پٽ (2) ڪامران علي ٻئي پٽ مرحوم امام بخش ٻئي رهندڙ ڳوٺ علي خان لغاري تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار (3) سمورن واسطيدار/ پبلڪ ايٽ لارج....آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 278 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي مرحوم امام بخش ولد غلام حسين وفات جي تاريخ 15-07-2025 پراپرٽي ۾ سونا زيور 3.750 گرام جيڪي خوشحالي مائيڪرو فنانس بينڪ ٽنڊو الهيار برانچ ۾ لون نمبر 2079740066 ڪسٽمر نمبر 5740303 وٽ رکيل آهن ۽. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ گارڊين جج نمبرXI حيدرآباد
گارڊين اينڊ وارڊ ايپليڪيشن نمبر15 سال 2026

اظهر حسين پٽ نياز حسين رهندڙ هائوس نمبر-G 4289 پاڙو ٽنڊو ٺوڙهو مرزا محلا ضلعو حيدرآباد....ايپليڪينٽ...خلاف: بي بي حميرا عمر اٽڪل 1/2 5 سال (تاريخ پيدائش 24-02-202) رهندڙ هائوس نمبر G-4289 پاڙو ٽنڊو ٺوڙهو مرزا محلا ضلعو حيدرآباد....مائنر/ وارڊ...خلاف: ظفر علي آرائين پٽ نياز حسين مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ رمضان فقير آرائين پي.او نوري هدو شهيد تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ضلعو دادو...آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ گارڊين جج نمبرXI حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد صديق ولد ابراهيم درخواست ڏني آهي ته هن جي ماءُ (1) نالي مسمات ساران زال ابراهيم ڌيءُ صديق ۽ (2) مسمات ڪريمان زال محمد عيسا ڌيءُ صديق جيڪي فوت ٿي ويل آهن فوتين کي ديهه ماڪاڻي ٽپو ننگر ڪيٽ تعلقو بدين ۾ سروي نمبر 171_168_165_310 ۽ ٻين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ حاجي نور محمد لاڪو تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن (1) تفصيل نالي فوتڻ مسمات ساران زال ابراهيم ڌيءُ صديق جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد صديق پٽ فوتڻ جو 2 علي خان پٽ فوتڻ جو 3 ساوڻ پٽ فوتڻ جو 4 غلام حسين پٽ فوتڻ جو 5 ٻائي ڌيءُ فوتڻ جي (2) تفصيل نالي فوتڻ مسمات ڪريمان زال محمد عيسا ڌيءُ صديق جي جائزوارثن جو نالا وارثن جا 1 نور محمد پٽ فوتڻ جو 2 غلام فاطمه ڌيءُ فوتڻ جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته هر عام ۽ خاص لاءِ پڌرو ٿو ڪجي ته اسان جي آفيس ۾ درخواستگذار نالي اڪبر علي ولد مرحوم سڪندر علي مگسي درخواست ڏني آهي ته اسان جو والد نالي سڪندر علي مگسي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي ديهه عمراڻي پور، ٽپو ڦلڙ واهه ۾ 13 ايڪڙ زرعي زمين آهي جنهن جا مرحوم پنهنجا هيٺيان حقيقي وارث ڇڏيا آهن جنهن ۾ 1. مسمات شهربانو زال مرحوم سڪندر علي مگسي، 2. اڪبر علي/پٽ 3. صاحبڏنہ/پٽ، 4. انور علي/پٽ، 5. رخسانه/ ڌيءُ، 6. روشن/ڌيءُ، 7. حميده بيبي/ڌيءُ شامل آهن. جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل وارثن کان علاوه ٻيو دعويٰ دار آهي ته هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي 7 ڏينهن اندر هو اسان جي آفيس پهچي پنهنجا اعتراض داخل ڪرائي، جڏهن ته مدو گذري وڃڻ کان پوءِ ڪي به اعتراض وغيره قبول نہ هوندا.

مختيارڪار روينيو تعلقو جيڪب آباد

عام اطلاع

هر عام وخاص کي هن آشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون نالي محمد عاطف ولد مشتاق احمد شناختي ڪارڊ نمبر 3510261753275 حال رهندڙ گهر نمبر E/392 گلستان سجاد قاسم آباد حيدرآباد کان هونڊا 125 موٽر سائيڪل رجسٽريشن نمبر HCF-7667 انجڻ نمبر EB084699 چيچس نمبر R402490 ماڊل 2019 رنگ ڪارو خريد ڪئي هئي جڏهن ته هاڻي سرڪار پاران ٽرانسفر تي بائيوميٽرڪ جو شرط هجڻ سبب آئون مٿي ڄاڻايل فروخت ڪندڙ سان رابطي جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان پر هو ڄاڻايل ايڊريس تي ملي نہ رهيو آهي تنهنڪري هن اشتهار ذريعي محمد عاطف ولد مشتاق احمد کي اطلاع ٿو ڪجي ته 15 ڏينهن اندر هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري ي ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ قانون موجب ٽرانسفر جي ڪاروائي مڪمل ويندي وڌيڪ هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جئين وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

محمد اعجاز ولد عبدالجبار
شناختي ڪارڊ نمبر 4130423011089
موبائل نمبر 03112407284

اطلاع گمشدگي

جو مين ته منهنجي پلاٽ نمبر MB/63 يونٽ نمبر 2 [illegible] 40 [illegible] واقع مڪلي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جا اصل ڪاغذات ڪٿي ڪري گم ٿي ويا آهن اگر ڪنهن کي هٿ اچن ته هيٺ ڏنل نمبرن تي اطلاع ڪن يا لاڳاپيل ادارن کي پهنچائي ڏين ٻي صورت ۾ رد سمجها وڃن

عاطف علي قريشي ولد محمد قاسم قريشي
موبائل نمبر 03343511144 ۽
03147775777

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VII حيدرآباد
سڪسيشن درخواست نمبر06 سال 2026

شهباز علي ولد مرحوم غلام سرور ٽيبو رهندڙ گهر نمبر 1893 China Rose هائي اسڪول ممتاز ڪالوني ڪچو قلعو حيدرآباد....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات صغران بيگم بيواهه مرحوم غلام سرور ٽيبو(2) مسمات ڪوثر پروين بيواهه مرحوم غلام سرور ٽيبو (3) مزمل ٽيبو ولد غلام سرورٽيبو(4) مسمات الحياء ٽيبو ڌيءُ غلام سرور ٽيبو (5) مدثر ٽيبو ولد غلام سرور ٽيبو (6) مسمات شاهين تبسم بيواهه مرحوم غلام سرور ٽيبو (7)مسمات قضا ڌيءُ غلام سرور ٽيبو (8) مسمات ثنا ٽيبو ڌيءُ غلام سرور ٽيبو(9) مسمات دعا ڌيءُ مرحوم غلام سرور ٽيبو (10) صاحبزاده فهد ولد مرحوم غلام سرور ٽيبو سڀ مسلم بالغ ذات ٽيبو رهندڙ بنگلو نمبر 86 عبدالله بليسنگ هائوسنگ اسڪيم قاسم آباد حيدرآباد (11)مينيجر اين بي پي فاطمه جناح برانچ حيدرآباد (12) انچارج سڪسيشن فسليٽيشن يونٽ نادرا ايس ايف يو اسٽيٽ لائف بلڊنگ حيدرآباد (13) مختيارڪار روينيو تعلقو قاسم آباد (14) جنرل پبلڪ ايٽ لارج...اپونينٽس

نالي مٿين اپونينٽس ۽ لاڳاپيل ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي سڪيورٽيز ڇڏيون آهن فوتي غلام سرور ٽيبوولد ٿوه وفات جي تاريخ 24-11-2024 . تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VII حيدرآباد

بقايا 1 قتل ڪري ڇڏيو

جنهن سبب هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو قتل ٿيل نوجوان جي سڃاڻپ عمران پٽي پٽ نور احمد پٽي طور ٿي آهي واقعي بعد نوجوان جو لاش تعلقو اسپتال شيخ همدان بن محمد اسپتال خانپورمهر منتقل ڪيو ويو جتان پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جڏهن ته علائقي ۾ پڻ خوف ۽ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو .هوڏانهن ذريعن موجب نامعلوم چور گهر ۾ گهڙي چوري جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، جنهن دوران گهر ڀاتين جي سڄاڳ ٿيڻ تي هٿيارٻندن فائرنگ شروع ڪري ڏني نتيجي ۾ نوجوان عمران پٽي قتل ٿي ويوجڏهن ته ٻي پاسي ايس ايڇ او خانپورمهر طالب حسين جسڪاڻي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعي جو چوري سان ڪو تعلق ناهي، عمران پٽي کي گهر کان ٻاهر فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو آهي سندس وارثن جي اچڻ بعد ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو آهي ۽ نہ ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي جڏهن ته واقعي جو ڪارڻ به معلوم نہ ٿي سگهيو آهي

بقايا 2 ريلي ڪڍي وئي

ساحل قلبوئي ڪاشف گاڏهي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ريلي جي شروان نوناري محلا کان ٿي جيڪا مختلف رستن تان ٿيندي ٿاڻي جي اڳيان پهچي ختم ٿي. شرڪت ڪندڙن سخت نعري بازي ڪئي ۽ احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته دادو پوليس پاران نادر جمالي جي ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ڪري مٿس ڌاڙيل هجڻ جو ٺپو لڳايو ويو آهي. جيڪو سراسر ظلم آهي. واقعي ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي فوراً معطل ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيو وڃي ته جيئن مظلوم خاندان کي انصاف ملي سگهي. اڳواڻن سنڌ حڪومت ۽ آءِ جي سنڌ کان گهر ڪئي ته انهن ٻنهي واقعن جي شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي. ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 3 لاش مليو

ڪيو آهي ان ڏس ۾ فوت ٿيل نوجوان گارڊ جي سڃاڻپ منصب ولد دريا خان لغاري طور ٿي آهي پوليس موجب واقعي بابت جاچ ڪئي پئي وڃي گارڊ جو لاش جنهن آفيس مان هٿ آيو آهي ان جو دروازو اندران بند ٿيل هيو هوڏانهن فوتي گارڊ جي والد دريا خان ٻڌايو ته سندس پٽ جو گهر واري سان تڪرار هو جنهن بعد هن ڪيس طلاق ڏني هئي جنهن بعد ذهني طور تي پريشان هو ٿي سگهي ٿو هن خودڪشي ڪئي هجي پر واقعي جي جاچ ٿيڻ گهرجي

بقايا 4 قتل خلاف مظاهرو

جمالي برادري جي ماڻهن دادو پوليس خلاف سخت احتجاج ڪري زوردار نعريبازي ڪئي ، مظاهرين ميڊيا اڳيان ڳالهائيندي چيو ته نادر جمالي هڪ بهترين سوشل ورڪر هيو جنهن کي دادو پوليس پاران ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي بيدردي سان قتل ڪرڻ سمجهه کان ٻاهر آهي نادر جمالي کي سوچيل سمجهيل سازش تحت ماريو ويو آهي. جنهن جو حساب پوليس کي ڏيڻو پوندو واقعي جي عدالتي جاچ ٿيڻ گهرجي جيڪي به هن سازش ۾ ملوث آهن انهن پوليس عملدارن کي کُلي عدالت جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ انهن خلاف قتل ڪيس داخل ڪيو وڃي. مظاهرين چيو ته نادر جمالي جو پوليس هٿان بيدردي سان قتل انسانيت جو قتل آهي جنهن جي سخت مذمت ڪريون ٿا آهي ، قاتلن کي سخت سزا ڏيئي نادر جمالي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي. ايس ايس پي دادو اميرسعود مگسي، ايس ايڇ او قربان قمبراڻي سي آءِ اي انچارج بينظير جمالي ۽ ٻين پوليس عملدارن کي فوري طور تي هٽائي قتل ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي مظاهرين وڏي وزير سيد مرادعلي شاهه، گهرو وزير ضياءِ لنجار ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو کان مطالبو ڪيو ته انصاف فراهم ڪن. هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کان اپيل ڪئي ته دادو ۾ پوليس گردي جو پاڻمرادو نوٽيس وٺي عدالت کان معانهون قتل ڪندڙن خلاف ايڪشن وٺي. هنن چتاءُ ڏنو ته نادر جمالي جو قتل ڪيس داخل نہ ٿيڻ ۽ قاتلن خلاف ايڪشن نہ ٿيڻ تائين پوري سنڌاندر احتجاج جاري رهندو

بقايا 5 مظاهرو

جمالي سوشل ورڪر هيو جنهن کي دادو پوليس ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي بيدردي سان قتل ڪيو. نادر جمالي کي هڪ سازش تحت ساڻ ماريو ويو آهي واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي ملوث پوليس عملدارن خلاف قتل ڪيس داخل ڪيو وڃي. مظاهرين چيو ته نادر جمالي جو پوليس هٿان بيدردي سان قتل انسانيت جو قتل آهي قاتلن کي سخت سزا ڏيئي نادر جمالي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي. ايس ايس پي دادو اميرسعود مگسي، ايس ايڇ او قربان قمبراڻي سي آءِ اي انچارج بينظير جمالي ۽ ٻين پوليس عملدارن کي فوري طور تي هٽائي قتل ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي. مظاهرين وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، گهرو وزير ضياءِ لنجار ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ۽ چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کان اپيل ڪئي ته دادو ۾ پوليس گردي جو پاڻمرادو نوٽيس وٺي عدالت کان معانهون قتل ڪندڙن خلاف ايڪشن وٺن. هنن چتاءُ ڏنو ته نادر جمالي جو قتل ڪيس داخل نہ ٿيڻ ۽ قاتلن خلاف ايڪشن نہ ٿيڻ تائين پوري سنڌاندر احتجاج جاري رهندو#

بقايا 6 لاش پراڻو هٽ

شهري جنيد سومرو جي پند پيل جڳهه مان نامعلوم همراهه جو لاش هٿ آيو آهي جنهن جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي آهي لاش پراڻو ۽ سڙيل لڳي رهيو آهي جنهن جي جاچ مختلف رخن کان ڪئي پئي وڃي جاچ جلد حقيقتون سامهون اچي وينديون

بقايا 7 هڙتال جاري ،

ڪئي ڪارونجهر سڄاڳ فورم جي اڳواڻن الهرکيو ڪوسو مصطفا دل ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪارونجهر جي ماڻهن جي جيابي جي سهاري جبل کي سنڌ جو خوبصورت تاريخي ساڳ پڻ آهي جنهن کي ليزن تي ڏئي ڪٽائي ڪرڻ لاءِ آئيني عدالت مان فيصلو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ،اسان ڪارونجهر جي بچاءُ لاءِ مسلسل سراپا احتجاج بڻيل آهيون. سنڌ جو ماڻهو اهڙي ڪنهن به فيصلي کي قبول نہ ڪندو اسان حڪومت کان مطالبو ٿا ڪيون ته ڪارونجهر جي ٻهاڙي سلسلي کي محفوظ ڪري ورلڊ هيريٽيج ۾ شامل ڪري سنڌ جي هن تاريخي ورثي کي بچايو وڃي

بقايا 8 مظاهرو

اسان جي گهرن مان چورين ٿي رهيون آهن اسان جي گهر مان 6 ٻڪريون . موٽرسائيڪل . سونا زيور ۽ ڪيش رقم چوري ٿي وئي جنهن جو ڪيس اسان ٻي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪرايو پر ٻي سيڪشن پوليس اڃان تائين ڪک پڇي بيٺو ناهي ڪيو هنن چيو ته اسان پوليس کي پيرا کڻي جوابدارن جا نالا به ڏنا پر پوليس انهن خلاف ڪا به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي پوليس وٽ وڃون ٿا ته اسان جي ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن وڌيڪ چيو ته اسان ايس ايس پي سميت ٻين عملدارن سان ٻه ملاقاتون ڪيون آهن پر ٻي سيڪشن پوليس غير ذميواري جو مظاهرو ڪندي چوري ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري هنن آءِ جي سنڌ . ڊي آءِ جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سميت اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته جوابدار گرفتار ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 9 الزام

ارباب لطف الله جي پياءُ تي قتل جي سازش جو الزام خبر موجب ٿرپارڪر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جا اندروني اختلاف سنگين صورتحال اختيار ڪري ويا آهن بلاول هائوس ميڊيا سيل جي انچارج ۽ اقليتي سيٽ تي چونڊيل ايم پي اي سريندر ولاسائي پنهنجي پارٽي جي ايم پي اي ارباب لطف الله جي پياءُ تي قتل جي سازش جو سنگين الزام سوشل ميڊيا جو لڳايو آهي سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ سريندر ولاسائي خدشو ظاهر ڪيو آهي ته ارباب عالم ڪيس قتل ڪرائڻ لاءِ بن چڻن کي سپاري ڏني آهي . جيڪڏهن ڪيس ڪجهه ٿيو ته ان جي ايف آءِ آر ارباب عالم ۽ سندس نامزد ڪيل ساٿين تي داخل ڪئي وڃي .سريندر ولاسائي انڪشاف ڪيو ته هن سڄي تڪرار جو اصل ڪارڻ ٿر ۾ 'ڏيوڻ' جي وڻن جي ڪٽائي آهي. جنهن سان غريب مزدورن جو روزگار وابسته آهي. ۾ مقامي وڏيرا ڪين اهو ڪاٺ ڪٽڻ نہ پيا ڏين هن وڌيڪ الزام لڳايو ته ڪلوئي ۽ ڏيپلو ۾ پوليس جي ملي ڀڳت سان پرائيويٽ ڌارجر سيل هلايا پيا وڃن سندس ساهرن جي گهر تي ۽ پوليس اهلڪارن سان گڏجي حملو ڪيو ويو آهي ولاسائي موجب، مبينا قريشي مين 'ولي عامر' سندس خاندان کي نشانو بڻائي رهيو آهي هن چيو ته وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان فون تي رابطو ٿيو آهي هنن تفصيل ورتا آهن ڪين چيو آهي ته سڄي ٿر ۾ منشيات فروشن خلاف آپريشن ڪيو وڃي. جنهن لاءِ هن ادارن کي درخواست به ڏني آهي سريندر ولاسائي جو چوڻ هو ته هو ويل چيئر تي ويهي به مظلومن جي حقن لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندو

بقايا 10 انجنيئر گيانچند

۽ ايم پي اي سريندر ولاسائي جي وچ ۾ جيڪي اختلاف سامهون آيا آهن ۽ سريندر ولاسائي کي جان کان مارڻ جو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي آئون انهي سموري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريان ٿو هن چيو ته اسان اڳ ۾ به ارباب سان مقابلا ڪيا آهن ۽ آئنده به هنن کي منهن ڏينداسين هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سريندر ولاسائي پ پ ايم پي اي جي هجڻ سان گڏوگڏ بلاول هائوس جو ترجمان پڻ آهي ۽ يقينن هن پ پ جي اعلي قيادت کي به آگاهه ڪيو هوندو.

بقايا 11 تحفظ لاءِ خط

آگاهي ڏني آهي ته ارباب عالم سون قتل ڪرائڻ لاءِ ٻن همراهن نالي ٻجو ۽ صالح هالو کي ٻجي پڇايو آهي ۽ ان ڪري مجن ۽ منهنجي گهر ڀاتين کي هن مان هر وقت خطرو آهي ۽ جيڪڏهن سون کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار هي هوندا. هن سنڌ حڪومت کان وڌيڪ تحفظ پڻ گهرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 12 محمد خان لنڊ

محمد خان لنڊ چيو آهي ته تعلقي ڪلوئي ۽ ڏيپلو ۾ ارباب طرفان زمينن تي قبضا ڌارجر سيل ۽ وڻن تي به قبضا ڪري غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته هڪ ايم پي اي سريندر ولاسائي به ارباب کان محفوظ ناهي ته عام ۽ مسڪين ماڻهو ته هي ڪيترو ظلم ٿيندو هوندو انڪري پ پ جي اعلي قيادت کي هن معاملي جو نوٽيس وٺي اهڙين ڪارين رڍن کي پ پ جي صف مان ٻاهر ڪڍڻ گهرجي.

بقايا 13 ارباب انعام الله

انعام الله پ پ ايم پي اي ولاسائي جي الزامن کي رد ڪندي ڪين من گهڙت ۽ بي بنياد قرار ڏيندي چيو ته ملڪي قانون ڪنهن کي به اها اجازت نٿو ڏئي ته هو نشي جي حالت ۾ ڪنهن به معزز شهري تي ڪوڙا الزام لڳائي هن سريندر ولاسائي جي دعوائن کي اسان جي سياسي ساک کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش قرار ڏنو واضح رهي ته هن کان اڳ ۾ به پ پ ايم پي اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ۽ ايم پي اي ارباب لطف الله جي وچ ۾ به ڪافي عرصي کان سخت سياسي جنگ هلندڙ آهي ۽ تازو وري سريندر ولاسائي ۽ ارباب لطف الله ۽ سندس ڀائرن جي وچ ۾ سياسي باهه ڀڙڪي آهي.

بقايا 14 مدد لاءِ احتجاج

عبدالعليم ڪوريجو گذريل ڇهن مهينن کان لاپتا بڻيل آهي ڪافي ڳولا باوجود هٿ نہ اچي سگهيو آهي جنهن سبب اسين وارث سخت پريشان آهيون هنن انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته سندن گم ٿيل نينگر جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي .

بقايا 15 ڪيس داخل

ڪيئي ورتا آهن،جڏهن ته اڳوڻي بينڪ مئنيجر بهادر لاشاري موٽڪان پنج لک روپيا اوڌر تي ورتا هئا جيڪي واپس نہ ڪيائين ۽ موٽڪي ۾ چيڪ ڏنائين جيڪي پڻ بائونس ٿي ويا آهن،مٿي ڄاڻايل بينڪ ملازمن خلاف سون بينڪ جي اعلي اختيارين کي شڪايتي درخواست ڏني جن پاران ڪوبہ انصاف فراهم ڪرڻ بدران بهادر لاشاري ۽ شهزاد سليم جي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي استعيفيٰ قبول ڪئي وئي،جڏهن ته نوين ڪمار اڃان تائين ڏگهڙي برانچ ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي،ڏگهڙي پوليس ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 16 امام گرفتار

مقامي عدالت ۾ پيش ڪيو عدالت پاران جوابدار پيش امام کي 7 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪيو ويو ان سلسلي ۾ زيادتي جو نشانو بڻيل نينگر تبارڪ علي جمالي صحافين کي ٻڌايو ته پيش امام حافظ بخش علي بنگلاڻي اسان جو استاد آهي جنهن ٻين شاگردن کي ڇٽي ڏيڻ کان پوءِ مون کي روڪي اندران دروازو بند ڪري مون سان زبردستي بدفعلي ڪئي ۽ منهنجي رڙيون ڪرڻ تي هن مون کي قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني جنهن ڊپ کان آئون خاموش رهيس، هن چيو ته جوابدار مون سان جنسي زيادتي ڪئي آهي جنهن کي سزا ڏني وڃي مون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 17 وارثن جو مظاهرو

ميمڻ پيرسن ڏاڏي سريم ميمڻ ۽ والد گلزار علي ميمڻ پاران پٽ جي قاتلن جي گرفتاري ۽ ڏيپلو پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي فوتي نوجوان جي وارثن چيو ته پلاننگ سان اسان جي نوجوان کي گهرائي هن کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو آهي هنن چيو ته ڏيپلو پوليس قاتلن کي جو نٿي گرفتار ڪري ان بابت اسان ڊي آءِ جي ميرپور خاص ۽ ايس ايس پي ملي کي انڪوائري ڪرڻ لاءِ درخواستون ڏنيون آهن پر اڃان تائين ڪو به عمل نہ ٿيو آهي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ميرپورخاص ايس ايس پي ملي کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته اسان جي نوجوان پٽ جي قاتلن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 18 ڪريڪ ڊائون جاري

گشت دوران شاهي محل پرسان ڪارروائي ڪري منشيات فروش مومن علي جوکي کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان 1100 گرام چرس هٿ ڪري مٿس ڪيس داخل ڪيو جڏهن ته سوراهه ٿاڻي جي پوليس گشت دوران موزل شاهه پير پرسان ڪارروائي ڪندي منشيات فروش دلدار چانڊيو کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان 3000 گرام ڀنگ هٿ ڪري مٿس ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جڏهن ته شاهه لطيف ڪائون ٿاڻي جي پوليس گشت دوران ڪارروائي ڪندي منشيات فروش عقيل سومرو کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان 9000 گرام ڀنگ هٿ ڪري مٿس ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جڏهن ته ٿري ميرواهه پوليس گشت دوران ڪارروائي ڪندي منشيات فروش عاشق جوکي کي گرفتار ڪري ورتو جنهن جي قبضي مان 1500 گرام ڀنگ هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو وياايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو ڪامياب ڪارروائيون ڪرڻ تي پوليس پارٽي کي شاباس ڏيندي چيو ته منشيات خلاف ڪارروائيون وڌيڪ تيز ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

بقايا 19 دعوي

سماجي برائين ۾ ملوث عنصرن خلاف سکر پوليس جو ڀرپور ڪريڪ ڊائون جاري آهي.گذريل ڏينهن اي ايس پي سٽي ڪيپٽن (ر) محمد صهيب امين جي اڳواڻي ۾ ايس ايڇ او اي سيڪشن ٿاڻو پنهنجي حدن اندر ڪامياب ڪارروائي ڪندي منشيات ۽ گٽڪو چاليا وڪرو ڪندڙ جوابدار معشوق حسين سولنگي کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان آداب سوپارين جا 140 پيڪٽس هٿ ڪيا ويا. جوابدار خلاف گٽڪو ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. ٻئي پاسي ايس ايس پي سکر اظهر خان ڪامياب ۽ اثرائتي ڪارروائي تي پوليس پارٽي کي شاباشي جو پيغام ڏيندي سماجي برائين خلاف بنا ڪنهن امتياز جي ڪارروائيون جاري رکڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا 20 تحفظ جو مطالبو

خلاف خيرپور ۾ احتجاج ڪيو ان موقعي تي مسمات زخسانا سومرو چيو ته سندس مڙس نظام الدين سومرو منهنجي ٻار کي قتل ڪري ڪارڻ جي الزام ۾ قتل ڪرڻ چاهي ٿو جنهن کان سان پنهنجي جان بچائي خيرپور ۾ مائٽن وٽ پناهه ورتي آهي هن چيو ته منهنجي مڙس نظام الدين سومرو منهنجي مائٽن ذوالفقار سومرو سندن پٽن ۽ ان جي ڀائرن تي ڪوڙو الزام هڻي رهيو آهي جنهن ڪري مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ مونسان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 21 منعقد ڪيو ويو

ريو. سيشن کي خطاب ڪندي ڊائريڪٽر وومين ڊيولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، نسيم حسن مستوئي چيو ته عورتن کي سندن آئيني ۽ قانوني حقن بابت آگاهي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي جيئن هو سماج ۾ باوقار ۽ خودمختيار ڪردار ادا ڪري سگهن.اڳان ٽرسٽ جي چيئرپرسن نسيم ڏاهري چيو ته ٽرسٽ عورتن جي پائيدار شعور جي بيداري ۽ قانوني سهائتا لاءِ لڳاتار ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ڳوٺاڻن علائقن ۾ اهڙا آگاهي پروگرام عورتن جي مسئلن جي حل ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.ان موقعي تي ڊپٽي افسر ڏاهري، ماسٽر فتح محمد ڏاهري، شعيب ڏاهري، ڊائريڪٽر نعيم مستوئي، شائستہ ڏاهري ۽ رضوان ڏاهري به پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي عورتن جي حقن جي تحفظ ۽ سماجي انصاف جي اهميت تي زور ڏنو.تقريب جي پڇاڙي ۾ مستحق عورتن ۾ ڪمبل ۽ سوٽس ورهايا ويا

بقايا 22 ملهه ملاکڙو

محمد پليءُ ۾ نهايت احترام ۽ عقيدت سان ملهايو ويو ان موقعي تي ڀهرين رات تي محفل پنجتن پاڪ تي گڏري جنهن ۾ نعت خوانن به حصو ورتو جنهن ۾ فياض حسين راهو فقير بشير احمد پلي پيرل اوٺو حق نواز فقير گلزارپلي ۽ مشهور نعت خوان پنهل جوکيو فقير سرور جوکيو حصو ورتو جڏهن ته خطاب لاجواب حضرت علامہ ومولانا سائين زاهد حسين ڪرمي ڪيو آخر ۾ خير جون دعائون ٿي گهريو ويو جڏهن ته صبح سوير درگاهه شريف جي احاطي ۾ قرآن خواني ڪرائي وئي جڏهن ته مريد خادم توڙي عقيدت مندن پاران سائين جي اڱڻ تي مجمعا پوري ٿيڻ تي جانور پڻ ذبح ڪيا ويا جڏهن ته ٻهرين ڏينهن ملهه ملاکڙو پڻ جنهن ۾ ان لڳ جي مشهور ملهه پهلوانن حصو ورتو ۽ هڪ ٻئي کي زبردست ملهه ماري انعام وصول ڪيا ان موقعي تي درگاهه شريف جي گادي نشين فقير حاجي در محمد پليءُ صحافين سان ڳالهائيندي ساليانو عرس مبارڪ جي حوالي سان ٻڌايو ته هر سال جيئان هن سال سائين شاهه مصرالدين رحمت الله عليه جو عرس مبارڪ نهايت جوش جذبي سان ملهايو ويندو آهي ۽ هر سال جيان اسان جي رسم آهي ته صبح سوير درگاهه شريف جي اڱڻ تي قرآن پاڪ جو خطمون پڙهائي بعد ۾ شام جو ملهه ملاکڙون پڻ ٿيندو آن کان بعد ۾ صوفي راڳي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا گادي نشين وڌيڪ ٻڌايو ته هن عرس مبارڪ ۾ اڇڻ جي دوستن کي دعوت آهي جيڪي محبت ۽ امن اسان سان ميلو گهمي وڃن جڏهن ته ميلي ۾ اعلي قسم جي مٺائي جا مرڪز پاران جي ۽ ٻندر لاءِ ريل گاڏي چونڊول ۽ رانديڪن جا دوڪان پڻ لڳايا ويا آهن

بقايا 23 ڌوهاري زخمي

ٿيومقابلي دوران پوليس هڪ ڌوهاري آفتاب قليبوئو کي هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي زخمي ڌوهاري کي سول اسپتال خيرپور جي جيل وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو آهي هوڏانهن ايس ايس پي خيرپور مقابلي ۾ حصو وٺندڙ پوليس پارٽيءَ کي نقد انعام ڏيڻ جواعلان ڪيو آهي

بقايا 24 کلي ويا

اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي متاثر واپاري موجب چورن وڏي مالي نقصان پهچايو آهي جڏهن ته پوليس چورن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون آهن...

بقايا 25 لاڏاڻو ڪري ويو

آهي مولا پاڪ سندس کي جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا فرمائي ٻئي طرف آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي سڀ پاران گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي هڪ هفتي لاءِ سوڳ جو اعلان پڻ ڪيو آهي سندس جنازي جي نماز لاءِ بعد ۾ اعلان ڪيو ويندو

بقايا 26 اقبال آرائين

آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو پروگرام جي قيادت صوبائي محتسب سکر جي ڪنسلٽنٽ محمد اقبال آرائين ڪئي جنهن شرڪت ڪندڙن کي نوڪري واري جڳهن تي عورتن جي هراسانگي کان تحفظ واري ايڪٽ 2010 ع بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. پنهنجي خطاب دوران محمد اقبال آرائين چيو ته هراسانگي ڪو معمولي مسئلو ناهي، پر اهو انساني وقار جي سنگين لتاڙ ۽ عورتن جي پيشاورانہ توڙي ذاتي ترقي جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ آهي هن چيو ته صوبائي محتسب جو واضح عزم آهي ته سنڌ جي هر ڪم واري جڳهه جي احترام جو قلعو بڻايو وڃي ۽ هراسانگي خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي عملي طور عملدرآمد ڪرايو وڃي هن وڌيڪ چيو ته هر عورت جو بنيادي حق آهي ته هو ڪيس محفوظ، باعزت ۽ خوف ۽ امتيازن کان پاڪ ماحول مهيا ڪيو وڃي. محمد اقبال آرائين زور ڏنو ته خاموش رهڻ مسئلي جو حل ناهي جڏهن ته شڪايتن تي فوري ۽ فيصلائتي ڪارروائي ڪئي ويندي هن چيو ته ايڪٽ 2010 ۾ رڳو ڪاغذي قانون ناهي، پر اهو هڪ ڍال آهي ۽ تلوار به ـ ڪمزور طبقي جي تحفظ لاءِ ڍال ۽ ڏوهارين لاءِ سزا جي تلوار آگاهي پروگرام دوران هراسانگي جي مختلف قسمن جن ۾ جسماني، زباني ۽ نفسياتي هراسانگي شامل آهن تي تفصيلي روشني وڌي وئي ان موقعي تي تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر (ٽي اي او) رخسانہ لاشاري ۽ اسڪول جي پرنسپال زڪيہ خانم لاڙڪ هن آگاهي مهم کي ساراهيندي چيو ته اهڙا پروگرام ادارن ۾ ملازمن جي وقار، تحفظ ۽ برابري جي يقيني بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هنن خاص طور تي عورتن لاءِ محفوظ ماحول جي فراهمي جي زور ڏنو ۽ ڪامياب انعقاد تي صوبائي محتسب جي ٽيم کي خراج تحسين پيش ڪيو صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل آفيس سکر نوڪري واري جڳهن تان هراسانگي جي مڪمل خاتمي جي مشن تي ثابت قدم آهي ته جيئن هڪ اهڙو محفوظ ۽ مساوي ماحول قائم ٿي سگهي جتي هر عورت عزت نفس ۽ اعتماد سان پنهنجا فرض انجام ڏئي سگهي آگاهي پروگرام ۾ استادن ۽ شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 27 ملهائي وئي

چيو ته ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا صرف هڪ سياستدان نہ پر بدين جي عوام جي حقن جو سچو محافظ آهي جنهن هميشه سنڌ جي مفادن ۽ پنهنجي ماڻهن لاءِ اصولن تي سمجهوتو ڪرڻ بدران سخت موقف اختيار ڪيو جنهن ڪري اڄ ۾ عوام جي دلين تي راڄ ڪري ٿو ان موقعي تي سليم ٻجير راجه دل اعجاز خان سومرو عمر باغي ذلفي پنهور ۽ ٻين گڏجي ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ڪارڪنن پاران جيئي مرزا جا نعرا هنيا ويا ۽ سندس وڏي ڄمار توڙي سياسي ڪاميابين لاءِ دعائون گهريون وئون اڳواڻن وڌيڪ چيو ته بدين جي ترقي ۽ عوام کي شعور ڏيڻ ۾ مرزا خاندان جو ڪردار وسارڻ جوڳو ناهي ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا سياست ۾ بهادري ۽ سچائي جو اهو مثال قائم ڪيو آهي جيڪو ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه بڻيو هن ڪڏهن به اقتدار جي خاطر پنهنجي نظرين جو سودو ناهي ڪيو اها ئي سندس سڀ کان وڏي سڃاڻپ آهي

بقايا 28 احتجاجي مظاهرو

ٻڪري چوري جي ڪيس ۾ گرفتار ڪري گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو جيڪو سراسر ظلم آهي هنن وزير اعلي سنڌ ۽ صوبائي گهرو وزير سميت هائي ڪورٽ جي چيف جسٽس کان مطالبو ڪيو ته ايس ايس پي دادو ايس ايڇ او بينظير جمالي ۽ ٻين ملوث پوليس عملي خلاف قتل ڪيس داخل ڪري جوڊيشل انڪوائري ڪرائي ڪين سخت سزا ڏئي شهيد نادر جمالي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 29 مبارڪباد

پوليس چيف کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ ملاقات دوران شهر جي مجموعي امن امان جي صورتحال، ڪاروباري برادري کي درپيش مسئلن ۽ ڪاروباري سرگرمين جي فروغ تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي وفد ڪراچي پوليس جي ڪارڪردگي ۽ شهر ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوششن جي تعريف ڪئي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي وفد کي يقين ڏياريو ته ڪراچي پوليس ڪاروباري برادري ۽ سيڙپڪارن کي هر ممڪن سيڪيورٽي ۽ سهولتون فراهم ڪندي ته جيئن ڪاروباري سرگرميون بغير ڪنهن خوف ۽ خطري جي جاري رهي سگهن آخر ۾ وفد ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي گلن جو گلدستو پيش ڪيو ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

بقايا 30 ڪامياب قرار

حسين عمران حيدر عباس خاصخيلي حميد علي ۽ ڪاشف احمد سوب ساٿي آهي ايس پي ايس سي ڪامياب اميدوارن کي هدايت ڪئي آهي ته گهربل ڪاغذ مقرر وقت تائين جمع ڪرائين جنهن جي چند ڄاڻ ڪانهي زباني امتحان جو شيڊيول جاري ڪيو ويندو هوڏانهن ڪامياب اميدوارن جا تفصيل ۽ حاصل ڪيل نمبرز بابت ڄاڻ ايس پي ايس سي جي ويب سائيٽ تي پڻ جاري ڪئي وئي آهي

بقايا 31 قاري محمد حنيف

ڪيٽي جي منڊي سکر جي سيڪريٽري جنرل حاجي محمد سليم ميمڻ پاران ڏنل اعزازي تقريب کان پوءِ ميڊيا سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه دوران ڪيو ان موقعي تي الله والي مسجد جا خطيب مفتي محمد باري، قاري خليل احمد فائونڊيشن قاري عقيل احمد بندهاني ۽ ٻيا معززين موجود هئا. فيڊريشن آف عرب اسڪولز پاڪستان جي ڊائريڪٽر جنرل مولانا قاري محمد حنيف جالنڌري وڌيڪ چيو ته مدرسن خلاف سازشون ڪڏهن به ڪامياب نہ ٿيون ٿي سگهن. مدرسن جي ماڻهن جي تقويٰ، صبر ۽ الله ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي هن چيو ته عرب اسڪولن جي فيڊريشن هميشه فيڊريشن جي نصاب ۽ نظام جي حفاظت ڪئي آهي ۽ فيڊريشن جا اڳواڻ پنهنجي جان کان وڌيڪ مذهبي اسڪولن جي حفاظت ڪندا آهن تقريب دوران ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعا پڻ ڪئي وئي

بقايا 32 اهتمام ڪيو ويو

رهائشگاهه تي نياز امام جعفر صادق عليه السلام جو دسترخوان وسيع لڳايو ويو مرڪزي امام بارگاهه باب العلم انجمن علي سجاد عليه السلام پاران سيد شهباز حيدر شاهه جعفري جي رهائش گاهه ۽ رياض اسلم شاهه نقوي جي رهائش گاهه سيد حسين جسڪاڻي جي رهائش گاهه تي نياز جو خاص انتظام ڪيو ويوشهر جي محلن گلين ۽ ڀهراڙي وارن علائقن ۾ گهر گهر ڪونڊن جي نياز ڪئي وئي صبح سوير ئي عورتن روايتي پڪوان پڪايا مليون ڏکڻيون حلوو پوري، کير سموسا، چڪن رول مليائون ۽ فروٽ چاٽ تيار ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي فجر جي وقت امام بارگاهن ۾ ۽ معجزو امام جعفر صادق عليہ السلام پڙهيو ويو ۽ مسجدن ۽ امام بارگاهن ۾ محفل ميلاد ۽ ذڪر اهلبيت منعقد ٿيا، جنهن ۾ عالمن سڳورن امام جعفر صادق عليه السلام جي علمي خدمتن ۽ سيرت طيبه تي روشني وڌي مذهبي هم آهنگي ۽ ڀائيچارو هن موقعي تي شهر ۾ مثالي ڀائيچارو ڏسڻ ۾ آيو شهرين نہ صرف پنهنجن عزيزن ۽ مٽن مائٽن ۾ پاڙيسرين ۽ ضرورت مندن کي پڻ نياز ۾ شريڪ ڪيو تقريبن جي پڇاڙي تي ملڪ جي سلامتي، امن امان ۽ معاشي استحڪام لاءِ رقت آميز دعائون گهريون ويون

بقايا 33 مظاهرو

جمالي هڪ زميندار ۽ عزت وارو ماڻهون هو جنهن کي دادو پوليس هڪ ننڍڙي ٻڪري جي ڪيس ۾ ڦاسائي ڪوڙو مقابلو ڏيکاري شهيد ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته شهيد نادر جمالي جا وارث انصاف جا منتظر آهن آئي جي سنڌ کي گهرجي ته ملوث پوليس عملدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري نادر جمالي جي وارثن کي انصاف فراهم ڪري ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسي ڪيو ويندو

بقايا 34 رابطو ڪٽجي ويو

لاءِ آزار بڻيل آهي. نيشنل بئنڪ عملي ٻڌايو ته ننگرپارڪر شهر ۾ موبائيل ڪمپنين توڙي پي ٽي سي ايل نيٽورڪ جا سگنل روز جو مسئلو بڻيل آهي هنن چيو ته نيشنل بئنڪ جو سمورو سسٽم نيٽورڪ نہ هجڻ سبب ڊسٽرب آهي بئنڪ جي ڪسٽمرس کي پڻ تڪليف کي منهن ڏيڻو ٿو پوي ننگرپارڪر جي صارفين محمد قاسم پريم ساڳي امداد علي، عبدالستار اعجاز علي سڪندر علي ۽ ٻين ٻڌايو ته ننگرپارڪر ۾ موبائيل نيٽورڪ گذريل وڏي عرصي کان هڪ وڏو مسئلو بڻيل آهي هنن چيو ته موبائيل نيٽورڪ روزانو عذاب بڻيل آهي هنن چيو ته موبائيل نيٽورڪ نہ هجڻ سبب اسان جا ڪاروبار تباهه ٿي ويا آهن هنن چيو ته اسان فون تي ڳالهائڻ توڙي انٽرنيٽ جي سهوليت کان محروم آهيون هنن پي ٽي اي توڙي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ننگرپارڪر شهر ۾ موبائيل نيٽورڪ جو اشو فوري طور تي حل ڪيو وڃي

بقايا 35 امداد

جنرل سيڪريٽري سرور خان دلواڻي ٽائون ڪميٽي تلهار جي چيئرمين مير عبدالعزيز جمالي ضلعي يوٿ اڳواڻ پير محفوظ شاهه قادري، ڊاڪٽر محمود ميمڻ، غلام مرتضيٰ جمالي نظير احمد دلواڻي مير مهراڻ ڏاليو امداد شاهه ۽ ٻين اڳواڻن پيرولا شاري لڳ ڳوٺ ڏائو ڪولهي ۾ پهچي مقتول ڪيلاش ڪولهي جي تڏي تي وارثن سان گهري ڏک جو اظهار ڪيو جڏهن ته ايم پي اي مير الهه بخش ڏالير مقتول جي والد چيتن ڪولهي ۽ سندس والد کي ڪيش هڪ لک رپيا مدد طور ڏنا ان موقعي تي مير الهه بخش ڏالير چيو ته سنڌ حڪومت متاثر ڪولهي برادري جي معصوم ٻارڙن ۽ پريوار لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪندي ۽ هو ذاتي طور به سندن مدد لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندو هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه چينلن تي هلندڙ بيان کي ڪجهه اينٽي پيپلزپارٽي مخالفن غلط رنگ ڏئي پيش ڪيو جنهن جي هو سخت مذمت ڪن ٿا چو ته منهجو ڏنل بيان اڌورو نشر ڪيو ويو ۽ مڪمل حقيقت سامهون نہ آندي وئي مير الهه بخش ڏالير واضح ڪيو ته هن ڪڏهن به اهو ناهي چيو ته قتل واقعي کان پوءِ وارثن کي وٽس اچڻ گهرجي ها يا هن سان رابطو نہ ڪيو ويو پر هن صرف اهو چيو هو ته جيڪڏهن ڪولهي برادري جا ماڻهو واقعي کان اڳ سرفراز سان هلندڙ ڪنهن به تڪرار بابت ڪيس آگاهه ڪن ها ته شايد هي دل ڏکوئيندڙ واقعو پيش نہ اچي ها، پر ان بيان تي به بيجا اعتراض ڪيو ويو هن وڌيڪ چيو ته ٽي وي وارن کي اها به ڄاڻ نہ هئي ته ڪيلاش قتل واقعي جي وقت کان وٺي پيرولا شاري جو اڳواڻ امداد شاهه مسلسل وارثن سان گڏ رهيو جيڪو مير عرفان علي ڏالير سان به رابطي ۾ هو آئون پاڻ ايس ايس پي بدين کان وٺي آءِ جي سنڌ تائين رابطي ۾ هئس منهنجي تڪ جا ماڻهون مون کي چاهين ٿا آئون به سندن ڏک سک ۾ گڏ هوندو آهيان پيپلز پارٽي جو منشور عوام جي خدمت ڪرڻ آهي پارٽي جا عهديدار ورڪر ڪيلاش جي وارثن سان رابطي ۾ هئا اسان چاهيون ٿا ڪيلاش جو قاتل ڪيفرڪردار تائين پهچي ڪيلاش جي مالي مدد لاءِ وزيراعلي سنڌ سان ڳالهه ٻولهه ٿي آهي جڏهن ته واقعي جي ٻئي ڏينهن مير عرفان علي ڏالير پاڻ ڪيلاش جي تڏي تي پهچي يتيم معصوم ٻارڙن جي مٿي تي هٿ رکي هر ممڪن مدد جو يقين ڏياريو پر اها رپورٽ به صحيح نموني سان نشر نہ ڪئي وئي تعلقي صدر نياز محمد لاشاري سرور خان دلواڻي ۽ ٻين اڳواڻن پيپلزپارٽي خلاف غلط بياني ۽ سوشل ميڊيا تي ڦهلندڙ منفي پروپيگنڊا جي سخت مذمت ڪندي چيو ته هو هر گهڙي ڪولهي برادري جي وارثن سان گڏ آهن سرور خان دلواڻي چيو ته ڌرڻي کان اڳ اسان پاڻ ايس ايس پي سان ڳالهايو ۽ پوءِ ڪولهي برادري پاران ڌرڻو ختم ڪيو ويو جنهن ۾ به اسان ساڻن گڏ هئاسين امداد شاهه ميڊيا آڏو افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته هو قتل واري شام کان وٺي وارثن سان گڏ آهي جنهن جو شاهد خود زميندار اعجاز علي نظاماڻي به آهي ۽ ڪيس مير عرفان علي ڏالير ۽ سرور خان دلواڻي جي هدايتن تي ڪولهي برادري سان انصاف ملڻ تائين گڏ رهڻ جو چيو ويو هو پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته پيپلزپارٽي جي نمائندن خلاف بنا جواز واويلا ڪئي وئي ۽ ڌرڻي تي وڃي رپورٽ جي غلط رنگ ڏئي غير اخلاقي لفظ استعمال ڪيا ويا، جنهن جي هو سڀ گڏجي سخت مذمت ڪن ٿا

بقايا 36 گهر ۾ ڪهرام

ڇڏي واپس گهر طرف اچي رهيو هو ۽ ڪار سوري کان ڪراچي طرف وڃي رهي هئي شديد ڪوهيڙي سبب واقعو پيش آيو - فوتي نوجوان جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو سندس لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام واري صورتحال ڇانئجي وئي . هالا پوليس موجب ڊرائيور ۽ ڪار پوليس حراست ۾ آهي فوتيءَ جي وارثن موجب قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي .

بقايا 37 احتجاجي ريلي

بلا جواز ڪنهن جي چرچ تي بيگناهه قتل ڪيو آهي هنن چيو ته نادر جمالي هڪ زميندار هيو جنهن جو رڪارڊ سيني سامهون هو ڪيس گهران ڪڍي وڃي پوليس جوڙتو مقابلو ڏيکاري ماريو ويو آهي هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي جوڊيشل انڪوائري ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 38 انعام جو اعلان

پگهار (One Basic Pay) ۽ CC-Iتعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي جڏهن ته ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي پوليس ٽيم کي 50 هزار رپيا نقد انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي سي آءِ اي بدين جي انچارج سب انسپيڪٽر گل حسن لغاري پنهنجي ٽيم سان گڏ جديد ٽيڪنالاجي ۽ خفيه ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي مرڪزي جوابدار سرفراز نظاماڻي ۽ سندس سهولتڪار ظفرالله خان کي حيدرآباد مان گرفتار ڪيوايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي چيو ته ضلعي پوليس بدين ڏوهن خلاف ڪارروائين عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ قانون جي بالادستي لاءِ پرعزم آهي

بقايا 39 احتجاجي ڌرڻو

ميرپور ماٿيلو ٿاڻي پرسان ڪوثر ڪالوني ۾ پنج کان وڌيڪ هٿياربندن مرحوم سردار محمد مراد خان ڪولاچي جي پٽ ابرار خان ڪولاچي جي گهر تي چڙهائي ڪري گهر اندر داخل ٿيڻ بعد معصوم ٻارڙن کي پري ڪري ابرار ڪولاچي کي گوليون هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو اهڙي قسم جو اطلاع ڏيڻ باوجود ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو واقعي واري هنڌ نہ پهتو جنهن بعد وارثن ڪٿائي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو منتقل ڪيو جتي سهولتن جي اڻهوند سبب رحيم يار خان اسپتال ريفر ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نہ سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن جي لاش کي پرائيويٽ ايمبولينس ذريعي ميرپور ماٿيلو آندو ويو ٻي پاسي اهڙي ڏکائيندڙ واقعي بعد ڪولاچي برادري جي سوين ماڻهن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ايس ايس پي گهوٽڪي ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو بدر الدين برڙو خلاف نعريبازي ڪئي جنهن بعد مقتول جو لاش رکي قومي شاهراهه تي پڻ ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مقتول جي ڀاءُ ديدار علي عرف ڪوڙو خان ڪولاچي منصور ڪولاچي ، مقصود ڪولاچي اڪرم ميتلو جستم اڳواڻ فقير رمضان ڪلوڙ ڪمال مهر مير حسن لاشاري ۽ ٻين چيو ته ايس ايس پي گهوٽڪي ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو امن ۽ امان قائم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي ويو آهي سرعام ڏينهن ڏٺي جو هٿياربند گهر ۾ داخل ٿي نوجوان کي قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا آهن جيڪا ظلم ۽ لاقانونيت جي انتها آهي هنن چيو ته ايس ايس پي گهوٽڪي جي نااهلي جي ڪري شهري گهرن ۾ غير محفوظ بڻجي ويا آهن پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروايون ڪرڻ بجاءِ منشيات جي اڏن تان منٿليون وٺڻ تائين محدود ٿي وئي آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي شهيد ابرار ڪولاچي جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪري ايس ايس پي گهوٽڪي انور کيتران ۽ ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو بدر الدين برڙو کي معطل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ڪولاچي برادري پاران سموري پاڪستان اندر احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا 40 وارثن حوالي

منتقل ڪيو جڏهن ته نوجوان جي وارثن کي شاهينجون پوليس اطلاع ڪيو ۽ وارث اسپتال پهچي نوجوان جو لاش وصول ڪيو وارثن موجب نوجوان جو دماغي توازن درست نہ هجڻ ڪري اسان جو نوجوان فوت ٿي ويو آهي

بقايا 41 مظاهرو

ڪئي. ان موقعي تي فاروق علي سناٿي، اختيار علي سناٿي، ماروي خاتون ناژن خاتون شهناز خاتون سناٿي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه عرصو اڳ اسان آچر سناٿي کان ڳوٺ ۾ 120 ايڪڙ زمين خريد ڪئي هئي جيڪا اسان جي مائٽن ممتاز پٽ وزير سناٿي ارشاد، رشيد، اصغر جميل، عرفان سناٿي وارن وڪرائي ڏني هئي، زمين خريد ڪرڻ بعد اسان کان ڄاڻايل ٻاهر مائٽن 50 لک روپيا يعو يا 36 ايڪڙ زمين گهري، جنهن کان انڪار ڪرڻ تي ڄاڻايل ٻاهر جوابدارن پنهنجي 3 نامعلوم ساٿين سان گڏجي گذريل 6 جنوري تي زمين تي بيٺل اسان جي 3 ڄڻن ممتاز علي پٽ آدم خان سناٿي، نور نبي ۽ محمد حنيف سناٿي کي گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته واقعي ۾ هڪ ڄڻو غلام قادر سناٿي سخت زخمي ٿي پيس جيڪو هن وقت به علاج هيٺ آهي اهڙي واقعي جو ڪيس مٿي ڄاڻايل جوابدارن خلاف حد جي لاشاري ٿاڻي تي داخل ڪرايس پر پوليس صرف هڪ جوابدار ممتاز پٽ وزير سناٿي کي گرفتار ڪيو باقي جوابدارن کي پوليس گرفتار نہ پئي ڪري، جيڪي آزاد گهمي رهيا آهن ۽ اسان کي ڪيس تان هٽ ڪڍڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڄاڻايل جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ سان گڏ اسان کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي -

بقايا 42 راڄ ڪمار واڌواڻي

پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي فنانس سيڪريٽري لالا اسد پٺاڻ کي انهن جي بنا مقابلي ڪاميابي تي مبارڪباد ڏني آهي راڄ ڪمار واڌواڻي سکر پريس ڪلب جي صدر خالد بن پن سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر جاويد جتوئي، ڪئميرامين فوٽو جرنلسٽس جي صدر عمران شيخ نعيم غوري ۽ صحافي پينل جي سڀني عهديدارن کي انهن جي ڪاميابي تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته سکر پريس ڪلب هميشہ مظلومن ۽ سچ جي آواز رهيو آهي اميد آهي ته نوان چونڊيل عهديدار مستقبل ۾ به عوامي مسئلن جي حل، جمهوريت جي استحڪام ۽ سچائي سان گڏ بيٺا رهندي پنهنجي صحافتي ذميوارين سٺي نموني سان نڀائيندا رهندا

بقايا 43 مدد جي اپيل

تي مجبور آهي مريم نواز وس وارن کي هن ڏکئي گهڙي ۾ هرممڪن واهر ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 44 احتجاجي مظاهرو

شريف گهراڻي جو هڪ ماڻهو هيو پوليس ڪيس ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ڪري بعد ۾ ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي بيدردي سان قتل ڪيو مظاهرو ڪندڙن مطالبو ڪيو ته جوڊيشل انڪوائري ڪرائي نادر جمالي جي ناحق خون سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 45 احتجاجي مظاهرو

جمالي ، ساجد جمالي ، نجم الدين جمالي ، امام علي جمالي ۽ ٻين الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته دادو پوليس ونگار وهندڙ سوين ايڪڙ زمين جي مالڪ نادر جمالي کي ڪوڙو مقابلي ڄاڻائي شهيد ڪيو آهي اسان کي پوليس جي جاچ تي ڪو به اعتماد نہ آهي فوري طور جڊيشل انڪوائري ڪرائي وڃي هنن وڌيڪ چيو ته ايس ايس پي دادو عدالت کان معانهون قتل ڪيو آهي ڪيس قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي هنن چيف جسٽس آف پاڪستان ، وزيراعلي سنڌ ، آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته فوري طور معاملي جي عدالتي جاچ ڪرائي نادر جمالي کي ڪوڙو مقابلي ڄاڻائي قتل ۾ ملوث پوليس آفيسرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 46 دعويٰ

شاباشي جو پيغام ڏيندي چيو ته عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت پوليس جو فرض آهي جنهن جي ڪري ڏوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 47 ٻه وارداتون

فرار ٿي ويا ان حوالي علائقي واسين ميڊيا کي ٻڌايو ته بدامنيءَ ته رڻ ٻاري ڇڏيو آهي، علائقي واسي راتيون جاڳي ڪاٽڻ تي مجبور آهن ڇاڪاڻ ته ڌوهارين جي قابو ۾ سرعام ڌوهي وارداتون سرانجام ڏئي رهيا آهن جڏهن ته حد جي پوليس پنهنجي حد ڌوهارين جي رحم ڪرم تي ڇڏي سياري سخت سردي ۾ رات جي ٽائيم گشت ڪرڻ بجاءِ گرم بسترن سمل رهي ٿي جنهن ڪارڻ ڌوهاري بيخوف ٿي هڪ ئي رات ۾ ڪيترين وارداتون ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا، هنن ايس ايس پي خيرپور کان پرزور اپيل ڪئي ته خدارا سگهين ۽ ڀرپاسي ۾ وڌندڙ بدامنيءَ جو سختي سان نوٽيس وٺي علائقي واسين ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 48 لاتعلقي ظاهر

پنچائت قاضي احمد ۽ پنچائت سنڌ جي اڳواڻن سميت مختلف مکتب فڪر جي شخصيتين شرڪت ڪئي جن ۾ ايڊووڪيٽ لال چند ، ڊاڪٽر راجڪمار، لچيت مل ، گوبند رام ، ڊاڪٽر پريم ، سڪي ڪشن ، آصف رضا مگسي ، راشد مڪرم ، غلام حيدر سولنگي ، نياز لاشاري ، مسعود شاهه ، سانول ڪيريو ، خير محمد چنه ، بشير لاشاري ، امجد خانزاده ، غلام نبي ملاح ، ايڊووڪيٽ سڪندر ڪيريو ، قاضي جاويد سنائي سميت شهر جي سماجي ۽ واپاري نمائندن شرڪت ڪئي اي پي سي ۾ هندو پنچائت جي اڳواڻن ميڊيا آڏو وضاحت ڏيندي ٻڌايو ته راهول جندوهڙا اسان جو ٻچو هو نوجوان مندر جو شيوادار هو ان ڪري اهو ٿي ممڪن ئي ناهي جو هندو پنچائت ڪيس مارائڻ ۾ ملوث هجي ان ڪري اسين اوهان سيني کي اهو يقين ٿا ڏياريون ته اڄ ته ڇا پر جيڪڏهن 50 سالن کانپوءِ به جيڪڏهن راهول جي موت ۾ ڪو هندو پنچائت ملوث ثابت ٿي ته اسين هر قسم جو هنوار ڏينداسين هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن اسان کان ڪو ڪنهن به قسم جي ضمانت وٺندو ته اسين ڏيڻ لاءِ تيار آهيون هنن چيو ته اسين جنداهڙا برادري کي به اپيل ڪنداسين ته هو جذباتي ٿيڻ بجاءِ صبر کان ڪم وٺي اسان جو ساٿ جنداهڙا برادري سان گڏ آهيون هنن وڌيڪ چيو ته مڪيش جنداهڙو ڪجهه غلط بياني ڪري ڪيس کي منجهائڻ چاهي ٿو ان ڪري مڪيش سميت هر جنداهڙا برادري کي اپيل ڪنداسين ته هو هندو پنچائت سان گڏجي قاتلن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪن .

بقايا 49 اجلاس

پنهنجن ضلعن ۾ قائم پبلڪ اسڪولن جي انفرااسٽرڪچر ۽ مالي پيش رفت متعلق تفصيلي بريفنگ ڏني _ اجلاس ۾ مٽياري ، ٽنڊو محمد خان ۽ ٽنڊوالهيار ۾ قائم پبلڪ اسڪولن جي مڪمل ٿيڻ ۾ سست رفتاري جو جائزو ورتو ويو

بقايا 50 ڊي سي ڄامشورو

ضروري قدم کنيا وڃن ته جيئن ضلعي ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن سيني ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا باقاعدگي سان پيارايا وڃن

بقايا 51 مقبول هاليپوٽو

آف نارٿ سنا آمريڪا جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو شاهپورچاڪر ۾ سنا جي جوائنٽ سيڪريٽري علي خاصخيلي جي امڙ جي نالي تي قائم ڪيل فاطمه بي بي لائبريري جو افتتاح ڪيو انهيءَ موقعي تي گڏ ٿيل مختلف تنظيمن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن کي خطاب ڪندي سنا جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو ته سنڌ هزارين سالن کان پرامن خطو رهيو آهي موهن جي دڙي مان ڪي به هٿيار هٿ آيا هئا.

بقايا 52 احتجاجي مظاهرو

برادري ۽ شهرين سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪئي تفصيل موجب ڪجهه ڏينهن اڳ پوليس جي مبينا مقابلي ۾ بي ڏردي سان مارجي ويل نوجوان نادر جمالي جي وارثن انصاف لاءِ احتجاج جو اعلان ڪيو

بقايا 53 منعقد ڪيو ويو

ذميوارين تي زور ڀريندي فارميسي ۽ باقي جي شاگردن کي مخاطب ٿيندي چيو ته فارماسسٽ مريض جي زندگي بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو

بقايا 54 ملهايو ويو

هڪ ريلي ڪڍي وئي. ريلي کان اڳ جامع مسجد رڪيہ ۾ هڪ سيمينار پڻ منعقد ڪيو ويو.ريلي جي اڳواڻي سني سلامتي پاڪستان ضلع سکر جي صدر حافظ محمد زمان رباني ڪئي

بقايا 55 ڪاٽيو ويو

سراسر سچ آهي جنهن کان ڪو به انڪار نٿو ڪري سگهي سائين جي ايم سيد زندگي جا 30 سال قيد ۾ گذاريا ۽ پر پنهنجي موقف کان دستبردار نہ ٿيو هن سنڌ ۽ قوم سان بي انتها پيار ڪري سچي دنيان ۾ متعارف ڪرايو سائين جي ايم سيد جي فڪر ۽ فلسفي کي سنڌ جو هر باشعور ۽ وڏو سمجهي ٿو ان ڪري اسين به چئون ٿا ته سنڌ خوشحالي سائين جي ايم سيد جي فڪر ۾ آهي هن چيو ته هر سال جيان هن سال به ڪوٽڙي ۽ ڄامشورو مان وڏو قافلو سن پهچندو جتي سڄي سنڌ گڏجي سائين جي سالگره ملهائيندي

بقايا 56 گهٽي چانيل

لاشاري واقعي واري هنڌ کلو ڪوهر شهر پهتا. عملدارن واقعي واري جاءِ جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ شهر جي ماڻهن وارثن کان واقعي بابت ڄاڻ حاصل ڪئي

ٹینڈر نوٹس

ہیوی انڈسٹریز ٹیکسلا کینٹ

URAAN PAKISTAN

۱۔اچھی شہرت اور NTN کی حامل فرم سے درج ذیل اشیاء کے لئے لفافہ بند ٹینڈر مطلوب ہیں۔

Tender No	IT-8707 (FOR-B)	RT-6104 (FOR)
Description	Procurement Of Unicut Non-Soluble Oil	Up-gradation of Connecting Rod Vertical Boring Single Spindle Equipment.
Submission Date	28 Jan 2026, 10:30 AM	28 Feb 2026, 10:30 AM
Opening Date	28 Jan 2026, 11:00 AM	28 Feb 2026, 11:00 AM

۲۔ ٹینڈر کی ڈیٹیل ویب سائٹ www.ppra.org.pk اور www.hit.gov.pk دیکھی جاسکتی ہیں۔
مزید معلومات کے لئے فون نمبر (051)9315333/63215 پر بھی رابطہ کرسکتے ہیں۔

PID(I)5723/25

اسسٹنٹ ڈائریکٹر پروکیورمنٹ ہیوی انڈسٹریز ٹیکسلا کینٹ

خانپورمهر ويجهو هٿيارٻندن فائرنگ ڪري نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ لوهي ۾ هٿيارٻندن نوجوان عمران پٺي جي گهر ۾ گهڙي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪٺائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

نوجوان کي گهر جي گهٽي تي قتل ڪيو ويو آهي، وارثن جي اچڻ بعد ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي: ايس ايچ او

خانپورمهر (رپورٽ: سري چند ڪمار) خانپورمهر ٿاڻي جي حد، پوليس چوڪي شاهپور مهر جي ڳوٺ لوهي ۾ نامعلوم هٿيارٻندن نوجوان عمران پٺي جي گهر ۾ گهڙي آيا ۽ مٿس سڌي فائرنگ ڪئي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: هٿيارٻندن فائرنگ ۾ مارجي ويل نوجوان

ميرپور ماٿيلو ويجهو ٽرالر جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت ۽ ٻه ڄڻا زخمي

نيشنل هاءِ وي تي ٽڏون روڊ وٽ حادثي ۾ رحمت الله لکڻ ٽڏي تي دم ڏنو

حادثي ۾ زخمي ۽ لاش ڪٺائي پوليس اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ويجهو نيشنل هاءِ وي تي ٽڏون روڊ وٽ گذريل ڏينهن ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل جي ٽڪر جي نتيجي ۾ ڳوٺ ڄام محمد علي لکڻ واسي نوجوان رحمت الله لکڻ پٽ سوڀارو لکڻ فوت ٿي ويو آهي جڏهن ته ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا اطلاع تي پوليس پهچي نوجوان جو لاش اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

نصيرآباد: نادر جمالي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

نصيرآباد جي سول سوسائٽي پاران نادر جمالي جي خون سان انصاف لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

نصيرآباد (ن ع) نصيرآباد جي سول سوسائٽي پاران بدين ۾ قتل ٿيل نوجوان ڪيلاش ڪولهي جي قاتلن جي گرفتاري ۽ دادو پوليس هٿان مبينا ڪوڙي مقابلي ۾ مارجي ويل نادر جمالي جي خون سان انصاف لاءِ نوناري محلا کان ٿاڻي تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي سول سوسائٽي جا اڳواڻ امجد نوناري،

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر جي پ پ اڳواڻن ۾ اختلاف تيز، سريندر ولاسائي پاران قتل جون ڌمڪيون ملڻ جا الزام

بلاول هائوس جي ترجمان پاران پ پ ايم پي اي ارباب لطف الله جي پاءُ تي قتل جي سازش جو الزام مڙهي ڇڏيو

جيڪڏهن مونکي ڪجهه به ٿيو ته ان جي ايف آءِ آر ارباب عالم ۽ سندس ساٿين تي داخل ڪئي وڃي: ولاسائي

ڪلوئي ۽ ڏيپلو ۾ خانگي ٽارچر سيل هلايا پيا منهنجي ساهرن جي گهر تي پڻ حملو ٿيو آهي

مبينا فرنٽ مين 'ولي عامر' سندس خاندان کي نشانو بڻائي رهيو آهي: پ پ ايم پي اي جا الزام

مٺي (رپورٽ: نندلال لوهاڻو) پ پ ٿرپارڪر جي اڳواڻن ۾ اختلاف نبري نه سگهيا، اختلاف سنگين صورتحال اختيار ڪرڻ لڳا، بلاول هائوس جي ترجمان ايم پي اي سريندر ولاسائي پاران پ پ ايم پي اي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

اسان اڳ ۾ به اربابن سان مقابلا ڪيا آهن ۽ آئنده به منهن ڏينداسين: انجنيئر گيانچند

سريندر ولاسائي کي جان کان مارڻ جو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي اهڙي عمل جي سخت مذمت ڪريان ٿو

پ پ جي اعليٰ قيادت کي معاملي جو نوٽيس وٺي ڪارين ريڍن کي پارٽي مان ٻاهر ڪڍڻ گهرجي

مٺي : پ پ ضلعي ٿرپارڪر جي اڳوڻي صدر انجنيئر گيانچند پنهنجي موقف ۾ چيو آهي ته ارباب لطف الله ۽ سندس پاءُ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

بلاول هائوس جي ميڊيا انچارج جو صوبائي وزير داخلا کي تحفظ لاءِ خط

ارباب عالم مون قتل ڪرائڻ لاءِ ٻن همراهن کي ڀڇيو آهي: ايم پي اي سريندر

مونکي ۽ منهنجي گهر ڀاتين کي هنن مان هر وقت خطرو آهي، تحفظ ڏنو وڃي

مٺي: بلاول هائوس جي ميڊيا انچارج ۽ ايم پي اي سريندر ولاسائي ڪالهه صوبائي وزير داخلا ضياء لنجار کي هڪ خط لکي باقاعده

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

اربابن زمينن تي قبضا ٽارچر سيل قائم ڪري غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: محمد خان لنڊ

مٺي: ٻي پاسي پ پ جي باغي اڳواڻ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سريندر جا الزام اسان جي سياسي ساک کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش آهي: ارباب انعام الله

مٺي: ارباب لطف الله جي پاءُ ارباب امير

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ويجهو تيز رفتار مزدا ڪلٽي، هڪ پورهيت فوت، ٻه ڄڻا زخمي

ميرپورخاص روڊ تي حادثي ۾ گل محمد سميجو موقعي تي فوت ٿي ويو

حادثي ۾ زخمي قربان سميجو ۽ دودو چانهيون ۽ لاش کي اسپتال آندو ويو

ڪپرو (ن ع) ڪپرو ميرپورخاص روڊ تي کهيڙي رستي وٽ تيز رفتار مزدا ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ تعلقي ڏاهلي جي ڳوٺ سيڪيڙو واسي پورهيت گل محمد سميجو موقعي تي فوت جڏهن ته ڳوٺ اوڪراڙو واسي قربان سميجو ۽ دودو چانهيون زخمي ٿي پيا جن کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال ڪپرو آندو ويو فوتي ۽ زخمي ڳوارٽي ڪٽي پڙين ۾ وڪرو لاءِ آڻيندا هئا مزدا ڊرائيور موبائيل فون تي ڳالهائيندي موڙ اچڻ سبب گاڏي روڊ کان لهي کڏ ۾ ڪلٽي ٿي پئي.

هالا ۾ پيرسن عورت جو 6 مهينا اڳ گم ٿيل پاٽيڇي جي ڳولا ۾ مدد لاءِ احتجاج

هالا (ن ع)هالا پرسان ڳوٺ لقمان ڪوريجا جي رهواسڻ مسمات پوڙهي زال غلام المجتبيٰ ڪوريجو پنهنجي پاٽيڇي حمزا پٽ عبدالعليم ڪوريجو جي ڳولا ۾ مدد لاءِ هالا پريس ڪلب پهتي. مسمات پوڙهي زال غلام المجتبيٰ ڪوريجو ٻڌايو ته سندس پاٽيڇو 16 سالا حمزا پٽ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد،پشاور ۽ سرگوڌا ۾ شديد ڪوهيڙي سبب گاڏين هلڻ ۾ تڪليف ٿي رهي آهي

جيڪب آباد ۾ نينگر سان بدفعلي جي الزام هيٺ مسجد جو پيش امام گرفتار

پوليس ڳوٺ حبيب الله جمالي ۾ ڇاپو هڻي حافظ بخش علي بنگلاڻي کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدار مٿان 12 ورهين جي شاگرد تبارڪ جمالي سان بدفعلي ڪرڻ جا الزام، جاچ شروع

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي مولاداد ٿاڻي جي پوليس ڳوٺ حبيب الله جمالي ۾ مسجد جي پيش امام حافظ بخش علي بنگلاڻي کي 12 ورهين جي معصوم شاگرد تبارڪ علي جمالي سان بدفعلي ڪرڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو پوليس گرفتار ڪيل پيش امام مٿان نينگر جي والد جي فرياد تي بدفعلي جو ڪيس داخل ڪري ڪيس جيڪب آباد جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس جي ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان موجب ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو واسي نوجوان جو ڏيپلو ويجهو مبينا قتل خلاف وارثن جو مظاهرو

ڏيڍ مهينو اڳ نوجوان ارشاد علي ميمڻ جو ڳوٺ هيلاريو پرسان لاش مليو هو

ڪيس داخل ٿيڻ باوجود جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا، امڙ ڏاڏيءَ ۽ والد جو احتجاج

ٽنڊو باگو(ت ر) ٽنڊو باگو مان ڏيڍ مهينو اڳ گهران نڪرڻ کان پوءِ گم ٿي ويل نوجوان ارشاد علي ميمڻ جو ڏيپلو پرسان ڳوٺ هيلاريو پرسان جهنگ 7 ڊسمبر تي قتل ٿيل لاش مليو هو جنهن جي 9 ڊسمبر تي ڏيپلو ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ کي ڏيڍ مهينو گذري وڃڻ باوجود ڏيپلو پوليس پاران نوجوان جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف قتل ٿيل نوجوان جي والده زينت

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ٿل واسڻ جو مڙس جي مبينا زيادتين ۽ ظلمن خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)جيڪب آباد ضلعي جي تعلقي ٿل جي ڳوٺ صاحب ڏنو سومرو جي رهواسڻ مسمات رخسانا سومرو پاران پنهنجي مڙس جي مبينا زيادتين ۽ ظلمن

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ريڊيو پاڪستان جو رٽائرڊ ملازم احتجاج ڪري رهيو آهي

خيرپور پوليس جو منشيات فروش جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري

مختلف ٿاڻن جي پوليس ڪاروائي ڪري 5 جوابدارن کي گرفتار ڪيو

جوابدارن جي قبضي مان منشيات هٿ ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيو ويو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس جو منشيات فروش جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري، وڌيڪ 05 منشيات فروشن کي گرفتار ڪري انهن جي قبضي مان منشيات هٿ ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيو ويو. جڏهن ته ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو جي حڪمن تي عمل ڪندي مختلف ٿاڻن جي پوليس ڪاروائي ڪري منشيات فروشن کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته پير وسڻ ٿاڻي جي پوليس گشت دوران فيض واهه پل پرسان ڪاروائي ڪري منشيات فروش خادم حسين سولنگي کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان 1250 گرام چرس هٿ ڪري منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي پوليس

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

امير معاويه

حيدرآباد: امير معاويه جي يوم وفات تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

نوابشاهه لڳ سماجي تنظيم پاران عورتن جي حقن ۽ قانوني حل بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو

نوابشاهه (س ر)عورتن جي حقن ۽ قانوني حل بابت مصر جي واهه ڳوٺ ۾ آڌان ٽرسٽ جي زيرِ اهتمام هڪ آگاهي سيشن عورتن جي سماجي حقن ۽ انهن جي قانوني حل بابت مصر جي واهه ڳوٺ ۾ آڌان ٽرسٽ جي زيرِ اهتمام هڪ آگاهي سيشن منعقد ڪيو

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

دولتپورصفن لڳ صوفي بزرگ حضرت شاهه مصراڻي جو عرس مبارڪ شروع، ملهه ملاکڙو

دولت پور صفن(ن ع) سنڌ جي مشهور روحاني صوفي بزرگ حضرت شاهه مصراڻي المعروف مصر جيمير جو ساليانو عرس مبارڪ اڄ کان دولت پور لڳ ڳوٺ فيض

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

آءِ جي سنڌ سان انٽرنيشنل بزنس فورم جي وفد جي ملاقات، عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انٽرنيشنل بزنس فورم جي چيئرمين علي عرش خان جي اڳواڻي ۾ 8 رڪني وفد ڪراچي پوليس آفيس ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان سان ملاقات ڪئي جنرل سيڪريٽري عظيم عادل شيخ، فنانس سيڪريٽري سيد خرم انيس، نائب صدر شعيب يعقوب، سينئر نائب صدر حسن اختر خان ۽ ٻيا عملدار پڻ ان موقعي تي موجود هئا. وفد

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ شخص شالون وڪري لاءِ کڻي وڃي رهيو آهي

سنڌ پبلڪ سروس پاران ثقافت کاتي ۾ اسسٽنٽ ڪيوريٽر جي تحريري امتحان جو نتيجو جاري، پنج اميدوارن کي ڪامياب قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (SPSC)ثقافت ۽ سياحت کاتي ۾ اسسٽنٽ ڪيوريٽر (BPS-16)جي تحريري امتحان جو نتيجو جاري ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ۾ پنج اميدوارن کي ڪامياب قرار ڏنو ويو آهي ايس پي ايس سي پاران ڄاڻايل امتحان12 جنوري 2026ع تي ڪمپيوٽر بيسڊ ٽيسٽنگ (CBT)سسٽم تحت منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ضمير

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

اسان جي سڀني مسئلن جو حل صرف اسلام جي رستي تي هلڻ سان ئي ممڪن آهي: قاري محمد حنيف

سکر (بيورو رپورٽ) فيڊريشن آف عرب اسڪولز پاڪستان جي ڊائريڪٽر جنرل مولانا قاري محمد حنيف جالندري چيو آهي ته اسان جي سڀني مسئلن جو حل صرف اسلام جي رستي تي هلڻ سان ئي ممڪن آهي مدرسن جي آزادي تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو مدرسا مذهبي تعليم جي فروغ ذريعي سڄي دنيا ۾ ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪري رهيا آهن قرآن ۽ سنت ۾ تعليم فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي انهن خيالن جو اظهار هن

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ 22 رجب جي مناسبت سان گهر گهر نياز امام جعفر صادقؑ جو اهتمام ڪيو ويو

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي ۾ 22 رجب جي مناسبت سان گهر گهر نياز امام جعفر صادقؑ جو اهتمام فرزند رسول حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جي يوم نياز (ڪونڊن) جي سلسلي ۾ تعلقي ڏگهڙي ۽ ٻين علائقن ۾ روحاني ۽ ايماني ماحول ڏسڻ ۾ آيو شهر جي فضا عقيدت ۽ احترام سان واسجي وئي ۽ هر مڪتبه فڪر جي ماڻهن پنهنجي توفيق موجب نياز جو دسترخوان سجائي اهلبيت اطهارؑ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو نياز ۽ تقريبون: قصري بخاري هائوس ڏگهڙي ۾ زوار سيد بشير احمد شاهه نقوي جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ نوجوان اتحاد طرفان دادو پوليس جي مبينا مقابلي ۾ نوجوان جي مارجڻ خلاف مظاهرو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ نوجوان اتحاد طرفان دادو پوليس پاران مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل نادر خان جمالي جي وارثن سان انصاف لاءِ ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي نوجوانن اسد الله ڍڍي، عبدالواحد کيريو، ماجد انڙ، وسيم سمون، محمد عامر ڍڍي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته دادو پوليس بيگناهه نادر جمالي کي ڪوڙو مقابلو ڏيکاري بيدردي سان قتل ڪيو آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا اسان سنڌ جا نوجوان نادر جمالي جي وارثن سان گڏ بيٺل آهيون هنن چيو ته شهيد نادر

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۾ ٻن ڏينهن کان موبائيل فونن جا سگنل غائب، علائقي واسين جو رابطو ڪٽجي ويو

ننگرپارڪر (ن ع ننگرپارڪر ۾ ٻن ڏينهن کان ٽيليفون، موبلنڪ، وارد موبائيل نيٽورڪ جا سگنل نه هجڻ سبب صارفين پريشان ٿي ويا آهن نيٽورڪ نه هجڻ سبب صارفين جو رابطو ئي ڪٽجي ويو آهي جڏهن ته يوفون نيٽورڪ ۾ مسلسل هڪ سال کان وڌيڪ عرصي کان فالٽ هجڻ سبب صارفين سخت پريشان آهن ننگرپارڪر ۾ نيشنل بئنڪ جو سسٽم پڻ نيٽورڪ نه هجڻ ڪري عوام

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سرگوڌا: شاگرديائيون ٽيبل ٽينس کيڏي رهيون آهن

حيدرآباد ۾ سماجي تنظيم آفيس جي نوجوان سيڪيورٽي گارڊ جو گوليون لڳل لاش مليو

پڃائي نگر ۾ قائم آفيس تي ڊيوٽي ڪندڙ منصب ولد دريا خان لغاري جو لاش ڪمري مان هٿ آيو

نوجوان جي گهر وارن سان تڪرار بعد هن ڪيس طلاق ڏني هئي جنهن بعد پريشان رهندو هو: وارث

حيدرآباد(ڪرائيم رپورٽر) حيدرآباد جي پڃائي نگر ٿاڻي جي حد ۾ قائم هڪ اين جي او جي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ نوجوان سيڪيورٽي گارڊ جو پيٽ ۾ گوليون لڳل لاش هٿ آيو آهي جيڪو اطلاع تي پوليس لاش تحويل ۾ وٺي سول اسپتال حيدرآباد مان پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ دادو پوليس هٿان مبينا مقابلي ۾ نادر جمالي جي قتل خلاف مظاهرو

جمالي برادري پاران بستي، بهر اسٽاپ، پڃائي ڪالوني، بهار ڪالوني ۽ ٽائون ريلي ڪڍي وئي

نادر جمالي کي سوچيل سمجهيل سازش تحت ماريو ويو آهي، واقعي جي عدالتي جاچ ٿيڻ گهرجي: اڳواڻ

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ۾ جمالي برادري پاران دادو ۾ پوليس هٿان مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل نادر جمالي واقعي خلاف جمالي برادري جا خاندان يونس جمالي جي اڳواڻي ۾رسائيٽ ڪوٽڙي جي علائقن خدا جي بستي،بهر اسٽاپ،پڃائي ڪالوني ،بهار ڪالوني ۽ ڪوٽڙي ٽائون کان ٿيندي احتجاجي ريلي ڪڍي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڪوٽڙي پهچي ويئي ان موقعي تي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

پان سيدآباد ۾ دادو پوليس هٿان مبينا مقابلي ۾ نوجوان جي مارجڻ خلاف مظاهرو

جمالي برادري پاران نوجوان نادر جمالي جي واقعي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

پوليس ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي نادر کي سازش تحت بيدردي سان قتل ڪيو آهي: اڳواڻ

پان سيدآباد (ن ع) پان سيدآباد ۾ جمالي برادري پاران عزيز الله جمالي، ڊاڪٽر حمزو خان جمالي، مراد جمالي، فياض جمالي، اظهر حسين جمالي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٻاءِ پاس روڊ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي جمالي برادري جي ماڻهن دادو پوليس خلاف سخت تنقيد ڪندي نعريبازي ڪئي مظاهرين ميڊيا اڳيان ڳالهائيندي چيو ته نادر

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ بند پيل عمارت مان نامعلوم شخص جو لاش پراڻو هٿ آيو

دڙي ٿاڻي جي حد الله والي مسجد واري علائقي ۾ بند پيل عمارت مان لاش مليو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي دڙي ٿاڻي جي حد الله والي مسجد واري علائقي ۾ بند پيل عمارت ۾ نامعلوم همراهه جو لاش هٿ اچڻ تي اهڙو اطلاع علائقي واسين حد جي پوليس کي ڏنو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل وٺي لاش ڪٺائي پوسٽ مارٽم لاءِ چانڊڪا اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو ان حوالي سان حد جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر جبل جي ڪٽائي خلاف بک هڙتال جاري، مظاهرو

ڪارونجهر سڄاڳ فورم جي اڳواڻن 48 هين ڏينهن به پنهنجو احتجاج جاري رکيو

پهاڙي سلسلي کي ورلڊ هيريٽيج ۾ شامل ڪري سنڌ جي تاريخي ورثي کي بچايو وڃي: اڳواڻ

ننگرپارڪر (ن ع) ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 48هين ڏينهن به بک هڙتال احتجاج جاري ڪارونجهر سڄاڳ فورم جي اڳواڻن الهرکيو کوسو غلام مصطفيٰ ڏل جي اڳواڻي ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 48هين ڏينهن به بک هڙتال ڪري احتجاج ڪيو ويو احتجاجي ڪئمپ تي هيرو ٻاوو ،ننور لوهاڻو ،راجچند ڪولهي ،مدد علي کوسي سميت مختلف ماڻهن شرڪت

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ مري برادري پاران بي سيڪشن پوليس جي ناانصافين خلاف مظاهرو

آل پاڪستان مري اتحاد جي اڳواڻن ياسين، ستار، نور محمد، جميل مري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پنجن مهينن کان اسان جي گهرن مان چوريون ٿي رهيون، پوليس جوابدار گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي: الزام

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) آل پاڪستان مري اتحاد ضلعي ٽنڊوالهيار جي اڳواڻن پاران بي سيڪشن پوليس جي ناانصافين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي ياسين مري ، ستار مري ، نور محمد مري ، جميل مري ، غلام حسين مري ، مبارڪ مري ، حاجي بالو خان مري ۽ ٻين احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته گذريل پنجن مهينن کان

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ حبيب بينڪ جي ٽن ملازمن سميت 4 ڄڻن خلاف فراڊ جو ڪيس داخل

اڳوڻي بينڪ مئنيجر بهادر لاشاري نوين ڪمال شهزاد سليم ۽ خانگي شخص لڇمڻ داس خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدارن منهنجي بينڪ اڪائونٽ مان فراڊ ذريعي پندرهن لک رپيا ڪڍي ورتا آهن: ارحم آرائين

ڏگهڙي(ن ع)حبيب بينڪ ڏگهڙي برانچ جي ٽن ملازمن ۽ هڪ نجي شخص خلاف ڏگهڙي ٿاڻي تي فراڊ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. شهري ارحم آرائين ڏگهڙي ٿاڻي تي اڳوڻي بينڪ مئنيجر بهادر لاشاري آپريشن مئنيجر نوين ڪمال،ريليشن شپ مئنيجر شهزاد سليم ۽ نجي شخص لڇمڻ داس خلاف ڪيس داخل ڪرائيندي موقف اختيار ڪيو آهي ته منهنجي بينڪ اڪائونٽ مان ڄاڻايل بينڪ ملازمن فراڊ ذريعي پندرهن لک رپيا لون جي مد ۾

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: لطيف آباد ۾ روڊ جي تعمير جو ڪم ڪيو پيو وڃي

خيرپورپوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلو، ٻه ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار

ميهڻ هوٽل پرسان مقابلي ۾ نويد ڦلپوٽو ۽ ڪمپٽ مان آفتاب ڦلپوٽو کي گرفتار ڪيو: پوليس

زخمي ڌوهارين کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، ايس ايس پي پاران انعام جو اعلان

خيرپور(ڊ ر)ٻابرلو ٿاڻي جي پوليس ۽ ڌوهارين قومي شاهراهه تي ميهڻ هوٽل پرسان مقابلو ٿيو مقابلي دوران پوليس هڪ ڌوهاري نويد ڦلپوٽو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هن جي قبضي مان هٿيار هٿ ڪيا آهن جڏهن ته زخمي ڌوهاري کي علاج لاءِ سول اسپتال خيرپور جي پوليس وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو آهي . جڏهن ته ڪمپٽ پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر مان چور بيڪري جي ڇت ٽوڙي لکين رپيا روڪ ۽ سامان کڻي ويا

گهوٽڪي بس اسٽينڊ وٽ چورن مهتاب ميراڻي جي بيڪري جي ڇت ٽوڙي

چور لکين رپين جي نقد رقم ۽ قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا

خانپورمهر(ن ع) گذريل رات خانپور مهر ٿاڻي جي حد خانپورمهر ۾ گهوٽڪي بس اسٽينڊ وٽ نامعلوم چورن مهتاب ميراڻي جي بيڪري جي ڇت ٽوڙي اندر داخل ٿي لکين رپين جي نقد رقم ۽ قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ ڊهڪاءُ پکڙجي ويو جڏهن ته

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

صوبائي محتسب جو واضع حڪم آهي ته سنڌ جي هر ڪم واري جڳهه کي عورتن لاءِ احترام جو ماحول بڻايو وڃي: اقبال آرائين

سکر (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل آفيس سکر پاران عورتن کي نوڪري واري جڳهه تي هراسانگي کان تحفظ بابت گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول اولڊ سکر ۾ هڪ اهم

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ميهڙ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري عبدالغني ميراڻي لاڏاڻو ڪري ويو

ميهڙ(ن ع) آزاد ميهڙ پريس ڪلب ميهڙ جو جنرل سيڪريٽري سينئر صحافي پيارو دوست عبدالغني ميراڻي اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ سبب لاڙڪاڻو کان سکهر ويندي هن دنيا مان هميشه لاءِ اسان کان وڇڙي ويو آهي مولا پاڪ سندس کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ٻئي طرف آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي سڀ پاران گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي هڪ هنگامي لاءِ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا جي 72 هين سالگره جوش ۽ جذبي سان ملهائي وئي

پريس ڪلب ۾ ٿيل تقريب ۾ سينيئر اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا صرف سياستدان نه پر بدين جي عوام جي حقن جو سچو محافظ آهي: اڳواڻ

بدين (ڊ ر) اڳوڻي صوبائي وزير ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا جي 72 هين سالگره بدين پريس ڪلب ۾ انتهائي جوش ۽ جذبي سان ملهائي وئي تقريب ۾ مرزا گروپ جي سينيئر اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجي محبوب قائد کي خراج تحسين پيش ڪيو تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن حاجي هاشم سومرو عبدالرزاق سومرو وزير خاصخيلي ۽ بشير نوتڪاڻي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ نادر علي جمالي جي قتل خلاف جمالي برادري جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين خان صاحب جمالي، مشتاق جمالي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

قتل ڪيس داخل ڪري جوڊيشنل انڪوائري ڪرائي جوابدارن کي سزا ڏني وڃي

بدين (ڊ ر) دادو ضلعي ۾ پوليس پاران قتل ڪيل شهيد نادر علي جمالي جي قتل خلاف جمالي برادري ۽ سول سوسائٽي پاران ٽنڊو باگو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين خان صاحب جمالي مشتاق جمالي غلام حسين جمالي احسان جمالي،غلام مصطفيٰ جمالي سليم جمالي،اڪبر جمالي ۽ علي حيدر پهنور جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن پريس ڪلب بدين آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو.آنهي موقعي تي مظاهرين پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته دادو پوليس بيگناهه ۽ سئو ايڪڙن جي زميندار نادر علي جمالي کي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

بدين: پ ٽ الف سکي بدين جا نوان چونڊيل عهديدار

پ پ ايم پي اي مير الهه بخش ٽالپر مقتول ڪيلاش جي ٽڏي تي پهتو، وارثن کي هڪ لک رپيا امداد

راڄو خاناڻي جو چيئرمين مير عرفان ٽالپر، تعلقي صدر نياز محمد لاشاري، مرزو خان دلواڻي ۽ ٻيا مقتول جي گهر پهتا

ڪجهه چينلن تي منهنجي بيان کي ڪجهه پيپلزپارٽي مخالفن غلط رنگ ڏئي پيش ڪيو ويو: پ پ ايم پي اي

واقعي بعد ايس ايس پي کان وٺي آءِ جي سنڌ تائين رابطي ۾ هئس تڪ جي ماڻهن سندن ڏک سک ۾ گڏ آهيان

تلهار (رپورٽ: راشد خميسو دلواڻي) پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي مير الهه بخش ٽالپر، چيئرمين راڄو خاناڻي مير عرفان علي ٽالپر تعلقي تلهار جي قيادت سميت تعلقي صدر نياز محمد لاشاري،

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

بدين: ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

هالا واسي نوجوان روڊ حادثي ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

قومي شاهراهه تي حادثي ۾ 28 ورهين جو نويد جوڻيجو فوت ٿي ويو

نوجوان جو لاش اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد گهر پهچڻ تي ڪهرام

هالا (ن ع) هالا پرسان سانڌڻ قومي شاهراهه تي ڪار جو اچانڪ موٽر سائيڪل سان حادثو پيش آيو حادثي ۾ هالا واسي ٿلهي روڊ جو رهواسي 28 سالا نوجوان نويد پٽ دين محمد جوڻيجو موقعي تي فوت ٿي ويو. واقعي واري هنڌ هالا پوليس پهچي فوتي جو لاش تعلقا اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته ڪار ڊرائيور کي ڪار سميت تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. فوتي نوجوان نويد پنهنجي پاءُ کي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي بدين پاران ڪيلاش ڪولهي جا جوابدار گرفتار ڪندڙ پوليس ٽيم لاءِ انعام جو اعلان

بدين (ن هه) تلهار ٿاڻي جي حدن ۾ پيش آيل ڪيلاش ڪولهي جي بيدردانه قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن جي ڪامياب گرفتاري تي آءِ جي سنڌ جاويد اختر اوڍو پاران پوليس ٽيم لاءِ هڪ بنيادي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

شهدادپور جي جمالي برادري پاران نادر جمالي قتل خلاف احتجاجي ريلي

مظاهرين غلام نبي، محمد خان، عمران ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

نادر جهڙي معزز کي بلا جواز ڪنهن جي جرم ۾ بيگناهه قتل ڪيو آهي، جاچ ڪئي وڃي

شهدادپور(ن ع) دادو پوليس پاران پوليس مقابلو ڄاڻائي قتل ڪيل زميندار نادر جمالي جي واقعي خلاف شهدادپور ۾ لطيف پارڪ کان شهدادپور پريس ڪلب تائين جمالي برادري جي ماڻهن ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي ان موقعي تي مظاهرين غلام نبي جمالي محمد خان جمالي عمران جمالي، عنايت جمالي ۽ ٻين چيو ته دادو پوليس ونگار ڪندي هڪ زميندار معزز کي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ۾ هٿيارٻندن جي گهر تي ڪاهه، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو، احتجاجي ڌرڻو

ڪوٽر ڪالوني ۾ هٿيارٻندن ڪولاچي برادري جي چڱي مڙس ابرار ڪولاچي گوليون هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا

زخمي کي اسپتال آندو ويو جتان سهولتن جي کوٽ سبب رحيم يار نيو پي ويو ته رستي ۾ دم ڏٺي حوالي ڪيو

اطلاع تي ڪولاچي برادري سميت سياسي سماجي اڳواڻن پاران احتجاجي ڌرڻو جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو(ن ع) ايس ايس پي گهوٽڪي ايس ايچ او ميرپور ماٿيلو بدر الدين ٻرڙو امن و امان قائم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي ويا آهن ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن صبح جو پنج وڳي ڌارين

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ٺٽون ڳوٺ پرسان نوجوان جو لاش هٿ، سڃاڻپ بعد وارثن حوالي

قاسم شاهه ٻيلي پرسان لاش جي اطلاع تي پوليس پهچي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

سڃاڻپ محمد حسن پٽ مصري کوسو طور ٿيڻ تي ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

ٺٽون ڳوٺ(ن ع) ٺٽون ڳوٺ ويجهو شاهه پنجو پوليس ٿاڻي جي حد ۾ گذريل رات قاسم شاهه ٻيلي پرسان ٺٽون ڳوٺ روڊ سان نوجوان جو لاش هٿ آيو جنهن جي سڃاڻپ ڪڙر کوسو واسي محمد حسن پٽ مصري کوسو ٿي شاهه پنجو پوليس جاءِ واردات پهچي نوجوان جو لاش سرڪاري اسپتال

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ٺٽون ڳوٺ: نوجوان جو مليل لاش جنهن کي وارثن حوالي ڪيو ويو

رتوديرو لڳ قتل ٿيل 3 ڄڻن جي ڪيس ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مظاهرو

قتل ٿيلن جي وارثن عورتن، مردن ۽ ٻارن پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

پوليس صرف هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو آهي، ٻيا ڌوهاري آزاد گهمن پيا: وارث

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ رتوديرو تعلقي جي لاشاري ٿاڻي جي حد ڳوٺ بهادر خان سناٽي ۾ هفتو اڳ زميني تڪرار تان قتل ٿي ويل 3 ڄڻن جي ڪيس ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارث عورتن مردن ۽ ٻارن پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

مٺي لڳ لوڪ فنڪاره مريم ناز جي گهر کي باهه، الهه تلهه سڙي رک، متاثره پاران مدد جي اپيل

مٺي (ڊ-ر) ٿر جي لوڪ فنڪاره مريم ناز جي گهر کي اوچتو باهه لڳڻ سبب ٻه لانڍيون مڪمل طور سڙي خاڪ ٿي ويون آهن ۽ گهر ۾ پيل نياڻين جو ڏاج، گهر جو ڪاڏي پيٽي جو سامان هنڌ بسترا ۽ روز مره جي استعمال جون سڀ شيون سڙي رک ٿي ويون ۽ سخت سرديءَ جي موسم ۾ هي غريب گهراڻو کليل آسمان هيٺ ويهڻ

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

سکر پريس ڪلب هميشه مظلومن ۽ سچ جي آواز رهيو آهي: راج ڪمار واڌواڻي

اميد آهي ته نوان چونڊيل عهديدار مستقبل ۾ به عوامي مسئلن جي حل لاءِ آواز اٿاريندا

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سکر ميناريٽي ونگ، ضلعي سکر جي جنرل سيڪريٽري راج ڪمار واڌواڻي سکر پريس ڪلب جي عهديدارن، سکر يونين آف جرنلسٽس ۽ ڪئميرامين فوٽو جرنلسٽس،

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڪپڙن اڻڻ لاءِ ڌاڳن کي رنگي سڪايو ويو آهي

ڪپرو ۾ جسقم پاران نادر جمالي جي خون سان انصاف لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڪپرو(ن ع) شهيد چوڪ ڪپرو تي جسقم اڳواڻن دوست علي پٽي، علي حيدر شر، حسن سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهري بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ دادو پوليس نادر جمالي کي بيگناهه قتل ڪيو جنهن جي مذمت ڪيون ٿا هنن چيو ته نادر جمالي هڪ خانداني ۽

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ جمالي برادري جو نادر جمالي جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

سڪرنڊ (ن ع) هڪ هفتو اڳ دادو ۾ مبينه طور پوليس مقابلي ۾ شهيد ڪيل نادر جمالي جي قتل واري واقعي خلاف جمالي برادري پاران نوجوان جمالي اتحاد جي پليٽ فارم تان قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي علي رضا جمالي، مير عابد جمالي، اسد جمالي، غلام مصطفيٰ

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران ڦريل رقم 3 لک 55 هزار رپيا هٿ ڪري مالڪ حوالي ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر)ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو جي حڪمن تي عمل ڪندي خيرپور پوليس هڪ ٻي شاندار ڪاروائي ڪئي آهي قومي شاهراهه جي ٻابرلو ٿاڻي جي حد ڪرم آباد پرسان شهري اسدالله شيخ کان ڦريل ڪيش رقم 3 لک 55 هزار رپيا هٿ ڪري اصل مالڪ حوالي ڪري ڇڏيا. واضح رهي ته پوليس مقابلي دوران زخمي ٿيل ڌاڙيل آفتاب ڦلپوٽو ۽ نويد ڦلپوٽو کان پڇا ڳاڇا دوران ڦريل ڪيش رقم هٿ ڪئي وئي جڏهن ته ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو ڪامياب ڪاروائي تي پوليس ٽيم کي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ ناري چنگچي رڪشا ۾ منزل ڏانهن وڃي رهي آهي

سنا سنڌ جي سوين شاگردن کي اسڪالرشپ ڏئي پڙهائي رهي آهي: ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو

شاهپورچاڪر(ن ع) آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جي تنظيم سنڌي ايسوسيئشن

بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 5

سڱهيون ۽ پرپاسي ڌوهاري بي قابو، هڪ رات چوري جون ٻه وارداتون

ڳوٺ محمد بخش شيخ واسي حاڪم شيخ جي گهران چور مينهن ڪاهي ويا

ڳوٺ نهال مشوري مان طارق مشوري جي پاڻيءَ واري بورينگ پڻ چور کڻي ويا

سڱهيون (ن ع) سڱهيون ۽ پرپاسي سرديءَ ۾ اضافو اچڻ شرط ئي ڌوهاري بي قابو ٿي ويا جتي گذريل رات ڳوٺ محمد بخش شيخ جي رهواسي حاڪم شيخ جي گهر مان نامعلوم چور پلوڙ نسل مينهن چوري ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا، ٻي طرف ساڳي ئي رات ڳوٺ نهال مشوري مان طارق مشوري جي پاڻيءَ واري بورينگ تان نامعلوم چور موٽر چوري ڪري آسانيءَ سان

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ هندو پنچائت پاران نوجوان راهول ڪمار جي قتل کان لاتعلقي ظاهر

ٻه هفتا اڳ نوجوان جو لاش ملڻ واري واقعي بعد مختلف شهرن جي پنچائت جو ڪٺ ٿيو

جيڪڏهن راهول جي قتل ۾ هندو پنچائت ملوث ثابت ٿي ته هر وهنوار ڏينداسين: اڳواڻ

سڪرنڊ (ن ع) لڳ ڀڳ ٻه هفتا اڳ سڪرنڊ شهر جي مندر مان نوجوان راهول ڪمار گرونانڪ جي تصوير جي بي حرمتي ڪرڻ بعد غائب ٿي وڃڻ ڪانپوءِ سندس هڪ هفتو اڳ سرهاڙي ڪينال مان لاش مليو جنهن تي جنداهوڙا برادري پاران مندر انتظاميه تي الزام ڪانپوءِ هندو پنچائت سڪرنڊ پاران سڪرنڊ مندر ۾ اي پي سي گهرائي وئي جنهن ۾ پنچائت نوابشاهه،

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد جي صدارت ۾ مختلف اسڪيمن جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس

اجلاس ۾ مٽياري، ٽنڊومحمدخان، ٽنڊوالهيار ۽ ٻين شهرن جي عملدارن شرڪت ڪئي

پبلڪ اسڪولن کي ترجيح بنيادن تي فعال بڻائڻ کي يقيني بڻايو وڃي: فياض عباسي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي جي زير صدارت صوبائي اي ڊي پي اسڪيم سنڌ ۾ پبلڪ اسڪولن جي قيام (05 يونٽس) جي تحت جاري منصوبن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اهم اجلاس ڪمشنر هائوس حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو محمد خان اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوالهيار سپرنٽينڊنگ انجنيئرز ايجوڪيشن ورڪس سرڪل ون ۽ ٽو حيدرآباد ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي ۽

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

پوليو مهم کان اڳ مڪمل ۽ جامع مائيڪرو پلان تيار ڪيو وڃي: ڊي سي ڄامشورو

ضلعي ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن سڀني ٻارڙن کي ڦڙا باقاعدگي سان پيارايا وڃن

اجلاس دوران پوليس ۽ رينجرز عملدارن کي پوليو ورڪرن کي مڪمل سيڪيورٽي ڏيڻ جي هدايت

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ ايندڙ پوليو مهم جي تيارين جي حوالي سان ڊي سي آفيس ڄامشورو جي دربار هال ۾ هڪ اهم اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري چيو ته پوليو مهم شروع ٿيڻ کان اڳ مڪمل ۽ جامع مائيڪرو پلان تيار ڪيو وڃي، جڏهن ته ضلعي ۾ گذريل پوليو مهم جي ڪارڪردگي جو به تفصيلي جائزو ورتو ويو. هن چيو ته ايندڙ مهيني شروع ٿيندڙ پوليو مهم کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ سمورا

بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ پوليس جي مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان نادر جمالي جي وارثن جو احتجاجي مظاهرو

مظاهري ۾ سول سوسائٽي، وڪيلن، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪئي

واقعي جي شفاف عدالتي جاچ ڪرائي ملوث پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي: مظاهرين

جيڪڏهن جائز مطالبا نه مڃيا ويا ته 18 جنوري تي انڊس هاءِ وي تي ڌرڻا هڻي شاهراهن کي بند ڪيو ويندو

دادو(رپورٽ-ولي محمد لنڊ) دادو ۾ پوليس جي مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان نادر جمالي جي وارثن جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ سول سوسائٽي، وڪيلن، سياسي، سماجي اڳواڻن، ڪاروباري

بقايا نمبر 52 ڏسو صفحو 5

دادو: نادر جمالي جي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ فارميسي ۽ باٽني شعبي پاران نون شاگردن لاءِ اورينٽيشن سيشن منعقد ڪيو ويو

خيرپور(ڊ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ فارميسي ۽ باٽني شعبي پاران نون شاگردن لاءِ هڪ جامع اورينٽيشن سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن جي صدارت وائس چانسلر ميريٽوريس پروفيسر ڊاڪٽر يوسف خشڪ ڪئي پنهنجي اهم خطاب ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر يوسف خشڪ لاڳاپيل شعبن جي حوالي سان سماجي

بقايا نمبر 53 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ سيدنا حضرت امير معاويهؓ جو يوم وفات 22 رجب المرجب وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

سکر (بيورو رپورٽ)ملڪ جي ٻين شهرن وانگر سکر ۾ پڻ ڪاتب وحي جليل القدر صحابي سيدنا حضرت امير معاويهؓ جو يوم وفات 22 رجب المرجب وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ان سلسلي ۾ سني سلامتي پاڪستان (ايس ايس پي) ضلع سکر جي اهتمام هيٺ جامع مسجد ربانيه ايوب گيٽ کان سکر پريس ڪلب تائين

بقايا نمبر 54 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ سائين جي ايم سيد جي 122 هين سالگرهه تقريب ڪيڪ ڪاٽيو ويو

جسقم آريسر اڳواڻ عبدالفتاح فتاح چنا جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ سيد جي سالگره ملهائي وئي

سائين جي ايم سيد سراسر سچ آهي جنهن کان ڪو به انڪار نٿو ڪري سگهي: اڳواڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي جي علائقي مسڪين ڪالوني ۾ چنا هائوس تي جسقم آريسر اڳواڻ عبدالفتاح فتاح چنا جي صدارت ۾ اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن بعد سائين جي ايم سيد جي 122 هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽيو ويو جنهن ۾ قومي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي جسقم اڳواڻ عبدالفتاح چنا خطاب ڪندي چيو ته سائين جي ايم سيد

بقايا نمبر 55 ڏسو صفحو 5

نوري آباد ويجهو نوجوان جو پراسرار موت ڳجهارت بڻيل، علائقي واسين ۾ ڳڻتي ڇانيل

ايس ايڇ او اياز ابڙو ۽ وڏو منشي آفيسر لاشاري ڪلو ڪوهر پهچي واقعي واري جاءِ جو جائزو ورتو

نوجوان حبيب الله پالاري جا ڪپڙا ۽ بسترو به رت سان ڀريل هئا، وارثن پاران قتل جو شڪ ظاهر

نوري آباد(ن ع) نوري آباد ويجهو ڪلو ڪوهر شهر ۾ فوت ٿيل نوجوان حبيب الله ولد گل محمد پالاري جي اوچتي موت واري واقعي بعد علائقي ۾ ڳڻتي ۽ بيچيني جي لهر ڇانيل آهي واقعي جي اطلاع ملڻ تي يوسي چيئرمين ، ايس ايچ او نوري آباد سب انسپيڪٽر اياز ابڙو ۽ وڏو منشي آفيسر

بقايا نمبر 56 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.